# رهاڻ هيرن کاڻ

(جلد ستون)

تحقيق ۽ تاليف:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

# رهاڻ هيرن ڪاڻ

## (جلد ستون)

تحقيق ۽ تاليف:

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

**سنڌي ادبي بورڊ**
ڄام شورو سنڌ
2006ع

[مصنف جا حق ۽ واسطا قائم]

ڇاپو پهريون | سال 2006ع | تعداد هڪ هزار

[رهاڻ هيرن ڪاڻ جو هيءُ جلد ستون مصنف طرفان سنڌي ادبي بورڊ
کي بنا ڪنهن معاوضي جي شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو. نبي بخش]

ڪمپوزنگ: احسان علي لغاري

قيمت: پنجانوي رپيا
**[ Price Rs. 95-00 ]**

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
**Email Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه
ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

’رهاڻ هيرن کاڻ‘ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي نامياري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جي تحقيقي ڪاوش آهي. دراصل هيءَ تحقيقي ڪاوش ’رهاڻ هيرن ڪاڻ‘ جي سري هيٺ هڪ تحقيقي سلسلو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن جي سگهڙن، شاعرن ۽ سالڪن سان ڪيل ڪچهريءَ جو تذڪرو ڪيو ويندو آهي. ’رهاڻ هيرن ڪاڻ‘ سلسلي جي هيءَ ستين ڪڙي آهي، جيڪا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن بورڊ کي ڇپائڻ جي صورت ۾ عنايت ڪئي.

هن پرچي ۾ سورهيه بادشاهه سائين صبغت الله شاهه راشدي، حُرن جي انگريزن سان جنگ، شاعر ثناءُ الله ثنائي جي ياد ۾، خواجه خضر ۽ مهترالياس، نسب ناما ۽ قبيلا، شهر ٺٽي ۾ ذاتيون ۽ قبيلا وغيره جهڙن اهم ۽ جاندار موضوعن تي رهاڻ رڃايل آهي. اميد ته ڪجي ته پڙهندڙ حضرات هن ڪتاب مان ضرور استفادو حاصل ڪندا.

ڄامشورو، سنڌ
اربع ٦- رجب المرجب ١٤٢٧هه
بمطابق 2- آگسٽ 2006ع

**اعجاز احمد منگي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# عنوانن جي فهرست


- مهاڳ ١-٢
- تاريخ ٣ — ٨
- سورهيه صبغت الله شاهه جي آخري هدايت ٩ — ١١
- حرن جي انگريز سان ٽولا ٽولا جنگ ١٢ — ١٨
- ويا سي وينجهار ١٩ — ٢٤
- غوثي طريقي جا چار مٿير مهندار ٢٥ — ٣٦
- سنڌي نظم جي صنف ”منظوم بند“ ٣٧ — ٤٠
- جَمل ڪيئن جڙيو ٤١ — ٥١
- ظرافت، خوش طبعي ٥٢ — ٥٨
- شاعر ثناء الله ثنائي جي ياد ۾ ٥٩ — ٦٤
- ابيات قانونچه تصوف ٦٥ — ٧٨
- سنڌ جا قديم شهر: حسن باغبان ٧٩ — ٨١
- هُرلاءِ نار، هاري ۽ مجيري، ونديون ۽ پٽيون ٨٢ — ٩٧
- خواجه خضر ۽ مهتر الياس ٩٨ — ٩٩
- عشق الائي ڇا؟ ١٠٠ — ١٠١
- مشاعرو ١٠٢ — ١١٩
- قلمي ڪتابن ۾ سنڌ جي عالمن جون تحريرون ١٢٠ — ١٢٢
- صاحبڏنو فقير ٽنيو ١٢٣ — ١٢٤

• نسب ناما ۽ قبيلا ۱۲۵ — ۱۳۴

— ڳاها — چپر- ڪوهستان جا رند ۱۲۵ — ۱۲۷

— ڏيرا — مانجهند ۱۲۹ — ۱۳۰

— ناريجا — اوٺا ۱۳۰ — ۱۳۱

— باريچا — ٻُڪيرا ۱۳۲ — ۱۳۳

— شهر ٺٽي ۾ ذاتيون ۽ قبيلا ۱۳۳ — ۱۳۴

• ڪڇهري ’چپر- ڪوهستان‘ ۱۳۵ — ۱۵۰

# مهاڳ

هي رهاڻ هيرن ڪاڻ آهي. پنجاهن سالن واري دور (۱۹۵۰-۲۰۰۰ع) ۾، سنڌ جي سڄڻن ۽ سگهڙن سان ڳوٺن شهرن، واهڻن وسين ۾ رس رهاڻيون ٿيون جن جو هيءُ مواد يادگار آهي. ڪن پيارن ترغيب ڏني ته آءٌ پنهنجي سوانح عمري لکان؛ ڪنهن حد تائين هي منهنجي سوانح عمري آهي.

هن ذخيري ۾ شامل ڳالهيون سڀ نيون آهن، ۽ گهڻيون سڀ نه اڳ لکيل آهن ۽ نه ڇپيل. ڪن ڳالهين کي رهاڻ واري رنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ پڙهندڙن کي مخاطب ٿي ڳالهايو ويو آهي. ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ۽ پڙهندڙ کي ڪيئي نيون ڳالهيون ٻڌايون ويندييون ۽ ڪيئي نيون معنائون وهجايون ويندييون. غور سان پڙهڻ ۽ پرجهڻ وارن لاءِ هن ذخيري ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ راڄن جي رهڻي ڪهڻي، ڳالهه ٻولهه، سرت سمجهه، دانائي دورانديشي، خوشي خوشطبعي، ۽ شعر ادب جا من موهيندڙ مثال موجود آهن.

هن ذخيري ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي راقم گهڻو اڳ جدا جدا موقعن تي جدا جدا ڪچهرين ۾ ٻڌيون. ٿي سگهي ٿو ته ڪي صحيح نموني سان نه ٻڌايون ويون هجن يا نه سمجهيون ويون هجن، ۽ جيئن ته اهي هڪ وڏي وقفي کان پوءِ هت بيان ٿيون آهن انهيءَ ڪري ڪي پوريون ياد به نه رهيون هجن. پڙهندڙ مهربانن کي گذارش آهي ته جيڪڏهن ڪين ڪا وڌيڪ صحيح صورتحال معلوم ٿئي ته پنهنجي پيار ۽ پاٻوهه سان درستي ڪن.

هي اڻ کُٽ خزانو آهي جيڪو ڪنهن حد تائين منهنجي لکيل ياداشتن ۾ موجود آهي پر گهڻي حد تائين منهنجين يادگيرين ۾ محفوظ آهي. وقت ۽ فراغت آهر، ان کي قسطن وار شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. پهرين ڇهن جلدن جي اشاعت بعد هي 'رهاڻ هيرن ڪاڻ' جو ستون جلد آهي جيڪو شايع ٿي رهيو آهي.

هي سلسلو، سنڌ جي مختلف موضوعن، سنڌ جي عوامي جذبن احساسن، ڳُڻن ڳالهين ۽ مشغلن مارڪن جو آئينو آهي جنهن اڳتي هلي اهو معلوم ٿئي ته ويهين صدي ۾ (۽ پڻ ان کان اڳ) سنڌ جي

عام زندگيءَ جا ڪهڙا نقش نشان هئا ۽ ڳالهين ڳُڻن جا ڪهڙا خاص عنوان هئا.

هن ڪان اڳ وارين ڇهن اشاعتن ۾، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جا قديم شهر، سنڌ ۾ ظرافت جو انداز، ۽ سنڌ جي عام مقبول شاعريءَ جي مواد ۽ بين ادبي موضوعن ڪانسواءِ، هينين خاص علمي ۽ تجرباتي موضوعن ڪي تحقيق جي روشني ۾ بحث هيٺ آندو ويو آهي.

- سنڌ جي موسيقي 'ڪافي'
- سنڌ جي اوپڙ، نباتات (باٽني)
- سنڌ ۾ بازداري جي مهارت (زوئلاجي)
- سنڌ جو آسمان، تارا ستارا (استرانامي/ استرالاجي)
- سنڌ جو درياءَ ۽ ان جا وهڪرا (جاگرافي)
- سنڌ ۾ مال وارن جي مالڪيءَ جا نشان
- سنڌ ۾ هنرمندي: لوهارن جي ڪاريگري (ٽيڪنالاجي)
- سنڌ جا نسب ناما قبيلا (ايٿنالاجي)
- محبت جون مقالون (نفسيات)
- نوءَ يا وايو منڊل (Atmospherics)'

هن اشاعت ۾ صدين تائين سنڌ ۾ کيتي جي ڏنڊي ۽ رهٽي کهٽي يعني سنڌ ۾ 'هُرلا ۽ نار، هاري ۽ مجيري، ونڊيون ۽ پٽيون' جي نظام بابت تحقيق کي شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ 'سنڌي هُرلي' جي ايجاد کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي جيڪو، قدامت جي لحاظ سان، 'هيدرالڪ ٽيڪنالاجي' جو شاهڪار آهي. ان ڪانسواءِ، اٺ جي پيدايش ۽ پرورش کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. 'چپر- ڪوهستان جي ڪچهري' هن سلسلي جو نئون موضوع آهي. ان کان اڳ لاڙ، ناڙي، ڪاري ۽ ناري جي ڪچهرين جا بيان اچي چڪا آهن.

٢٠- مارچ ٢٠٠٦ع
علامہ آءِ، آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ

خادم العلم
نبي بخش

# تاريخ

**• مخدوم بلاول ۽ ڄام نظام الدين جو شجرو**

عباس فقير معروف پوٽي راهو(بن حاجي محمد موسيٰ بن محمد صالح بن محمد عبدالحڪيم بن حافظ مقيم بن محمد بن نظرمحمد) سان ٢٦ ڊسمبر ١٩٨٨ع تي ناري ۾ ڳوٺ پير بخش فقير ڳاهو ۾ رهاڻ ٿي. چيائين ته سندن ڪٽنب ۾ نظر محمد حافظ ۽ محدث هو، پندرهن ويهه سال مديني شريف ۾ رهيو ۽ پوءِ هت آيو ۽ وفات ڪيائين سندس پٽ محمد به حافظ ۽ حديث جو ڄاڻو هو. انهن وڏن کان وٺي وٽن شجرو رکيل آهي جيڪو ڄام راهو تائين پهچي ٿو. ان شجري مان هينيون نقل ڪيو ويو.

— مخدوم بلاول نقشبندي طريقي جو هو. سندس والد مخدوم حسن هو ۽ سندس ڏاڏو مخدوم ادريس جيڪو ڄام نظام الدين جو ياءُ هو.

— مٿي پيڙهي هن طرح: ڄام نظام الدين بن ٻانيٽيو بن انڙ بن صلاح الدين، بن تماچي پيو بن خيرالدين بن تماچي اول بن انڙ اول بن ٻانيٽيو بن جوڻو بن لاکو بن ڳاهو بن لاکو بن راهو. (تحقيق جي لحاظ سان، هي پيڙهي غور طلب آهي- نبي بخش)

**• مقام مڪلي، ٺٽو**

مڪلي جو تاريخي مقام جُئن پوءِ تئن زوال پذير آهي. سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي حاڪم ۽ حڪمران هن مقام ۾ مدفون آهن، جن جي تربتن تي تاريخون لڳل آهن. انهن بابت خاص تحقيق جي ضرورت آهي. ٻه حاڪم گهراڻا، سما سلطان ۽ ترخان، مڪلي ۾ مدفون آهن. ترخانن کان پوءِ، ٺٽي ۾ مغلن جا ڪي گورنر هت مدفون آهن ۽ پڻ ميان نورمحمد عباسي جا مقرر ڪيل ٻه عملدار مڪلي ۽ ان جي پسگردائي ۾ آهن. تحقيق ڪندڙ لاءِ ضروري آهي ته مڪليءَ جي مقام جو هر حصو ياڳو پوريءَ طرح جانچي. مثلاً: مڪلي جي مکيه مقام کان وٽيرڪو ڏکڻ طرف وارو مقام آهي جنهن ۾ وڏن پلارن بزرگن جون تربتون آهن پر ان ۾ ڪي تربتون

ڪن حاڪمن جون بہ آهن. مثلاً: رضوي ساداتن جي مقام ۾، شاعر غلام مرتضيٰ شاهہ مرتضائي ۽ شاهہ زمان شاهہ جون تربتون معلوم آهن پر انهن جي وڏي سيد ڪمال الدين شاهہ جي تربت آهي جيڪو روايت موجب مغلن طرفان ٺٽي جو آخري گورنر هو، جنهن کي ميان نورمحمد معزول ڪيو. ڪمال الدين شاهہ جي پوٽي ذوالفقار علي شاهہ جي تربت آهي جيڪو ميرن صاحبن جي وقت ۾ وزير هو؛ حيدرآباد جي قلعي جي سنيال سندس حوالي هئي ۽ قلعي جي دروازي وٽ سندس رهائش هئي. رضوي ساداتن جي هن مقام ۾ ۽ درگاهہ سيد يوسف شاهہ کان بہ اوير طرف سلطان سامٽيي جي قبر آهي جيڪو ميان نورمحمد طرفان ٺٽي جو گورنر مقرر ٿيو هو. ان کان اڳ ميان نورمحمد جو ناڪام گورنر مسو فقير نوتڪاڻي هو، جنهن جي قبر مڪلي کان ڏکڻ- اوير ڳچ مفاصلي تي سيد حسين جي مقام ۾ آهي.

- **مير بجار خان کي نذرانو ڪيل تلوار**

ڪلهوڙن جي آخري دور ۾، سيوهڻ ۽ جوهي طرف جي ڪوسن ۽ جمالين جي وچ ۾ جنگ لڳي. ڪوسن جو اڳواڻ ٻلو بداڻي هو ۽ جمالين جو اڳواڻ جنگو خان جمالي هو. ٻلو بداڻي وڏو پهلوان هو ۽ سندس ترار جي وڏي هاڪ هئي. ان جنگ ۾ ٻلو مارجي ويو، سندس ترار جنگو خان کي ملي جنهن اها مير بجار خان کي نذراني طور پيش ڪئي. (ٻلي ۽ جنگو خان واري جنگ لاءِ ڏسو ڪتاب 'جنگناما')

- **ڪتاب 'تذڪرة الانساب'**

هي ننڍڙو فارسي قلمي ڪتاب مون مرحوم محمد حنيف صديقي جي ڪتابن ۾ ڏٺو ۽ شايد انهن ڪتابن مان هو جيڪي سکر جي خداداد خان (لب تاريخ جو مصنف) جي پوئين وٽان ڪيس دستياب ٿيا. هي ڪتابڙو، ڀُڄ (ڪڇ) جي هڪ سومري (جنهن جو نالو ڏانو ويو) جي چوڻ تي فقير عبدالرحمان تاريخ ڇهين محرم مهيني سنہ ١٢٢٤هہ ۾ پورو ڪيو. هن ڪتاب ۾، سنڌ جي ڪن بزرگن ۽ قبيلن بابت مختصر بيان هئا جن مان هيٺيان مون نقل ڪيا:

- سومره: حضرت علي جي فرزند اڪبر جو اولاد آهن: (وقوم سومره ڪہ درين ملڪ سند هستند همه اولاد محمد اڪبر بن علي رضہ هستند)
- علوي: اهي سڀ حضرت علي رضہ جي ٽن پٽن محمد اڪبر، طالب ۽ زيد جو اولاد آهن.
- سمه: سمه قوم جيڪا بہ جتي بہ سنڌ ملڪ ۾ آهي سا ابو سام بن ابولهب جو اولاد آهي. ڪن جي چوڻ موجب، سمه قوم جمشيد بادشاهہ جي اولاد مان آهي. (وهمه قوم سمه که هر همه در ملڪ سند موجود هستند اولاد ابوسام بن ابولهب مي باشند و بعضي گويند که قوم سمه از اولاد بادشاهہ جمشيد.......). سمن جو وڏيڪ ويجهو ڏاڏو ڄام ڳهڙ نالي آهي جنهن سنڌي شاعر چيو آهي تہ:

ڳهڙ سنڌي ڳجهڙي، اچي جال جڳٿ
سما تو سـر چـٺ، پاڳارا پرس ٻئا.

(اصل عبارت: وجد اقرب قوم مردم سمه جام ڪوهر نام است چنانکه شاعر بزبان سندي گفتہ)
- مخدوم فيروز قريشي: هن بزرگ جو احوال وڌيڪ تفصيل سان ڏنل آهي تہ هو عبدالرحمان بن حضرت ابوبڪر رضہ جي اولاد مان آهي. سندس مقبره مڪلي جي مقام ۾ مشهور آهي. پنجويهن سالن جو هو جو سنہ ٩٣١هہ هجري ۾ عرب مان سنڌ ۾ آيو. ان وقت، شاهہ ميران جونپوري (اصل. زين پوري) جي مهدويت جي دعويٰ عرب ۾ هلي ۽ عربَ عالمن ان ڪي رد ڪيو. اها خبر (هت سنڌ ۾) مخدوم فيروز آندي. قصو مختصر تہ شاهہ ميران پنهنجي وطن مان عرب ملڪن ڏي وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ سنڌ مان ڪاغذ جي ڪرامتي ڪشتي وسيلي ٻيڙي تي سوار ٿيو ۽ ان جو رسو اولياءَ ڪرام ڪان پئي ڇڪايائون. جڏهن باغبان جي ويجهو پهتو تہ بادشاهہ جا چوبدار جيڪي ساڻس هم رڪاب هئا تن مخدوم بلال ۽ سندس مريدن ڪان جن مان هڪ سئو سترهن حاضر هئا رسي ڇڪڻ لاءِ زور رکيو. آخر سيد حيدر ڇِياٽي جيڪو سنائي سيدن جو ڏاڏو ۽ مخدوم بلال

جو مريد ۽ ڪرامت وارو هو تنهن حقيقت معلوم ڪري پنهنجي ڪرامت سان (شاهه ميران جي) ڪاغذي ڪشتي ڪي پيجي درياء ۾ لوڙهي ڇڏيو. ان ڪان پوءِ شاهه ميران عرب ۾ پهتو ۽ مهدويت جي دعويٰ ڪيائين. اها سڄي پيرائتي پڪي خبر هن ملڪ (سنڌ) ۾ مخدوم فيروز آندي. مخدوم موصوف جيد عالم هو ۽ شهر ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين جيڪو هن طرف جي عالمن فاضلن جو مرڪز هو. شهر ٺٽي جي مخدوم حماد جي نياڻي سان شادي ٿي، جنهن مان ٻه پٽ ٿيا: مخدوم سليمان ۽ محمد افضل (جنهن جو مقبره گجرات ۾). مخدوم سليمان کي ٻه پٽ ٿيا: قاضي ابراهيم ۽ قاضي عبدالغني. محمد افضل کي هڪ پٽ ٿيو محمد ڪريم. قاضي ابراهيم ٺٽي شهر جي آگر محلي ۾، اوير طرف، پڪي مسجد ٺهرائي جيڪا سنه ١٢٢٤هه ۾ زبون حالت ۾ موجود هئي. قاضي ابراهيم سيوهڻ ۾ وفات ڪئي جتي سندس مقبره آهي. قاضي عبدالغني (حيدرآباد ۾ شاهه محمد مڪي تي رڪيل) کي ڇهه پٽ ٿيا: محمد انور، قاضي سليمان (مڪان ناهيه ۾ مدفون) فيض الله، سعد الله ۽ نعمت الله. قاضي سليمان کي ٽي پٽ ٿيا: قاضي احمد، محمد افضل ۽ محمد اڪرم. قاضي احمد جو پوٽو محمد حيات (بن محمد اشرف) مٽياري ۾ مدفون آهي. محمد اڪرم کي گهڻو اولاد ٿيو، جن مان عبدالباقي (پٽ محمد قاسم پٽ محمد اڪرم، پٽ محمد حفيظ پٽ محمد محسن پٽ محمد اڪرم) سنه ١٢٦٤هه ۾ ملان ڪاتيار ۾ رهندڙ هو.

● **دارالعدالت قلعه حيدرآباد**

ٽالپورن جي دور ۾، سنڌ جي وڏي عدالت (چيف ڪورٽ) حيدرآباد جي قلعي ۾ قائم هئي. ان جو خاص انتظامي نالو "دارالعدالت قلعه حيدرآباد" هو. اگهم ڪوٽ ۾، مخدوم محمد اسماعيل سومره جي مجاورن جي خاندان مان ميين غلام نبي وٽ مون تاريخ ٢٢- مارچ ١٩٥٩ع تي هڪ دستاويز ڏٺو، جنهن ۾ نصرپور جي ساداتن مان مقبول شاهه جو بيان هو جيڪو "دارالعدالت قلعه حيدرآباد" جو وڏو قاضي (چيف جسٽس) هو. پاڻ پنهنجو سڄو نالو هن طرح لکيائين:

”بنده درگاه الاهي سيد محمد مقبول واعظ قاضي دارالعدالت قلعہ محروسه حيدرآباد“

سندس سچو نالو هن طرح:

” سيد محمد مقبول بن سيد ابُل شاهه بن سيد ميرمحمد بن سيد عبدالرسول بن سيد نعمت الله.“

## ● ٽالپورن جي حڪومت جو نظام

هن نظام ۾ راڄن ۽ راڄدارن کي وڏي اهميت هئي. تاريخ ٢٦ ڊسمبر ١٩٨٨ع تي ناري ۾ ڳوٺ پير بخش فقير ڳاهو ۾ ڪچهري ٿي، جنهن ۾ خيرپور رياست ۾ ميرن جي حڪومت بابت هيٺيون خاص ڳالهيون بيان ٿيون:

— خيرپور رياست جي تعلقي ناري جُبي جي حد هندوستان سان لڳي. انهيءَ حد سان ڪوٽ قلعا تعمير ڪيا ويا.

— ٽي سئو چورس ميل حد. ڏکڻ ڏانهن جوٽيجن جي بڪار، اتر طرف ڀنيرن جي زمينداري سان، ڳوراهو ۽ ڳورن واري ڪان ڏکڻ ”ڪارو ڪبڙ“، اتي ڏوري هٽي اگر پوريائون. اگر ڳرندا نہ، انهيءَ ڪري حد جو دائمي نشان هئا. اولهہ طرف ديهہ پير بخش ڳاهو ۽ ناري جي آبادي، اوڀر طرف راڄڙ ۽ پير ”سِتيهي واريون ڪنديون“ ۽ ”ميران چر“. ميرن جو مختيارڪار ٻارهين ڪوهين تي منزل ڪندو هو. ٽي منزلون خاص هيون. ڳولهٽو، مقام واري ۽ ننگرو.

— تجل ڪان چودنگي يا ”ٻڌي ٻائري“ جتي جوڌپور، جيسلمير، خيرپور ۽ انگريزن جي علائقي جي حد ملندي هئي.

— قومن جا وڏا چڱا تن کي زمينون، سندون ۽ پروانا ڏنائون. راڄن کي صلح ۾ رهڻ لاءِ راڄوٽي قدم ڪنيائون. ڳاهن ۽ راڄڙن جون حدون ۽ نزاع نبيريائون. ڳاهن ۽ مهرن جا پڪا فيصلا ڪيائون.

— مختار ۽ ڪامدار نہ رکيو بلوچن مان پر سيني قبيلن قومن مان مقرر ڪيائون. فقير پير بخش ڳاهو تنهن جو پيءُ فقير موجن، ڳاهڪي ۽ اطراف جو مختيارڪار هو.

ـــ ميرن صاحبن جي خاص سيڪريٽريٽ جو نالو ”شاهي دروازو“. راڄن قومن تي ٿورو ڏن ۽ محصول جنس طور مقرر ٿيل هوندو هو. فقير موجن کي ٽي سو چورس ميل ڪاٽي ۾ ڏنا ويا. زمين ٻن ڪان پنجن انن روپين ايڪڙ تي ڏني وئي. ڪاردار سرڪاري ماپ لاءِ آيا، ويا ماپيندا ۽ ڏيندا تان جو فقير پاڻ بس ڪئي. ان جي عيوض فقير ٺوَ اُٺ جنس طور ۽ فقط نوي روپيا روڪڙا ساليانو ”شاهي دروازي“ تي ڏيندو هو.

ـــ سرڪاري فيصلي جي روبڪاري جو مثال: ”روبڪاري مورخ ۱۸- جنوري ۱۹۱۲ع سنزل ڪوٺ ڏجي وڏيره موجن پٽ جيئند ڳاهو زميندارن جو ٽڙن جي زميننداري بابت تڪرار هو، جن لاءِ تاريخ ۱٦- جون ۱۸۹۹ع جي زميندارن جي روبرو هينيان ٽڙ اوهانجي زميننداري ۾ حقا ثابت ٿيا. جناب حضور وزير صاحب بهادر جي حڪم ۱۰۸۰۳ تاريخ ۵ اپريل ۱۹۰۳ع موجب هي روبڪاري ڏجي ٿي. ۲۰ نومبر ۱۹۰۴ع منزل سوراهه.“

تفصيل ٽڙن جو

مانڌلو، مهڙو، وارث وارو، موڪرو، بادل وارو، ٻانديو، ننگرو، واءِ ۽ منڊراهو.........جملي ٦۳ نالا، انهن ۾ هڪ امام ڳڙهه وارو ڪوٽ.

# سورهيہ صبغت الله شاهہ جي آخري هدايت

عثمان فقير پنيرو وينل لڳ راڻيپور، پير صاحب جن جي خدمت ۾ هو. حمالي هو ۽ سفر ۾ محفو کڻندو هو. عثمان فقير سان ٩-جنوري ١٩٩٥ع تي 'ملڪو واهڻ' ۾ راقم جو ملڻ ٿيو. سندس زباني بيان تہ:

پير سائين جن پهريائين ڪيٽي ۾ فقير گهرايا ۽ فرمايائون تہ: 'فقيرو سر ڏيو غازي ٿيو'. آءٌ ان وقت اتي موجود هئس. پوءِ بنگلي تي گهرايائون. آءٌ سهراب فقير راڄڙ جي سنگت ۾ هوس. آءٌ دير سان پهتس ۽ سهراب فقير جو ٽولو اڳ ۾ سڏ تي حاضر ٿي زيارت ڪري هليو ويو هو.

– ڪيٽي ۾ پاڻ چيائون تہ: هي ملڪ اسان مسلمانن جو آهي، پنهنجو آهي: هن جي اوهان کي حفاظت ڪرڻي پوندي. جيڪي انگريزن جو طرف ڪٽندا تن سان وڙهڻو پوندو. ٻين جو نالو نہ ونجو.

– گڙنگ بنگلي تي پاڻ چيائون تہ: مڙس ماڻهو ٿجو. اوهان تي تڪليفون اينديون پر مڙس ماڻهو ٿجو. ايمان سلامت رکجو. قيامت ڏينهن ملنداسون.

ملوڪ فقير لغاري، 'سالم جماعت جو (مارشل لا وقت سکر جيل ۾) وينل گمهہ جو پر چوڪي جيسلمير ۾)، تنهن ڳوٺ نڪرانو، تعلقو روهڙي ۾ ٩ فيبروري ١٩٩٤ع تي ڪيل ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو تہ پير سائين جن سندن ڪيٽي ۾ جڏهن پهريائين فقيرن کي سڏائي 'غازي' ڪيو، تڏهن ساڳئي ڏينهن تي 'غازي ٽيڻ' لاءِ پهريون سڏ جيسلمير وارن کي ٿيو، ٻيو سڏ گمهہ وارن کي جن جو مک احمد فقير درس هو، ۽ ٽيو سڏ اڃڙي تر وارن فقيرن کي. جيسلمير وارن جو مک غازي فقير هو ۽ اسان جيسلمير وارا سورهن سئو کن فقير هئاسون. گمهہ وارا ست سئو کن فقير هئا، ۽ اڃڙي تر وارا بہ گهڻا هئا. پير صاحب جن غازين کي جيڪا هدايت ڪئي تنهن مان هي لفظ مونکي ياد آهن:

”فقيرو، اوهان ڪي جس رحمت هجي، توهان ڪي مان روضي ڌڻي جي جهولي حوالي ڪري ڇڏيو. جنت جي حوالي ڪري ڇڏيو، پنهنجو ايمان سلامت رکجو. فقيرو، جئن مان ڪي هت ڏسو ٿا، قيامت ۾ به ائين گڏ هونداسون.“

پاڻ سالم ۽ فرق کي هڪ صلاح ڪيائون. پير صاحب جن ايندڙ حالات جي مدنظر ڪي قدم کنيا، جن مان هڪ وڏو قدم اهو جو سالم ۽ فرق کي هم صلاح ۽ هڪ ٿي رهڻ جي هدايت ڪيائون. علي محمد فقير راجڙ، ٦- آڪٽوبر ١٩٩٤ع تي سندس اوطاق (لڳ ڪپرو) تي راقم سان ملاقات لاءِ گهٽا فقير سڏيا. اتي باغ فقير مرحوم جي زباني بڌل هيٺين روايت بيان تي ۽ سڀني تصديق ڪئي.

- سالم ۽ فرق وارا بنگلي گڙنگ واري تي سڏيائون، سالمن کي جدا ۽ فرق وارن کي جدا جدا ٻڪري ڏنائون ۽ فرمايائون ته: ”کهي وڏي ٽڪي تيار ڪري رکو، جيسين تائين مان اچان.“ پاڻ آيا ته گوشت گڏايائون ۽ هڪ ئي دولي ۾ چاڙهيائون.
- گوشت چڙهيو پيو هو جو فقيرن کي سڏيائون. پاڻ هڪ ڪاني ڪٽي ڀڳائون ۽ چيائون ته ”فقيرو هڪ ڪاني هئي سا ڀڄي پئي!“ پوءِ ست اٺ ڪانيون ڪنيائون ۽ چيائون ته: ”فقيرو، گڏ اهي ڪانيون ڪين ڀڄنديون، پر جي اٺ مٿان وينو ته به ڪين ڀڄنديون. اوهان فرق ۽ سالم ائين يڪمشت ٿي رهجو، هن کان اڳتي فرق ۽ سالم تي نه رهجو، يڪمشت ٿي رهجو جو دشمن جو مقابلو ڪجو ته فتحياب ٿيندو!“

**• شهادت کان اڳ هدايت**

شهادت کان اڳ گڙنگ جي بنگلي تي، پير صاحب جن فقيرن کي سڏيو ۽ هدايتون ڏنيون. پاڻ جڏهن به بنگلي تي پئي آيا ته هدايتون ٿي ڏنائون، ڪي اڳ ۽ ڪي پوءِ. بالڪل آخر ۾ ڏنل هدايتن بابت جدا جدا فقيرن جي زباني جدا جدا بيان معلوم ٿيا. هيٺين زباني باغ فقير راجڙ (پاڙو جمردين) جيڪو بنگلي تي موجود هو.

- گڙنگ جي بنگلي تي، وريام فقير خاصخيلي، محبت فقير ٻهڻ، عبدالله فقير راجڙ، شيخيو راجڙ ۽ عمر ورياهه به هئا جو فقيرن

کي هدايت ڪيائون تہ: انگريزن ۽ انگريزن جي پوئلڳن خلاف جدوجهد ڪجو! پر ڪڏهن بہ لڄالٽ نہ ڪجو ۽ ننگن جي لڄ رکجو.

- ڊُرو فقير ڪارڙو (ڳاهو) جي زباني (تاريخ ٢٥ فيبروري ١٩٩٦ع، اوطاق قائم فقير ينيري تي ڪيل ڪچهريءَ ۾ بيان. پاڻ چيائون تہ:

  ”جيڪي خيال ۽ خطرا اوهان جي دلين ۾ آهن، تن کي اسان سمجهون ٿا.“

— وريام فقير کي چيائون تہ: ”اسان توکي شينهن ڪري اٿاريون ٿا.“ وريام فقير پوءِ سڀ ڪجهہ ترڪ ڪيو.

- برهان فقير راڄڙ (پاڙو هاشم جا) ٻڌايو تہ: بنگلي تي پاڻ فرمايائون تہ: ”اسان ڪان هاڻ پويون وقت آهي. اوهان پنهنجي همت ڪجو، مقابلا جاري رکجو.“

— آخري وقت ۾، بنگلي تي پاڻ چيائون تہ: ”اسان فيصلو ڪيو آهي تہ اسان هتي ئي هونداسون، ميدان نہ ڇڏينداسون، پر جيسين تائين اسان سر نہ ڏينداسون تيسين تائين انگريز نہ ويندو.“ اهو ٻڌي غازي رنا. تڏهن پاڻ چيائون تہ : ”اوهان پاڻ کي مضبوط ڪريو، همت نہ هارجو، مقابلو جاري رکجو“ (انهيءَ هدايت موجب فقيرن سندن شهادت بعد بہ مقابلو جاري رکيو تان جو انگريز ويو ۽ پاڪستان ٿيو).

# حرن جي انگريز حڪومت سان ٽولا ٽولا جنگ

١٩٤٢ع ۾ حرن فقيرن انگريزن سان 'ٽولا ٽولا' تي 'گوريلا جنگ' ڪئي، ۽ پنهنجو سالاراعظم 'سورهيہ سائين صبغت الله شاهہ' کي ڪري سمجهيائون: سندن صورت مبارڪ ۽ سندن هدايت جا الفاظ هر حال ۾ فقيرن لاءِ رهنما رهيا.'حرن' مان مراد سالم جماعت وارا ۽ فرق وارا ٻئي شامل هئا. جدا جدا علائقن ۾پنهنجا جدا جدا 'ٽولا' ناهيائون. ان ڪان اڳ، انگريزن طرفان فقيرن خلاف جيڪي قدم کنيا ويا تن ۾ جدا جدا جاين تي فقيرن جا 'ٽولا' ناهي انهن تي ڪيس هلايائون ۽ هر ٽولي کي ساڳي سزا ڏنائون. پوءِ حرن فقيرن انگريزن جي حڪومت سان جنگ جو فيصلو ڪيو ۽ پنهنجا ٽولا ناهيائون ۽ انگريزن جي حڪومت سان گوريلا جنگ ڪيائون.

پير صاحب جن جي مقدمي ۽ شهادت واري وقت ۾ جماعت جا ٻئي طبقا سالم ۽ فرق هم صلاح ۽ هڪ صلاح ٿيا.مقابلي جي تياري لاءِ اهو هڪ وڏو قدم هو. فرق وارن مان وريام فقير خاصخيلي، سنجراڻي، چانگ، نظاماڻي ۽ ڪي ٻيا فقير، ۽ سالم مان راڄڙ، ڳاها ۽ ڪي ٻيا، چار پنج سو ڪن فقير خيرپور رياست جي ٽيپي جُٻي جي 'تڙ وَرياهو' وٽ گڏ ٿيا. فيصلو ڪيائون تہ وڙهنداسون، مقابلا ڪنداسون. هن صلاح ڪانپوءِ اوپڙدي ڪپري، ناري ۽ اچڙي تر طرف وارن ٽولن هينيان قدم کنيا: اولهہ طرف سانگهڙ، ميرپور ڏانهن ٻيا جنگي ٽولا هئا.

- چور- گدڙي واري گاڏي ڪيرايائون
- راڻاهو ۽ رابلاهو تي ملٽري سان مقابلا ڪيائون ۽ ست اٺ فوجي ماريائون، ٿي چار راڄڙ فقير بہ شهيد ٿيا. رابلاهو تي لئبرڪ بہ موجود هو.
- جيٺهار تڙ وارو مقابلو ڪيائون جنهن ۾ سيڪيو فقير راڄڙ شهيد ٿيو

آيو. فقيرن پوءِ ان کي جيسلمير ۾ سندس ڳوٺ وڃي ڇڏيو. جتي اسپتال ۾ سندس علاج ٿيو. راجا جئار سنگ چيو ته تنهنجي ٻانهن انگريزن کي نه ڏيندس (برهان فقير پاڻ هن مقابلي جي ڳالهه اڄ ١٩٩٤-١٠-٦ تي ٻڌائي ۽ پنيءَ کان هيٺ لڳل گولي وارو نشان ڏيکاريو).

● **جيٽهارتڙ وارو مقابلو** رابلاهو کان ٿي ميل اولهه- اتر جي ڪنڊ تي جيٽهار جو تڙ جتي رمضان مهيني جي ١٤ جي رات هينين فقيرن مقابلو ڪيو:

- عبدالله فقير راڄڙ
- شيخيو، ۽ شيخيي جو ڀاءُ محمد صالح
- چنيسر راڄڙ (پاڙو راڄپار)
- پيراڻو درس
- ننگر هگورو
- لقمان (راڄپار راڄڙ)
- محمد بخش فقير راڄڙ

فقير جيٽهار کان ميل ڪن پنڌ تي گڏ ٿيا، پر هنن کي پوري خبر ئي ڪانه رهي ته انهن کان اڳ جيٽهار تڙ تي انگريزن جي فوج قبضو ڪري وئي هئي. جيٽهار کان اتر ڊرن ۾ ڪندو بيٺل هو اتي مقابلو ٿيو. تازو ڪپري واهه جي پر ۾ نئن پاسي جهازن جو آڏو ناهيو هئائون اتان به جهاز مٿان آيا ۽ شيخيي گوليون هنيون ته مٿي چڙهي ويا پوءِ مقابلي ۾ فوجي مئا ۽ شيخيو به شهيد ٿيو. عبدالله ڪيس ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي پر به جهاز گوليون وسائيندا آيا سو هن کي اتي ڇڏيائون. عبدالله شيخيي واري بندوق جهازن کي هنئي ته جهاز مٿي چڙهي ويا. پوءِ فقير هٽيا، ۽ جهاز وري پئي آيا ۽ گوليون وسايائون پر فقيرُ نڪري آيا. (محمد بخش جيڪو مقابلي ۾ گڏ هو تنهن پاڻ اڄ (١٩٩٤-٩-٦) پنهنجي زباني هي خبر ٻڌائي).

● **پاڄهري جي تڙ وارو مقابلو:** هي مقابلو دوسو فقير راڄڙ (اگهم جو) جي ٽولي ڪيو. صالح پڊ جي حد جي پوليس ۽ صوبيدار سان پڊ کان اوير ضلعي سکر ۾ مقابلو ڪيو. صوبيدار ملڪي ماڻهو هو پر انگريزن جي خير خواهي ۾ فقيرن جو دشمن ٿي بيٺو. دوسو

فقير واري ٽولي هن کي ختم ڪرڻ جي رٿ بحال ڪئي. جمال، برهان، غلام حسين ۽ ٻيا جملي ٽيرهن فقير ٽن وچي ياٽيءَ جي ترائي جهلي ۽ مورچا ٺاهي ويٺا. برهان ۽ غلام حسين اٿيا جن وجي پيٺهارن جي ڳوٺ مان چغل (پوليس جي جاسوس) جي پانهن ڪنئي. هنن رپورٽ داخل ڪئي ته صوبيدار ٽيرهن سپاهين سان چڙهيو. فقيرن انهيءَ واٽ جي ٻنهي پاسن مورچا جهليا. مقابلو ٿيو ۽ بندوقون هليون. اتي جمال ۽ غلام حسين اٿيا ۽ ٽئين پاسي کان بندوقون هنيائون. ٽي چار ڪلاڪ مقابلو هليو ۽ ڏهه پوليس وارا مُئا. اتي صوبيدار هٿيار ڇڏيا ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ زاريون نيزاريون ڪيون، پوءِ فقيرن هن کي ماريو ڪونه باقي هن جا ۽ ٻچيل ٻن سپاهين جا نڪ ۽ چپ وڍيائون.

سورهيه سالاراعظم جي شهادت کان پوءِ هينين ڇئن ٽولن، ناري کان ايرندي ۽ اچڙي ٿر ۾ حملا جاري رکيا:

- دوسو فقير (اگهم پاڙو) راجڙ جو ٽولو، جمال ا(ڳهم)، منٺار عرف لونگ، برهان هاشم جو، وريام (اگهم)، چنيسر راڄپار، غلام حسين هاشم جو، علي محمد راڄپار (شيخيي جو پائٽيو)، خليفو آچر (ڏهرجه)، سائينداد (جمر دين)، ساڌو (اڳهم).
- يار محمد مگريي جو ٽولو: الهڏتو، حليم مگريو، رايڏڻ مهر ۽ ٻيا.
- قوتو فقير چانگ جو ٽولو، مير دوس ماڪاٽي ۽ ٻيا
- رحيم هگوري جو ٽولو، علي خان هگورو، انب ڳاهو، ڪرڙ راڄڙ، طالب درس، جعفر ڪاڙت.

انگريزن جي جاسوسن، پوليس ۽ فوجين کي ماريائون، باقي بئي ڪنهن جو نه نالو ڪونه ورتائون. وقت سر مظلومن جي مدد ڪيائون. جئن ته جيسلمير جي حد ۾، ايس پي گومان سنگ پاٽي جيڪو مريد هو تنهن جي پٽ ماڌوسنگ کي نڪر ڏاڙيل ڪيسن سنگ ڪٽي ويو. دوسو فقير واري ٽولي کي چيائين، هنن مقابلو ڪري ڏاڙيلن کي ماريو ۽ پٽ کي ڇڏايو.

سنگهار فقير پٽ واليڏنو ڳاهو، پاڙو سُرطاڻ جا، جڏهن ناظم ماريو تڏهن جوان مڙس هو، وينل تڙ نيندرو تڙ، ٽپو نارو جبو، تنهن جي ملڻ لاءِ فقير عبدالرحمان سنجراٽي کان نشاني وني آءُ (نبي بخش)

— ڪمال مڱڻيچو، ان جو ٽولو نئين ديري طرف هو.
— انب ڳاهي جو ٽولو. هن ٽولي ۾ انب، تاجو ملون ۽ مڱريو مک هئا. جيڪي پهريائين رستم فقير جي سنگت ۾ هئا. تاجو ملون 'لَڪَ' جو وينل هو ۽ 'حڪيم جن' جي پاڙي مان هو. شريف راڄڙ چغل هو جيڪو فقيرن کي جهلائيندو هو. انب جي ٽولي هن کي ماريو. جيسلمير واري پاسي پوليس سان مقابلو ڪيائون ۽ پوليس وارا ماريائون، پر ٽولي جا ٻه فقير شهيد ٿيا. انب آخر ۾ موجوده پاڳاري سائين جي حڪم تي درگاهه تي پيش پيو.
— رستم فقير نظاماڻي جو ٽولو، جنهن ۾ ٻارهن ڄڻا هئا: جن ۾ انب ڳاهو، تاجو ملون، الله بخش مڱريو، مبارڪ هڱورو ۽ ٻيا هئا. هنن وريام فقير جو پلاند ڪيو. وريام فقير، 'ندي پارڪر' واري پاسي (تعلقو ڇهوٽڻ) ۾ رهيل هو. جتي سميجا، مڱريا ۽ دل وينل هئا. دل جاسوس تي فقير کي جهلايو اها حد ٻاهڙ مير جي، نو ماڻهو ماريائون. پوليس جون گاڏيون اچي پهتيون جن سان مقابلا ڪندي جيسلمير جي حد ۾ گهڙيا ۽ اتي هڪ ٻئي کان جدا ٿيا. رستم فقير نظاماڻي وينل 'توڳاچي' جو، مقابلن کانپوءِ آخر جهليو. حيدرآباد جي جيل ۾ هو ۽ پاڪستان کانپوءِ ڇٽو. جندر پيهڻ کان انڪار ڪيائين. بيد هٽنس مارينس تہ ننڍر پئجي ويجي. (محمد پناهه فقير نظاماڻي جي زباني ڪچهري اوطاق قائم فقير پنيرو ٢٥ فيبروري ١٩٩٦ع).
— سنجراڻي فقيرن جا ٽولا: نور خان فقير سنجراڻي جو ٽولو، امام بخش فقير سنجراڻي جو ٽولو.
— ميري فقير نظاماڻي جو ٽولو.
— رحيم هڱوري جو ٽولو. هن ٽولي لئمبرڪ واري وقت ۾ ڪارروايون ڪيون. راقم (نبي بخش) کي لئمبرڪ پاڻ ٻڌايو تہ هو پاتوين ۾ هو جو ڪيس اطلاع مليو تہ رحيم جو ٽولو سانگهڙ ۾ ڪارروائي ڪندو. لئمبرڪ سانگهڙ پهتو. سپ تياري ڪيائون، پر رحيم وڏي حرفت سان فلاڻي (علي محمد مهر؟) کي ماري هليو ويو.

ـــ ڦوٽي چانگ جو ٽولو. هن ٽولي وڏا مقابلا ڪيا ۽ پوليس ڪي ماريائون. ڦوٽي فقير ڪي راقم ڏنو ۽ سندس زباني گهڻن ڪامياب مقابلن جون ڳالهيون ٻڌيون. سندس همت ۽ بهادري جي هڪ ڳالهہ اها جو ناري جي پريان 'رتني جو تڙ' ۽ 'رتني جو ڊرنء' اتي اڪيلي سر پوليس جو مقابلو ڪري پوليس ڪي ڀڄايائين. مونکي ٻڌايائين تہ: "منهنجن ٽنگن ۾ وڏي طاقت هئي ۽ پيرن جو چوٽ هوس. پوليس ڪي هڪ هٿان بندوقون هٽي وري تڪڙو ٻئي هٿان تي هنيم. ايترو تڪڙو جو پانيائون تہ هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهو آهن." جڏهن موجوده پاڳاري سائين جي حڪم تي هڪ ٻئي ٽولي جو اڳواڻ رحيم هگورو پيش نہ پيو تہ ڦوٽي فقير جو ٽولو سندس پنيان پيو ۽ جيسلمير ۾ اهي نڪر ماريائون جيڪي رحيم هگوري جا ساٿي هئا. رحيم پوءِ حاضر ٿيو ۽ گرفتار ٿيو. حيدرآباد جي جيل ۾ هو جو راقم (نبي بخش) سندس بچاءُ لاءِ قاضي احمد محمد کي وڪيل ڪيو. جيل مان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ ڪامياب نہ ٿيو. پوءِ ڪيس ڦاسي ڏنائون.

افسوس جو پاڪستان جي قائم ٿيڻ ڪانپوءِ بہ پنج ست سال کن انگريزن جي قانون مطابق حرن خلاف ڪارروايون ٿينديون رهيون، اجان آزادي جو واء نہ وريو هو.

# ويا سي وينجهار

**• وڏيو ديدڙ**

ميرپور ماٿيلي ۽ اوباوڙي طرف جو، ١٩- صدي جي آخر ۾ ٿي گذريو.

١. سچ لڳو ڪين ڪري، ڪوڙ لڳو ڪورو
چغل ۽ چائُونَ جو تڪو ٿيو تورو
جن سان پلائي پورو، سي ويا وينجهار وٺو چئي.

٢. سچ لڳو ڪِين ڪري، ڪوڙ لڳو هيهات
زمانو زبون ٿيو، برهه مٺائي بات
وارِي سي وڏيو چوي، چوڻ ڪان چپات
هاڻ ڳچن سان ئي ڪاٺ ڪي دم ديدڙ چوي.

(ڪين (ن غنو) ڪري= چا ڪري. ٢. واري سي= اسان اختيار ڪئي.)

**• ولي محمد بڪيرو**

ميرپور ساڪري جو، ٢٠- صدي جي پهرين ڏهاڪن ۾ ٿي گذريو، حاجي طاهر گراٽي جو ساٿياري هو.

لڙڪ لکڻ نه ڏين، ڪريو پون قلم تي
وهيو ولي محمد چئي پنا پُسائين
اهڙائي آهين، آلا ڦٽ فراق جا.

**• بچو رجيرو**

بچو جيرو ڪلمتي ميرپورساڪري جو. ٢٠- صدي جي شروع ۾ ٿي گذريو.

ڪجل ڪڪورين ۾ تورو تورو پاءِ
ماٺهو مڙيا آهن ملڪ جا تنهنجي ڏسڻ لاءِ
پيرن ۾ پلمٽي تون هلين هنجهين گهاءِ
بيحد سهڻو بچو چئي تنهنجو ڳَنن پريو ڳلهاءِ
ماڻهو مارينداءِ، نازڪ پرين نظر ۾.

**• حسين**

هي بيت تعلقي سنجهوري جي سگهڙ لونگ فقير جوکيي ٻڌايو. معنيٰ وارو بيت آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته وڏي شاعر حسين ديدڙ جو هجي.

سَڌون تي ڪيئي ساھ، تہ ڪندس عرض عجيب کي
سو دوست آيو اتئي دام ۾، جئہ چست چلي مان چاھ
پرچ پرين ڪر ڳالھڙيون، اتئي وهم انهيءَ جو واھ
موتي پوءِ ارواح، هٿنڊون هٿ حسين چئي.

**● حاجي محمد علي ٻبر**

ٿَٽي ضلعي جو، ارباب عمر جي ڳوٺ جو هو. ١٩٥٥ع ڌاري اسي ورهيہ جي عمر ۾ گذاري ويو، سگهڙ سالڪ هو.

واڳيون ڏنم ور سان، سدا منجھہ سکن
جي نيئي نينهن نهوڙيون تہ بہ قطر ڪين ڪڇن
عشق پيچ عجيب ڪان تيون گهورن ساڻ گهرن
انهن اکڙين، مونکي سوين سور چکائيا.

**● الله داد پنيرو**

الله داد پنيرو مَياڻي، وينل ڳوٺ پياري جو ٺوڙ (تعلقو روهڙي؟)، ڪوڏر ڪٽي پٺون پيو پجندو هو تہ ماڻهن لاءِ واٽ ٺئي. ماڻهو چونس چريو. تڏهن چيائين تہ:

ماڻهو چون چريو چريو، ۽ چريا سڀ چڱا
اوڪي واٽ الله داد چئي، آءٌ پٺون سڀ پجان
انهيءَ وَڍِ وجان، جت ميڙو محمد ڄام جو.

(وڍِ= رستو)

**● امين مگريو**

شايد اصل جيسلمير جو ١٩- صدي جي آخر ۾ ٿي گذريو.

آشنائي اصيل جي مني ميوا تاءِ
پويس اوگڻ امين چوي تہ بہ سلئو مٺي نہ ساء
هاٿي جي هيٺو ٿئي تہ بہ ٻئي زناور زوراءِ
ڳمي ڏيندو ڳڙهہ کي مٿوئي ماڳاءِ
پير سڪجي پوندءِ ڪان جنهن کي سرس صبر جو ساء
لتڙ سهي لوڪ جي ڪڇي ڪين مُهاء
انڌي اڳيان آئينو ڪارو ڪٽڇيءَ ڪاء
سيهي ۽ سون جو ڳار مٽيئي هڪ آهِ
پر هو پئسي وڪلمي پاءہ هن جون رُپئين وجن رتيون.

● **صابر درس**

ڪڇ جو سالڪ شاعر هو.

سڪ سڪي تي سڪ ڪي، سڪ جو ناهي سياء
توريءَ منهنجا سپرين وسريو سڀ وياء
هاڻ نبيريو نياء، دلاسي جو درس چئي.

● **نصير رند**

نصير رند، وينل ڳوٺ اميد علي رند، تعلقو چاچرو، مير بجار خان جي وقت ۾ (١٨- صدي جي آخر ۾) هو.

ڪالھ وڃين ها ڪونجڙي تنهنجا وڳر پئي ويا
ڇُٽيو ڦٽيو چنهبن ۾ توکي منا لوڙھ لڳا
نئبر نہ ڪرين ها نصير چئي، ڏين ها اکين اوجاڳا
تنهنجا تو وٿاء، ولر ڪالھ وهي ويا.

● **ساهو (شاهو)**

ساهو جو هينيون بيت مخدوم محمد هاشم رحہ جي ڪتاب راحة المومنين (قلمي لکيل ١٢٧٦هہ) جي متئين ورق تي لکيل هو جو مون سنہ ١٩٧٠ع ۾ اتاريو. اندازو ٿيو تہ ساهو تيرهين سنہ هجري جي آخر ۾ ٿي گذريو.

جنبڻ جاءِ مَ جت، تون ڏس پنهنجي ڏيل ڏي
سالڪ سخن صريح جا تان جي چيا تو تت
اڱيون مورک مجي تو ڪينڪي موڳو موڙهيءَ مت
تون چوندين تفسيرن جو آٽي آيتون البت
ڪا نہ پوندي پليت ڪي پوزي جيڏي پت
ولهو وعظ ڪي ڪيو تو پانئي جاڻ پڳت
تنهن ڪميٽي ڪي ڪين ڏٺي ڪا ساهو چئي سِڪت
نور نہ ريجهي راڳ تي، ڪا ڪانوَ اڳيون ڪيرت!
ڳوهن اڳيون ڳت، تان نہ جڳائي جوڳيين.

● **انس**

ميرپور ماٿيلي ۽ اوباوڙي طرف جو، ١٩- صدي جي آخر ۾ ٿي گذريو.

١. محبت پاڻءِ مَ مشڪري، محبت مارِي من

ٿانڊا ڪانڊا ڪوئلا اندر جهڙ ڳا جهڙ ڳيون ڪن
ٻاهر ٻاق نہ نڪري، اندر دود دکن
اندر ۾ انس چئي، ٻاريا ڀڙڪن
رب اجهائي اجهمن، نہ تہ ڪير اجهائي آڳ ڪي.
٢. محبت يانء مَ مشڪري، اڃان عشق اڳي
عشق جي انس چئي جنهن کي لنئون لڳي
هوس اڪلبر اڳي، پرَ متيون عشق منجهائيون.

- **احمد لغاري**

احمد پٽ سونو خان لغاري، ڳوٺ محمود خان لغاري تعلقو ماتلي، ١٩٧٥ع ڌاري گذاري ويو. سندس پيءُ سونو خان وڏو سگهڙ شاعر هو جنهن جا قصن بابت چيبل ڪلام مشهور آهن.

جي هيري گهورا هنجهڙا، سي ٽر بحر ٽورا
موتين جا مستان چئي، ميڙيندڙ مورا
راجا ويا، راڳ ويو، ويا سمجهو سڳورا
جي گفتي جا گهورا، سي گوهر گذاري ويا.

- **حيات لغاري**

ڳوٺ پليو خان لغاري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ ۾ ١٩- صدي جي آخر ۾ ٿي گذريو.

مج محتاجي تن جي، روح غريبي رهہ
ورچ نہ تن جي ويڻ مئون، سلڻهان ئي سهہ
رات اتي وجي رهہ، هنئڙا گهار حيات چئي.

- **نصرالله راشدي**

پير راشدي نصرالله، هُلين جو (تعلقو قنبر) تنهن هينيون بيت چيو ۽ نالو پنهنجي پٽ عين الدين شاهہ (عينل) جو وڌائين.

وحدت لڳو واء، وڻ ٽڻ همه هيڪ ٿيو
نڪو دور درياء ۾، نڪو بحر بَراءِ
نڪو تاء تنور ۾، نڪو شمس شعاع
نڪو ماضي مستقبل، نڪو سمجهہ صباح
عَينل هڪ الله، جان جمال جهان جي.

**• نتالو رند**

نتالو رند وينئل ڪڪراند تعلقو ميرپورساڪرو، ١٨٩٠ع ڌاري تي گذريو.

بت مڙيئي بت منهن موچارا گهڻا
لڳي نينهن نتالو چئي، جتي روح بڻا
درسن پيو دوست جو، اتي پاڻ هٽان
پنبڻيون جي پريت جون، تو خماريون ڪٽان
موتي ماڻڪ تن کي هئا لائق لال گهڻا
آن تنهن کي تو وٽان، جنهن کي حال حوال جي.

**• سائينداد**

سالڪ سائينداد، دادو طرف جو هو. ١٩- صدي ۾ تي گذريو.

ٿر وني، تانهر تون ناحق ڏار مَ ڏور
لڙهہ لڳي لامن جي تون پورا من مَ پور
سوئي صاحب سور، جو سيني جو سائينداد چئي.

**• قاسم**

هي بيت، دادو طرف ڪڇهريءَ ۾ سگهڙ پڙهيو، پانئجي تو تہ قاسم ان طرف جو هو. ٢٠- صدي جي شروعات ۾ تي گذريو.

هن بت بانور چڙيو، ويو ڪَٹُ ڪَنن
عضوا سڀ اڪڙي پيا، هيٺا هٿ ڏکن
ٽنگون انهيءَ تاهہ ۾، ٽاپن ۾ ٽڙڪن
نچنديون هيون چوقبليون، ٽِڻون پيون ترڪن
جهڙ جئن اڳئيون جهانورا، ٽٽيون اکيون ڏيل ڏسن
ڪل نہ پئي قاسم چوي، ويو ڪري جاڙ جوين
لکيو منجهہ ڪرمن، پوڳي سڀ پُري ويا.

**• خيرمحمد**

خيرمحمد فقير مگٽهار جوهي جو، ٢٠ صدي جي پهرئين اڌ ۾ تي گذريو.

وڻ مون پن ڪري پوي، سو ڳنيدڻ ڳوري ڳالهہ
شيشو شڪستو ٿئي سو ثابت اچي نہ سال
دل ٽئون دلبر لهي وجي توڙي گڏيو گهمي نال
پرجهي پريت پال، متان خر پوئي خيرمحمد چوي.

• **طالب**

طالب ١٩٥٠ع ڌاري ضلعي دادو ۾ (ڳوٺ حاجي خان لغاري ۾ استاد هو.

پڇي پڇي تيءَ پاھ جئن لهس نہ اچئي لڱن کي
ساڙي چڏ سک مئون رت رڳون ۾ ماھ
طلب انهيءَ طالب چئي، محب ملنڊءِ ماھ
اکيون ۾ ارواح، کر حوالي هوت جي.

• **صادق پنيرو**

وينل ڳوٺ پنهنجو، تعلقو کپرو، راضي فقير لاشاري جو بالکو، ١٩٥٣ع ۾ راضي فقير سان ڳڏجي مونکي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملڻ آيو. سمجهہ ۾ سلوک وارو، گهڻو ڪلام چيو اٿس. ٢٥ فيبروري ١٩٩٥ع تي سندس ڳوٺ وجي ساڻس مليس. رات جو ڪچهري تي ۾ پنهنجا بيت ٻڌايائين. سندس چيل هينيون بيت شاھ ۾ سچل جي پران:

پينر بر چڙهي وئا بيراهي بانڪا
ڪاهلندي ڪچ ڏي، ڪري هلڻ جي هاڪا
منزل دور، آف ني، تا فنا ڪن فاقا
رندان روان ڳِندان چمان نوٽين جا ناڪا
ڏوبڻ ڪي ڏاڪا، صادق سامهان سرتي.

# غوثي طريقي جا چار متير مهندار

اهي هئا جَرڪَس ڏِناڻي، راجِسِين سومراڻي، ابراهيم ناگوراڻي ۽ ٻاڙهو صدر. انهن جي هاڪ ۽ همت جون ڳالهيون جيتوڻيڪ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ مشهور آهن، پر روحاني راهه جي انهن مانجهي مڙسن جي گهڻن کي پوري خبر ڪانهي. هن رهاڻ ۾، لاڙ واري ڀاڱي مان، غوثي جماعتن جو راهه جي پنڌ سان ملتان پيئڻ ۽ ڪشالا ڪڍڻ، هڪ وڏي حادثي سببان راهه واري واٽ جو جهلجڻ ۽ انهن متير مهندارن جي همت سان راهه چڏائڻ جو بيان ڏيندو.

اي سجڻ! جاڻ ته هجري ستين سَن ۾ سُهروردي طريقي جي عالم ۽ عارف غوث بهاو الدين زڪريا، ملتان ۾ اسلامي تبليغ جو چراغ روشن ڪيو ۽ سندس طريقي جي تلقين جو فيض سنڌ ۾ به عام ٿيو. پاڻ سنڌ ۾ آيو ۽ پوءِ خاص طرح سندس پوٽي شاهه رڪن الدين جو سنڌ ۾ وڏو مان مرتبو ٿيو جو سندس ڪوشش ۽ سفارش سان (سومرن ڪانپوءِ) سمن کي ٺٽي جو تاج تخت مليو. اهڙي عنايت ۽ اهڙي وڏي احسان جي ڪري، ٺٽي جي سمن سلطانن ۽ سندن تعلق وارن قبيلن کي غوثي درگاهه جي سجاده نشينن لاءِ وڏي محبت پيدا ٿي. غوث صاحب جا سجاده نشين به وڏي فيض وارا هئا ۽ سندن فيض سان سنڌ ۾ سندن خليفا ۽ مريد به وڏي فيض وارا ٿيا. اتر سنڌ ۾، اهي خليفا 'مشائخ' جي لقب سان مشهور ٿيا، يعني ته مقامي طور، غوثي طريقي ۾ انهن کي 'شيخ ۽ مرشد' وارو مرتبو عطا ٿيو.

لاڙ واري ڀاڱي ۾، غوثي طريقي جا اهڙا ڀلارا فقير 'درس' جي لقب سان مشهور ٿيا. انهن کي ملتان ۾ مرشدن روحاني فيض جا 'درس' ڏنا، يعني سبق سمجهايا، ۽ انهيءَ امانت جي ڪري اهي 'درس' سڏجڻ لڳا. 'رهاڻ هيرن ڪاڻ-٦' ۾ 'درسن' جو تفصيلي ذڪر ٿي چڪو آهي جنهن ۾ اها ڳالهه سمجهايل آهي. ته "جن غوثي طريقي جا سبق ورتا ۽ نيڪ ۽ صالح ٿيا تن کي 'درس' سڏيائون، يعني مٺياوارا يا الله وارا درويش. گهڻو پوءِ، عام جي گهڻجڻ

ڪري، عام ماڻهن ۾ اهو خام خيال پيدا ٿيو ته 'درس' اهو آهي جيڪو ڪاني ڪرامت وارو هجي ۽ جيڪو دعا ۽ پٽ پڙيءَ تي ڪري ڏيکاري سنڌ ۾ غوث صاحب جي تبليغ ۽ تلقين سان وڏا عابد زاهد پيدا ٿيا جن سنڌ ۾ ۽ ڪڇ ۾ اسلام جي عملي ۽ روحاني فيض کي عام ڪيو. خاص طرح هينئين لاڙ ۾ غوث صلحب جي حياتي واري وقت جو وڏو خليفو پير پنو سلطان هو جيڪو پاڻ جماعت ڪري ملتان ويو ۽ جنهن جو پانداري ڪڙيو يا ڪرهيو هو جنهن جي درگاهه 'ڪرهيي پانداري' جي نالي سان بدين کان ڏکڻ طرف موجود آهي. اتر ۾ به وڏا خليفا ٿيا، جهڙوڪ جهندو مشائخ، شيخ مَهائي (وفات ٨٧٨هه) ۽ ٻيا. لاڙ ۾ درس راڄپال وجهه دين (جيڪو نئين ڪوٽ لڳ مدفون آهي)، ۽ درس سَومو (جيڪو حسن باغبان جي مقام ۾ مدفون آهي). 'مشائخ هوتي'، شيخ پرڪيو آچاري. "ملوحسڻ درساڻي، پهرئين سڏ سان ساٿي" (ڪورو واهه لڳ)، ميون شيخ موسو ۽ ٻيا. گهڻن درويشن جو ذڪر ميين شاهه ڪريم جي ملفوظات بيان العارفين ۾ آهي، جن ۾ جَرڪس ڏناٺي ۽ راڄيسين سومراٺي جو به ذڪر آهي. انهن جا به ٻيا ساٿي هئا ابراهيم ناگوراٺي ۽ ڳاڙهو صدر. بيان العارفين جي حوالن مان لڳي ٿو ته اهي فقير جن راهه جو پنڌ ڇڏايو، سي نائين- ڏهين صدي هجري ۾ هئا.

ٽالپورن جي دور ۾، شيخ عيسيٰ وڏي مٽيا وارو خليفو ٿيو. هو لواري جي بزرگن جي وڏي ميان عبداللطيف واري ڳوٺ جو هو (جيڪو بدين کان نو ميل ڏکڻ- اولهه ۽ لواري کان اڍائي ميل اولهه ڏکڻ ڏي آهي). اهو اصل ۾ هوتي نهڙيي جو ڳوٺ هو ۽ اڄان تائين ڳوٺ وارو دڙو هوتي نهڙيي جو دڙو سڏجي. عيسيٰ پهريائين ڏاڍو مڙس هو پر پير سائين سيد محمد راشد رحه روضي ڌڻي کان فيض مليس. هو پوءِ ملتان ويو ۽ اتان وري به پير سائين محمد راشد رحه وٽ آيو ۽ فيض پرايائين، پر غوثي طريقي ۾ ئي رهيو.(١)

اوائلي دور ۾، راهه جي پنڌ سان سنڌ مان ملتان وڃڻ ۾ گهڻي تڪليف هئي. هڪ پيري ملتان مان سجاده نشين جڏهن نئي ۾ آيل

(١) روايت ڪندڙ وڏو غوثي خليفو مرحوم محمود نوحاڻي، ترائي، تعلقو بدين.

هو تڏهن سچي سڪ ۽ محبت جي گهٽتائي سببان يا گهٽائي ۽ غلبي سببان، نتي ۾ ڪن مريدن صلاح ڪئي ته: سائين غوث صاحب هينئر پاڻ وٽ آيل آهي. ان کي شهيد ڪري هتي ئي دفن ڪريون ۽ درگاهه بنايون ته گهر ويٺي پيا زيارتون ڪريون ۽ ملتان وڃڻ واري ڏکيي پنڌ کان ڇٽي پئون. هڪ سچي مريد جيئي حجام نالي سندن ڳالهه ٻڌي ورتي سو ان رات مرشد کي مجائي ٻي جاءِ تي سمهاريائين ۽ پاڻ سندس کٽ تي سمهي رهيو ۽ سازش ڪندڙن اچي کيس شهيد ڪيو. پوءِ مڪلي جي مقام ۾ کيس رکيائون، جتي هو 'جيئو مڪلي جو ڏيئو' جي برڪت پريي نالي سان مشهور ٿيو.
غوثي طريقي جي جماعت جي روايت موجب جن مريدن پير کي کهڻ جو ارادو ڪيو هو سي 'نورسيا' ۽ 'لاڪاٽيا' هئا. مرشد سان محبت ۽ سندس مان مرتبي موجب، سوني ڳن سان ڇري ٺهرايائون ته جيئن ادب ۽ احترام جو حق ادا ٿئي، پر تمام تکي ٺهرايائون ته متان اڌ- ڪُنو پير ڳالهائي وجهي ۽ پاراتو ڏئي. هن روايت موجب ملتان مان نتي ۾ آيل پير 'بهاوالدين' هو (پوئين دور جو، پر سندس نالو وڏي غوث صاحب جي نالي سان رکيل). غوثي جماعت ۾ هلندڙ ان قضيي جو يادگار مشهور بيت ته:

نورَسيا نہ رسيا، لَٽو لٽو لاڪاٽِن
دغا رکي دل ۾، جيئو ڪنو جن
تڏهن لڳو تن، پوندو بهاودين جو.

هن قضيي جي ڪري، سجاده نشين مرشد اعلان ڪيو ۽ بندش وڌي ته اڳتي لاءِ لاڙ مان ڪابہ جماعت ملتان نہ اچي، ۽ جي ڪا اچي تہ واٽوارا پيا خليفا ان کي روڪين ۽ اچڻ نہ ڏين. ان اعلان کان پوءِ، لاڙ مان ويندڙ جماعتن کي آڌو راهه ۾ وينل پين مريدن منع ڪئي ته نہ وڃن ۽ پوئتي موٽن، پر جيڪي نتي مڙيا ۽ اڳتي تي ويا تن کي اتان جي ڪاني ڪرامتن وارن پنهنجون خوفناڪ شڪليون ڏيکاري پئي ڏيڄاريو ۽ پوئتي ورايو.
انهن خوفناڪ ڏيکارن ۽ ڏيڄارن سببان، ملتان وڃڻ لاءِ راهه جي پنڌ واريون واٽون بند ٿي ويون، ۽ ويچارا فقير مرشدن جي سڪ ۾ رئندي رهجي ويا.

اها حالت ڏسي، لاڙ جي چئن ڪاني ڪرامتن وارن مٿير مڙسن جرڪس ڏناڻي، راڄسين سومراڻي، ابراهيم ناگوراڻي ۽ ڳاڙهي صدر، صلاح ڪئي ته هو مقابلو ڪري به راهه جو پند ڇڏائيندا ته جئن لاڙ جون جماعتون ملتان وڃي سگهن.

● راڄيسين سومراڻي: راڄيسين پٽ سومري جو، ذات جو دَل، پاڙو لنجا، ڳوٺ پرنديارو، ملڪ ڪڇ. راڄسِين جو پيءُ سومرو، لنجي جو پڙ پوٽو هو. راڄيسين، غوثي طريقي جي عوام ۾ ”راڄيسين سومراڻي، شينهن جو سوار“ جي لقب سان مشهور ٿيو. ملتان ڏانهن ويندڙ غوثي جماعتن جو اڳواڻ هو. سندس مقبرو ڪاڪ مڪان، بِدي جي شهر کان ٻه ميل اتر- اوڀر آهي. راڄسِينءَ جو اولاد موجود آهي (١)

● جرڪس ڏناڻي(٢) جرڪس پٽ ڏني جو، ذات جو رانوڙ، پاڙو سرڪي، نُهتي جو هو ۽ نهتو اصل رانوڙن جو شهر هو (هاڻي تعلقو عمرڪوٽ آهي).

ڏنو ۽ ايسر ياءُ هئا، غوث صاحب جي برڪت سان ڏنو اسلام تي آيو. ايسر هندو رهيو سندس اولاد پوءِ اسلام قبوليو. جرڪس نالي درويش ڏني کي دعا ڪئي ته: توکي پٽ ٿيندو پر تنهنجي پٽ تي نالو اسان جو ۽ اسان جي مڪان تي نالو تنهنجي پٽ جو. پوءِ جرڪس انهيءَ ماڳ تي ڄائو جيڪو پوءِ ’ڏيئي جرڪس‘ سڏجڻ لڳو. پنگريي کان ٽي ميل ڏکڻ طرف آهي. ديهه جو نالو به ’ڏيئي جرڪس‘ آهي. درويش جي مزار ۽ درگاهه به اتي آهي، جرڪس جو اولاد موجود آهي. (٢)

هڪ روايت موجب اوليا جرڪس ترڪيار (تعلقو ڏيپلو) ۾ رهيو ۽ اولاد وارو ٿيو: سندس اولاد جا ڳوٺ ڏيپلي ۽ مٺي تعلقن ۾ آهن.

(١) راڄيسين کي ٻه پٽ مبارڪ ۽ پکريو. مبارڪ جا چار پٽ صالح، سرماڻ، امي ۽ ابن. مبارڪ جي اولاد مان ڪامل شخص ٿيا جيئن ٻَني ۾ خليفو عبداللطيف ۽ ٻيا. پکريي کي چار پٽ ٿيا: آرادين، سپڙ، سومار ۽ الله ڏنو. انهن جي اولاد مان به ڪامل درويش ٿيا، آرادين جي اولاد مان، خليفو عامر ميرن جي صاحبيءَ ۾ لڏي وڃي ڪڇ ۾ تڙ پينديارو (تعلقو لکيت) تي ويٺو. سندس اولاد مان خليفو صابر تنڊو، پاڪستان کان پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ ساڻس راقم ڪچهريون ڪيون.

(٢) کيس چار پٽ ٿيا: ١. محمد رجب (بنا اولاد گذاري ويو) ٢. حاسد، ٣. قادر بخش (اولاد قادواڻي)، ۽ عاقل (بنا اولاد). هي بيان خليفي باجيد جو، حامد جي اولاد مان.

اتان پوءِ ڏيئي (تعلقو ٽنڊوباگو) ۾ آيو ۽ "جرڪس ڏناٽي، ڏيئي جو ڏاتار" جي لقب سان مشهور ٿيو. سندس اولاد مان، خليفي باجيد ڪان (جنهن سان ١٥- آڪٽوبر ١٩٧٢ع تي نئون ڪوٽ ۾ راقم جي رهاڻ ٿي). معلوم ٿيو ته متس غوث جي ٻه ڦڙڪي هئي ۽ ميين ڪريم جي ٻه ڦڙڪي هئي. جنهن جي معنيٰ ته ميين شاهه ڪريم جي وقت ۾ هو. بيان العارفين ۾ سندس ذڪر موجود آهي.

● ابراهيم ناگوراٽي: چون ٿا ته اصل ۾ ناگور شهر (مارواڙ) جو شهزادو هو. سنڌ ۾ ٽيٻن نپايو ۽ انهيءَ ڪري مشهور ٿيو ٽيٻو. سندس درگاهه تعلقي ڊگهڙي ۾، دونهائي ڪان ٽي ميل اوپر- ڏکڻ، پُراڻ جي اوپر واري ڪنڌي، ڍنڍ سَڪرياڙي واري اراضي ۾ آهي.

● ڳاڙهو صدر (يا ڳاڙهو سڌر): يعني ڳاڙهو پٽ صدر جو اونو، فقير قاسم 'ڪيٽي' وارو ٽنهن جو وڏو ڏاڏو هو. 'ڪيٽي وارو' يعني بڪيرن ۾ قريشي پيرن وٽ هلندڙ 'بني' وارو. سندس مزارٽنڊي الهيار ڪان ڏهه يارهن ميل اوپر ڪدر (خضر) اوني جي ڳوٺ ۾ آهي.

انهن چئن درويشن 'راهه ڇڏايو' يعني آزاد ڪرايو. جڏهن ٽني ۾ خليفن مرشد ڪي ٽي ڪنو، تڏهن ان وقت گادي واري پير لاڙ وارن مريدن جي ملتان اچڻ لاءِ راهه بند ڪري ڇڏيو هو. راهه ۾ ٻيا ڪاني ڪرامت وارا فقير شڪليون بدلائي وڙهندا هئا. گهوٽاٽو هالن وٽ وڙهندو هو؛ هڪ يان فقير پاڙو جکيو، گهٽو ٽي وڙهندو هو؛ ۽ يونس پٽ اسمٰعيل جو سنجرپور وٽ گڏهه ڳرو ٽي وڙهندو هو. جڏهن مقابلي لاءِ سنيريا ته ابراهيم ناگوراٽي ڪي پويان راکو ڪري، سنيال لاءِ ڇڏيائون ته متان سنڌ ڪي نقصان پهچي. فقير چيو ته: "مون ڪان ڪاڄر ٻه ضايع ٿئي ته ساري ونجو". هن وعدو پورو ڪيو جو جڏهن فقير واپس آيا ته ڏنائون ته ڇرون سڀ وٽن ٽي ٽنگون پيون آهن. چيائين ته: "مون ڪان ڪا هڪ ڇر ٻه ڪتو يا گدڙ ڪائي ڪونه ويو آهي."

راڄيسين انهيءَ شرط ٽي هليو ته سيني جي خدمت هو پاڻ ڪندو. هالن واري منزل ٽي هئا جو گهوٽاٽي فقير مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي گودڙي اڇليائين ته سڀ بي وس ٽي ويا. پوءِ راڄيسين ڪاني

هنيس. گهوٽاٽو بہ وڏي ڪرامت وارو هو جنهن سمنڊ هو، پر راڄسين ايٺ تلو تي اپريو جو هن کي پورو ڪري ڇڏيائين:

ايـــٺ تارو اپـــريو، لقاپـور مــتاءَ
سهسين گز سمونڊ جا، تو سوسيو ڪڍي ساه
گهوٽاٽي ڪي گهاءُ، پهرئين سان پورو ٿيو.

اڳتي ڪنهن منزل تي ويا تہ يان فقير گهٽو بنجي گهيرو ڪيو. راڄيسين ان وقت ننگر لاءِ ڪانيون ڪرڻ ويو هو. جرڪس مقابلو ڪيو پر گهٽي جو گهيرو مضبوط تي ويو. جرڪس تڏهن راڄيسين کي سڏ ڪيا تہ:

ور ڪانيارا، ور پاٽيارا، ور منهنجا ياءُ
گهٽي گهيرا لائيا، ڪانهي جرڪس جاءِ

راڄيسين پهچي ويو ۽ پهچڻ ساڻ ڪاني (پٽ) هنيائين جنهن سان گهٽو پورو تي ويو. جڏهن ڏهرڪي ٽپي سنجرپور وٽ پهتا تہ پريان اسماعيل جو پٽ يونس راهہ جهلي بيٺو هو، جيڪو گڏهہ ڪُرو تي وڙهندو هو. هن کي پير پاڻ اتي بيهاريو هو. هن پيغام موڪليو تہ مقابلو ڪرڻو آهي تہ تيار رهو. اها خبر رات جو پهتي ۽ فقيرن چوڪي رکي: راڄسين تي ستو تہ جرڪس تي جاڳيو، ۽ جرڪس ستو تہ راڄسين جاڳي وينو. پرهہ ڦٽي تہ جرڪس کي سجاڳ ڪيائين:

”جرڪس اٿي جاڳ، ڏناٽي ڏينهن ٿيو!
تو جيڏا تو يار، آرڻ بڌي آئيا“

يونس فقير ’گڏهہ ڪرو‘ تي آيو تہ جرڪس ڪاني هنيس جو اتي جو ڪريو ۽ چڙيون هڻڻ لڳو.

هاٽي بيو ڪو مقابلي لاءِ آڏو ڪونہ آيو ۽ هي چارئي اڳواڻ جماعت سان اچي ملتان کي ويجها ٿيا ۽ مرشد جي ديدار لاءِ ماندا ٿيا. ٻئي طرف پير کي بہ خبر پهتي ۽ پاڻ دري ڪانئ اچي بيٺو تہ جماعت کي ايندو ڏسي. آخر ڪيس بڌايائون تہ هاٽي تہ بنگلي کي ٻاهران ويجهو اچي پهتا آهن! تڏهن پير دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍيو تہ فقيرن جون نظرون سندس ديدار ۾ کپي ويون. سائين اجان پوئتي ٿيڻ لڳو تہ سندس مٿي تي وڏا سونا سڱ اپري ويا ۽ پوئتي هٽي نہ سگهيو،

۽ فقيرن جي ديدار ڪيس اتي بيهاري ڇڏيو. تڏهن چيائين تہ ”هڻ بس!“ فقيرن بہ چيو تہ: ”سائين بس تہ هڻ بس!“(١)

هاڻي جڏهن مرشد مڃيو تہ پوءِ اڳتي لاءِ سنڌ جي جماعتن لاءِ راهہ جو پنڌ کلي ويو. ان وقت عوام ۾ متيون روايتون مشهور ٿيون تہ فقيرن ڪيئن مقابلا ڪري راهہ جو پنڌ کولايو. ان وقت کان وٺي ’راهہ جي پنڌ‘ جي اهميت بيهر قائم ٿي ۽ غوثي طريقي جون جماعتون ملتان وڃڻ لڳيون. هن وقت تائين غوثي طريقي جا فقير ملتان وڃن ٿا ۽ اڳين روايت کي قائم رکڻ لاءِ ٿورو گهڻو راهہ جو پنڌ ڪن ٿا پر گهڻي ڀاڱي ريل ۾ سفر ڪن ٿا.

هن پوئين ويجهي دور تائين، جماعتون ڪهڙي طرح تيار ٿي، ڪهڙين واٽن سان وينديون هيون، ان کي سمجهڻ لاءِ ڪافي پڇا بعد هينئيون احوال معلوم ٿيو جيڪو گهڻي ڀاڱي خليفي محمود نوحاڻي مرحوم جي روايت مطابق آهي.

**غوثي جماعتن جو راهہ جي پنڌ سان ملتان وڃڻ**

غوثي جماعتون، سنڌ جي مختلف ڀاڱن مان، جتي بہ غوثي طريقي جي مريدن جي گهڻائي هئي، اتان هلنديون هيون. اپرندان ٿر ۽ مهراڻي مان جيڪي جماعتون هلنديون سي اڄڙي تر مان، مير جي رياست جي اپرندين پاسي کان، پوءِ نُور پٽون، پوءِ ڀاڳ نئن ۽ پوءِ گهلو درياهہ. وٽان وجي وچ سنڌ جي جماعتن واري واٽ وٺنديون.

ٻي راوَلي واري واٽ يا راوَرو گس هو: نبي سر، عمرڪوٽ، ڪپرو، ڪوڙي، فرش، ٽنڊو منا خان، بکار، اوُڏ، توڳاچو، مَيد جي ڏڪڻ تي، ڀادي، ڪڪڙي ڪوني، هيڪل جو ٽوڙ، تجل، جهڙيارو، سائدو، لئي واري، مُرادي تي، ٿلو، مامڙو، مهرن وارو ڏيرڙو، وس، نڪرانو جتي وچي وچ سنڌ واري واٽ سان گڏبا هئا.

لاڙ مان ٽنڊي باگي ۽ بدين تعلقن جون جماعتون بدين کان ٩- ميل ڏکڻ- اولهہ شيخ عيسيٰ جي زيارت ڪري اتان هلنديون هيون. اڳ مهيني جي ستين تاريخ مقرر هئي، جنهن تي جماعت وارا اچي، مقرر ماڳ تي گڏ ٿيندا هئا.

---

(١) روايت سائين شهاب غوث (غوث صاحب جي اولاد مان)

لاڙ وارا فقير جدا جدا ماڳن تان هلندا هئا تہ بہ آخر وچ سنڌ ڏاري پهچڻ کان پوءِ ٻن راهن مان ڪابہ هڪ راهہ وٺي هلندا هئا. هڪ 'مَنڍي منزل' واري راهہ ۽ ٻي 'سِري واري راهہ' (ڏسو هيٺ).

• فقير جماعت ڪري هلندا تہ جماعت ۾ ٽي فقير مک هوندا: هڪ خليفو جو مڙني جو اڳواڻ، ٻيو ڀانداري جو ڪاڏي پيتي ۽ جماعت جي پرگهور ۽ سنڀار ڪري، ۽ ٽيون ذاڪر جو ذڪر جي اڳواڻي ڪري. هر فقير سان اڪثر پنج ٽول هوندا: ڪُنڊري، ڪاري ڪتي، ڪَنڊِيل، ڪِشتي ۽ ڪَرِي. ڪنڊري لوهہ واري يا بانس جي لٺ هوندي، ڪنڊيل ٻڪريءَ جي چمر جي سڄي کل مان ٺهيل ڳوٿري جنهن ۾ اٽو، ٻَدَر (ڪاڏي جون شيون) ۽ ٻيو ثمر هوندو.

• قطار ڪري هلندا. هرڪو پوتيءَ سان ڳُنڍ هڻي قطار ۾ هلندو ۽ سڄي سفر ۾ شروع کان جتي ٻيڻو ان مقرر جاءِ تي هلندو.

• ذڪر ڪندا جيڪو ٻہ قسم: هڪ تحليل جو ذڪر ۽ ٻيو ڏهر جو ذڪر. تحليل جي ذڪر جون ڇهہ تسبيحون. ١. لا اله الاالله ٢. الاالله، ٣. الله الله، ٤. لِلهِ لِلهِ، ٥. لهُ لهُ، ٦. هُو هُو (هر هڪ ٻارهن ڀيرا). ڏهر جو ذڪر ٽي تسبيحون: ١. لا اله الا الله، ٢. الله الله، ٣. هُو هُو. ان ۾ لا اله الا الله جي تسبيح پڙهي وايون پڙهندا (اڪثر ميين شاهہ عنايت ۽ شاهہ عبداللطيف جون). اهي 'چوٽ وايون' يا 'لسيون وايون' (توري الحان سان)، مثلا هڪ وائي تہ:

اٽي چرخو چور، سُتين سور پرائيا

ائين وائي چئي وري تسبيح پڙهندا ۽ وري وائي چوندا. ٻي تسبيح پوري ڪري ڏناسري جا بيت ڏيندا. بيت ڏيئي وري تسبيح ۽ وري بيت. دستور اهو تہ فقير اڪيلو هجي تہ تحليل جو ذڪر ڪري ۽ جماعت ۾ هجي تہ ڏهر جو ذڪر ڪري.

• بدر پچائڻ ۽ بدر وراهڻ: يعني مانيون پچائڻ (آڏو منزل جي ثمر طور)، بدر پڄڻ يعني مانين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ (اڳ مانيون چانورن يا ٻاجهريءَ جي اٽي جون هونديون هيون) ۽ بدر وراهڻ يعني اهي ڀڳل ٽڪرا ورهائڻ. ورهائيندو ڀانداري. اڳ وارا فقير (ٽالپورن جي دور تائين). ائين پهر بدر ورهائيندا هئا ۽ هڪ مٺ ٽڪرن جي هر فقير کي ڏيندا هئا. ڏينهن جو پنڌ ۽ رات جو ائين سمهي رهندا هئا ۽ صبوح جو بدر ورهائيندا هئا. اندازا

انگريزن واري دور ڪان وٺي ورچ وڌايائون، ۽ سانجهي توڙي صبوح چئن چئن جڻن کي مُني ڪشتي ڪري ڏنائون. اڳيان فقير جيڪا مٺ ملندي هئي تنهن مان پهريون ٽڪر پانداري کي ڏيندا هئا. ڪو پانداري بہ ايڏي صبر وارو هوندو هو جو اهو ٽڪر وري ڪَنديل ۾ وجهي ڇڏيندو هو ۽ کائيندو ڪونہ هو. پڇيائونس تہ چيائين: ادا اوهان ٽڪر ڏنو پر ائين ڪونہ چيو تہ کاء، تڏهن مون امانت سمجهي رکي ڇڏيو. فقيرن جو 'تاري ٻڌڻ' يعني ٽولي ٻڌي ويهڻ پر ان ۾ عدد مقرر ڪونهي. پر چئن فقيرن جي گڏجي ويهڻ کي 'رومال' چوندا. بدر ورهائڻ وقت چوندا تہ 'رومال ناهيو'، يعني چار چار جڻا گڏجي ويهو. ساڳئي راهہ واري پنڌ ۾ جيڪي پهرين ڏينهن رومال ۾ گڏيا سيئي پوءِ هميشہ رومال ناهيندا.

- راهہ جي پنڌ ۾ جتي ٽڪندا اتي بہ فقير گڏ فقر (گدائي) لاءِ نڪرندا. چوندا: "بہ فقير تي دعا." ڪستي ۾ ڪَنَ وٺندا، يعني هر جاءِ تان ماني وٺندا، (اصطلاح ڪن اڳاڙڻ معنيٰ تہ هر گهر مان ٽڪر وٺڻ). فقر ڪري موٽندا ۽ سلام واريندا تہ چوندا "ننگر صلات!". وينل چوندا: "نعمت عشق الله".
- راهہ جو پنڌ: راهہ ۾ ٽڪو ٽڪڙو، صبر ۽ سنگت سان هلڻ اها ڪِري (رک)، ۽ انهيءَ ۾ ئي امانت. فقيرن جي روايت تہ غوث صاحب چيو تہ امانت مون ڪئي تي پٽيون. هڪ جهليم پاڻ وٽ، ٻي ڇڏيم پونيرن (اولاد) وٽ، ۽ ٽري ڇڏيم راهہ تي. جيڪو راهہ ۾ هلندو سو رڱبو. چوندا تہ: جي سون جي سِر بيٺ تي ٻڌل هجيوَ تہ بہ پيچو ۽ هلو، راهہ تي بيهو نہ، ترسو نہ. راهہ هلندن جي آهي، وينلن جي ڪانهي. انهيءَ معنيٰ ۾ پٽائي صاحب جي بيت جي سٽ تہ:

توڙي لهين نہ پير، تہ بہ راحت آهي رڙهڻ ۾

- راهہ ۾ جيڪو فقير گذاري ويو، تنهن کي راهہ جي سڄي پاسي دفن ڪندا. پيشاب ٽورو راهہ جي کٻي پاسي ڪندا.
- 'مندي منزل، واري راهہ'

'مندي منزل' يا 'مندي واري منزل' (هاٿوڪن شهدادپور ۽ سنجهوري تعلقن جي حدن ۾) ڏُنڙي، برهون، پاڃي ۽ ڪڏڙي کان شروع تي واهوند تي پهچندي هئي. فقير 'مندي واري' کان وٺي

’واهوند جي منزل پريندا‘، يعني منڊي واري کان وٺي واهوند جون منزلون ڪندا. واهوند (تائين پهچڻ) جون جملي چار منزلون. ١. ڊنڙي، ٻرهون، پاجي ۽ ڪڏڙي کان وٺي ’گڏهه ڪُري‘ تائين: نالو ان جو منڊي منزل يا منڊي. واري منزل. ٢. گڏه ڪري کان وٺي گينڊڙائو يا لئي واري يا ٻير واري تائين ٻي منزل. ٣. اتان کان وٺي فقير جو ڊورو يا سائدو ٽري منزل.٤. اتان کان ’وس جو ڪوٽ‘ يا نڪرياڻي جو اوڪار (يعني ٿر جي آخري حد). منڊي کان وٺي نڪرياڻي تائين اهو لاڙائي فقيرن جو راهه، اها واهوند جي مسافت يا مسافري.

● ٻيو ’سري وارو راهه‘، جنهن جو نالو شاهه جي نالي سان چيل هيٺين بيت ۾ آيو آهي ته:

واهوند ۾ وس ٿي، سِري پيو سُڪار
لاتائين لطيف چئي، مٿان ڏيهه ڏڪار
وحدت جو واپار، روضي شاهه رڪن جي.

’سِري واري راهه‘، يعني سنڌ جي سِري يا مٿئين پاسي واري واٽ جيڪا ٽنڊي آدم، هالا، سڪرنڊ، موري ڪانپوءِ اتر ڏانهن روهڙي ۽ اتان پني عاقل، گهوٽڪي ۽ ماٿيلي کان اچي ڏهرڪي ۾ ’واهوند‘ واري واٽ سان گڏبي هئي. هالن ۾ ڀِٽي بزرگ ۽ سڪرنڊ طرف ونجهيري وارا پير غوثي طريقي جا خليفا هئا. ونجهيرين وارا پير جماعت جا اڳواڻ ٿي هلندا هئا ۽ لاڙ مان ڪنگوري وارا نوحاڻي فقير سندن جماعت سان هلندا هئا.

نِڪرياڻي تائين چوٿين منزل کان اڳتي اٺ منزلون ’پنجاب جون‘ ڪري ساريندا جيتوڻيڪ نڪرياڻو ۽ ڏهرڪي سنڌ جي حد اندر آهن. ٥. نڪرياڻي کان جروار، ٦. جروار کان خيرپور ڏهرڪي، ريتي يا ڊنڊي. خيرپور ڏهرڪي کي سڏيندا ’آڏي واري‘ يعني اڌ پنڌ واري منزل. چوندا ’خيرپور آڏي واري‘ ٧. اتان ’روڙي جو ڪوهه‘ سنجرپور جي پريان، ٨. اتان خان ٻيلو، ٩. اتان اچ شريف جي آسپاس، ١٠. اتان اڳتي گهَلُو (درياء جو پيٽ) مٿي ويندا جلالپور

پير واري، ١١. اتان شجاع آباد (جي اوريان يا پريان ٽڪندا)، ١٢. اتان ڪان ملتان.*

• ملتان ۾ زيارتون ڪندا ۽ خاص طرح ڇهٻچي ۾ وهجندا. ڇهٻچو (يعني ڇاهه جو ٻچو يا ڪوهه جو ٻچو). هڪ هودي آهي جيڪا ملتان ۾ اسٽيشن لڳ. پاڪن جو تڙ (باغ ۽ ڪوهه) وٽ آهي. ان ۾ وهنجڻ هڪ وڏو درجو آهي. جن ملتان پيتيو سي فخر مان چوندا "اسان جو ڇهٻچي ۾ تڙ تيل آهي."

• راهه جي انهن منزلن بابت فقيرن جا چيل ڏهر جا بيت ته:

پري پنڌ پنجاب جو، آڏو اٻاڙو
ڪڪوريو قاسم چئي گهلوءَ جو گهارو
پيراٽو پاڙو، مئي سين نه متيان.

—

روضو شاهه رڪن جو، جڙي ڏنو جن
قرض مرض جي قاسم چئي تنگي لٿي تن
ڪونيو پير پڇن، درد تني جي دل جا.

—

٣. درد دلاسي ڪاٽيا ويا ڏک لهي
پسنداسين پيرن ڪي قاسم چئي ڪهي
روهن رات رهي، مون بهاوَ الدين پيٽيو.

—

واهند ۾ وَسون ٽيون، نسوري نيهان
اڇان شال اڪنديو جيسين تو جيان
هلي هٽ ڏيان، پلي ياون شاهه ڪي.

—

گهلو گهوٽ لنگهيا، گهڙيا منجهه گهاري
وٺون پير وراهيون شاهه رڪن ساري
پانڌي پهرائي، واريا پير وطن تي.

* 'راهه جي پنڌ' جو تفصيلي بيان ١٩٦٥ع ۾، ملتان جي خليفي محمود نوحاڻي عمر ٧٥ سال (ولد خليفو سائين ڏنو ولد خليفو محمود ولد خليفو الله رکيو جيڪو ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سان وڙهندي شهيد ٿيو). کان معلوم ٿيو، فقير وڏو سڄاڻ ۽ عابد هو. 'شاهه جي رسالي' جو به ڄاڻو هو. پاڻ 'راهه جي پنڌ' سان ملتان ويل هو.

گهلو گهوٽ لنگهيا، پتڻ پهرئين پور
بادشاهه بهاو الدين ڏي، ماٺو هل مَ مور

..................................................................

—

جُنبي جلال پور کان پانڌي کڻ پيرو
بادشاهه بهاوالدين جو ديک هلي ديرو
غوث گڏبئه گس ۾ ساٿي سويرو
مدعي سو ميرو، جو ميجهه کري ملتان کان.

—

جُنبي جلالپور کان، پانڌي کٽج پڳ،
اتي رڙهه راول چئي، دولهه متي دڳ،
جاڻون کن جڳ، روضي شاهه رکن جي.

# سنڌي نظم جي صنف ’منظوم بند‘

سنڌيءَ ۾ ’علمي ادبي شاعري‘ جي شروعات، عربي قصيدي وانگر، منظوم سٽن سان ٿي، ۽ ڪن جي آخري لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’الف‘ آڻي، قافيي جي صورت قائم ڪئي وئي. اهي ’الف اِشباع‘ وارا قافيا هئا جن سان هم- آواز سِٽن جوڙڻ ۾ سولائي ٿي ۽ نظم واري صورت پيدا ٿي. ’الف اشباع‘ جي قافين وارين سٽن جي بندش سان ”منظوم بند“ جوڙيا ويا، جن ۾ شروعاتي ننڍا رسالا ۽ ڪتابڙا ۽ پوءِ وڏيڪ وڏا ڪتاب منظوم ٿيا. جئن پوءِ تئن، ’الف اشباع‘ بدران لفظن جي آخر ۾ ’و‘، ’ي‘ يا ’ن‘ جي حرفن وارا قافيا آڻي ’منظوم بندن‘ ۾ ڪنهن حد تائين شعريت پيدا ڪئي وئي. ٻوليءَ ۾مهارت سان، جيڪي فڪر جا صاحب هئا تن جي منظوم بندن جو معيار ويتر وڏيڪ بلند ٿيو. گرهوڙي صاحب ٻوليءَ ۾ سلاست، لفظن ۾ ڪفايت، ۽ پنهنجي فڪري قوت سان منظوم بندن کي اعليٰ معيار تي پهچايو.

تاريخي لحاظ سان، ٽالپورن جي دور جي پڄاڻي ڪانپوءِ ٻه ١٣- صدي هجري جي آخر تائين ’منظوم بندن‘ جي صنف مقبول رهي. ١٤- صدي ۾ ان جا ڪي ٿورا معياري مثال ملن ٿا. مخدوم محمد نورنگ زادي جو هينيون ’منظوم بند‘ جيڪو هن پاڻ پنهنجي هٿ اکرين تاريخ ٢٧- شوال مَڪرم سنہ ١٣٦٨ھ تي لکيو سو هن صنف جي آخري جهلڪ جو يادگار آهي. مخدوم محمد ميرپور ٻنوري ۽ ڪورواهہ جي نورنگ زادن مخدومن جي گهراڻي جو آخري روشن ڏيو هو. هو وڏي عالم فاضل علي محمد مهيري جو شاگرد هو، جنهن جي سوانح پڻ لکيائين.

اظهار محبت محمدي در نظم ازدل و زبان مخدوم صاحب

مولانا مولوي محمد نورنگ زاده ڪورواهي

بسم الله الرحمان الرحيم

غالب غني موڪليو غيثا مُغيثا

مِينهن ونا ملڪ ۾ ٿيا ساوڻ سڪارا

رحمتئون رحمان جي وڻ ٽڻ واسيا
لتي ذُرت ڏيهه تان ٿيا عالم آسودا
وَٺا مينهن من المعصرات گهٽا ۽ گهاٽا
ٿڌا ٽربر ٿيا ساوڪ منجهه صحرا
سونهن ساوڪ وچ ۾ پڪا پنهوارن جا
متارا ڏسجن ملڪ ۾ ڌڻ ڌراڙن جا
پهري پيا پٽن تي گوڙ گولاڙا
وچين ويل وٽي تي چڙن چونگارا
ڪن کي محبت مال جي ڪن ٻنيون ۽ ٻارا
ڪي زميني ذوق ۾ ڪي هاري هوشيارا
پسيو پوکون پانهنجيون ٿين خورم خوشنودا
ڪِن ڪيا شوق شڪار جا پوٺن تي پهريا.
مون کي اڃي اندر ۾ پرين پور پيا
سدا ساريان سپرين ساقي سُلم جا
هجر حضرت حبيب ڪريم جي ڪيو هنيون حيرانا
اُڪنڍ عربي جام ۾ اڌمن اوڙاها
"العشق نار يحرق ماسوي الله" اندر آڙاها
مديني جي مير لئي وجهلي وجودا
ڪجيو ڪاميو ڪنيئي ٿيان آٺان اداسا
جي جلي جدائي ۾ قاٿي فِراقا
هِتي قيد الماءِ جا زبر زنجيرا
عمر انهيءَ انتظار ۾ گهاريم گوندرا
تہ مِلان ڪيئن محبوب سان جو منور مصطفيٰ
تکي سير سمونڊ جي ۽ لهرين جا لوڏا
ڪنڌي ناه ڪاڪ جي اپر عميقا
موجن متو ناهه ڪو چولين چوهه ڪيا
ساهڙ رسج سير ۾ اهڪيءَ احمدا
رسينهم رسول رب جا ورنه وريامـا
آسر پريو آهيان اپر اميدا
واحد آنجي وجه جي ڪي والضحي ۾ وصفا

منهن مُبارڪ آنهہ جا والليل اذا سجي
تاريڪيءَ ۾ طلوع ٿيو سندو شمس شعاع
چوڏس م چمڪات ٿيو عالم ۾ اهاءُ
آئي احمد ﷺ جام جي ڪلي قحط لٿا
معمور ٿيا محبت ۾ ملڪ ملڪو تا
آيو وارث دين جو رهبر رسول الله ﷺ
حسن حضرت حبيب جي ملڪ مڙ موهيا
عالم ۾ اسلام جا پيا پرتوا
شرڪ ويو، شر لٿو، ٿيا خير خيراتا.
حاجي هوت حبيب کي ڪج عرض احوالا
تہ گولو گڏيو گوندرين احمد ﷺ عجيبا
ساريو سدا سجڻن کي ڏي اندر اُڇنگارا
ور وسيلا ولهن جا شافع شِتابا
اکين سُرما سڪ جا پلپل مون پاتا
دائم ڏکن دل مٿي دونهان درد سندا
وِسرن نٿا ويل ڪنه پرين پاڙيچا
ديد پسايو دادلا مشفق محبوبا
ڏڏ ڏُهاري آهيان ڪرت نہ چاڻان ڪا
عمر ساري مون ڪيا نت عيب عصيانا
’شفاعتي لڪبائر اهل امُتي‘ وعدا ڪِجا وفا
’ولسوف يُعطيڪ ربڪ فترضيٰ‘ قادر ڪلاما
اسان ايرن عاصين کي آهي ئي آسرا
ڏاتار مون ڏيکاريين روضو رَسولا
پيرانديءَ پرين رسول جي ڪريان جان فدا
جسم جان جندڙو ڪريان قُربانا
جي ديد پسن دلبر جو بخت تني بالا
’مَن زارني ڪان في جِواري يوم القيمة‘ دلبر دلاسا
مون نماڻي نصيب ٿئي دولت ديدارا

ناقص هن نورنگ تي مولا مهر ڪجا
چوان صلوات سرور اتي دائم درودا
وينداسي ايمان سان ڪلمون جي پڙهندا
لااله الاالله محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم
بقلم ڪان الله له محمد نورنگ زاده
تاريخ ٢٧ شوال المڪرم ١٣٦٨سنة هجريه

# جَمل ڪيئن جڙيو!

اي سڄڻ! تو ڪڏهين سوچيو آهي تہ جَمل ڪيئن جڙيو، يعني اُٺ جي جوڙ ڪيئن ٿي! سوچ تہ اجان بہ وڏي ڪرڻ گهرجي تہ جڳ جهان ڪيئن جڙيو، جو شاهہ سائين سبق سمجهايو تہ:

ڪري پاڻ ڪريم، جوڙئون جوڙ جهان جي

جاڻ تہ صحيح لفظ 'جوڙئون' آهي ۽ نہ 'جوڙون'. 'جوڙئون' معنيٰ جوڙي (نر ماد) مان: يعني تہ موليٰ مهربان جوڙي مان تو جڳ اپائي. البت عبرت انهيءَ ۾ آهي تہ ڪائنات ۾ جيڪي عجيب شيون نظر اچن ٿيون، سي ڪيئن جڙيون! سنڌ ۾، ڪوهستان جي سالڪ شاعر ٻبر سوٺهيري بروچ (وفات ١٩١٩ع) عجب ۾ اچي، سوال ڪيا هئا تہ اي سائين:

عَرش ڪُرش آسمان، اهي آڏاٽا ڪيئن اڏياءِ!
زمين زمن لوح محفوظ، جبل ڪيئن جوڙياءِ!
اِها مخلوق ساري منهنجا ڏٽي، خاوند ڪيئن خلقياءِ!

جي 'اُٺ جي جوڙ' جو بہ پڇي ها تہ ڄڻ قرآن شريف جي آيت تي پوي ها، جنهن ۾ چيل آهي تہ "ڪائنات جي تخليق تي غور ڪريو، ۽ سوچيو تہ زمين، آسمان ۽ جبل ڪيئن جڙيا ۽ اُٺ ڏي ڏسو تہ جمل ڪيئن جڙيو، اهو اِبل ڏاگهو ڪيئن اڏيو!" جڏهن منهنجو انهيءَ آيت ڏانهن ڌيان ويو تہ مون اُٺ جي ڦرجڻ ۽ وڏي وڏي ٿيڻ بابت پڇا ڪئي تہ من ڪنهن حد تائين اُٺ جي جوڙ کي ڏسڻ واري هدايت جي پوئواري ٿئي.

اي سڄڻ! جاڻ تہ لاڙ ۾ جَت اڪثر ڏاچيءَ کي 'اُٺِ' ('ٺ' جي زير سان) چون. ننڍڙو مادي ڦر ڪيئن تو وڏي وڏو ٿئي ۽ ويامي، ۽ پوءِ ان جو 'نر ڦر' ڪيئن تو وڏي وڏو ٿئي ان بابت گهڻي پڇا ڪان پوءِ جيڪي مونکي معلوم ٿيو آهي، سو تو توکي سڻايان. تہ:

— اُٺ سياري ۾ مست ٿئي ۽ اُٺِ بہ سياري ۾ ويامي. اُٺ سال ۾ هڪ ڦر ڏئي، پر هن مال ۾ برڪت آهي. جت سياري جا ٽي

مهينا سانهه اٺ ڪي وڳ سان گڏيندا ۽ وڳ ڪي گڏ رکندا يعني گڏ چاريندا ۽ گڏ هلائيندا ته انيون لڳنديون. ڪاري وارا، گهوڙا ٻاري ۽ شاهبندر تعلقن جا فقيراڻي جت سني ڦر لاءِ چونڊ سني سانهه جو گهڻو خيال رکن. سنو سانهه نه هوندو ته سال وڃائيندا پر سنو سانهه وهاريندا.

— اٺ جو مادي ڦر ڄائو ته پهرئين سياري پوري ٽيڻ ڪان ٻئي سياري تائين ’لور‘ سڏبو.

— ٻئي سياري (ٻارهن مهينن) ڪانپوءِ ٿيو ’ٻنئارزي‘ يا ’ٻهاڻ‘.

— ٽئين سياري ڪان چوٿين سياري تائين ’رَسمي‘.

— چوٿين سياري ۾ اٺ ويهندس: پنڌرهين ڏينهن تائين ڏڪائي جي خبر ڏيندي ته ڳپ جهليائين يا نه. جي ڳپ جهليائين ته اٺُ يا ماڻهو ويجهو ايندس ته پڇ مٿي ڪنديِ ۽ چئبو ته ’پڇ ڏئي ٿي‘. جي ڳپ نه جهليائين ته پڇ ’ڪانه ڏيندي‘ (ڪانه ڪٽندي).

— جي ڳپ جهليائين ته پهريان ڇهه مهينا ٿي ’نئين ڏُڪي‘ يا ’مٿيتي ڏڪي‘، ان بعد پيٽ ڪيندي ۽ اوهه ڪيندي ته چئبو ته: ’ٿر ڪري آئي آهي‘، هاڻي ٿيۡ ’وِيېندڙ‘ ڏڪي (ويامڻ واري ڏڪي) ۽ چئبو ته پاڳهار ڪيا اٿس يا تر ڪيو اٿس.

— باقي مهينو ويامڻ ۾ ته چئبو ’اوهي آهي‘، يعني پورو اوهه ڪيو اٿس.

— باقي هڪ يا ٻه ٽي ڏينهن ويامڻ ۾ ته چئبو ’پوني‘ ٿي آهي. ان وقت اٺِ وڳ ڪان پئي ڇڏي ٿيندي ۽ ٻچڻ جا خيال ڪندي. پوءِ ڏٽي نظر رکندس.

— ويامڻ وقت، پهريائين ’گهڙو ڪيندي‘ پوءِ ڦر ايندو، پوءِ جر ڏيندي، يا جر ڪيرندي يا جر ڇڏيندي يا جر لاهيندي.

— پهريان ڏينهن آلوڙي يا پاچالي، ۽ پوءِ هيترن يا هيئرن مهينن جي سُئا.

— ان وقت جالنگ چاڙهيندا ته ڦر نه ڏائي. جالنگ ’ڇڪي‘ وانگر جيڪو اٺِ جي ٿڻن تي چاڙهي، ان جون ٻه ٽڻيون (ڏورون) ماءُ جي پني تان واري ٻڌي ڇڏيندا. ڪاري وارا جت ’جالَڻ‘ ٻه چون

(جالنگ جو ٻيو نالو اُوٺھ). ان وقت چئبو تہ اُنِ ’ڪوٽيلي‘ آهي يعني ڪانگهاري، پر اُٺِ کي ’ڪوٽيلي‘ چئبو.

- ڪجهہ وقت ڪان پوءِ ڏسي چئبو تہ ’رَسيل‘ آهي، يعني تہ وڙ پئي ڪري. اٺِ کي وهِر ڪونہ ٿيندو، وهر ڪانہ ڪندي. پر ٻت ۾ رسيل (نهيل، متاري) هوندي تہ اُٺ جي آڏو ويهي رهندي. اٺ ٻہ ٽي پيرا ٻوڙائيندس تہ چئبو ’اٺ تي لڳل آهي‘.
- اٺ ڏکي ٿي تہ ٻارهن مهينا ڪيندي. اٺ متس ويهندو اڪثر سياري ۾، ۽ ٻئي سياري ۾ ويامندي.

’مادي ڦر‘ جو بيان مٿي ڪري آيا آهيون. هيٺ ’نر ڦر‘ جي ڄمڻ ۽ وڏي ٿيڻ جو ذڪر تہ:

- نر ڦر ڄائو تہ ٿيو مَزات (مازاد) ۽ وڏو ٿيو تہ گورو يا گونرو، ٻارهن مهينا پورا ٿيا تہ ٿيو ’اُتوڙ‘، يعني ماء ڪان اُتڙيو (جدا ٿيو).
- ٻئي سال جي شروع ڪان اتوڙ ٿي ’ٻهاٽي‘ ۾ شروع ٿيو، ۽ ٻہ سال پورا ٿيا تہ ٿيو ’ٻهاڻ‘.
- ٽئين سال جي شروع ڪان وٺي ٽن سالن جي پوري ٿيڻ تائين ’ٽِهاڻ‘.
- چوٿين سال جي شروع ڪان چوٿين سال جي آخر تائين ’چَٺ‘ ’ٽِهاڻ ۽ چٺ‘ وارن ٻن سالن ۾ چئبو تہ ’ڪنوات‘ آهي، يعني چڙهي جي لائق آهي.
- پنجون سال سڄو دوڪائي جو.
- پنج سال پڪا ٿي ويا تہ چوڳائي جا چار ڏند ڪيندو ۽ ڇهون سڄو سال چوڳائي جو، يعني ’چوڳو‘.
- ڇهہ سال پڪا ٿي ويا تہ ڇڳائيءَ جا ڇهہ ڏند ڪيندو ۽ ستون سڄو سال ’ڇَڳو‘.
- انين سال جي شروع ۾، نيشائي وارا ڪاٽينا ڪيندو ۽ انون سڄو سال ’نيش‘ يعني پورو جوان ۽ وڏي طاقت وارو.
- نائون سال ’نيشن‘ جي وڌڻ جو، ۽ نائين سال جي آخر ۾ ’پور نيش‘ يا ’پڪو نيش‘ ٿيندو.
- ڏهين ڪان ٻارهين سال تائين ’نيش‘، ۽ پوءِ ٿيو ’اُرموش‘. تڏهن نيشن ڪان پوئتي ٻيا ڏند ڪيندو.

هينئين بيت ۾ شاهه صاحب انن جا عمر جي لحاظ سان نالا آندا آهن ته:

گورا هلن نه گس، دَوڪ دَهليا جت
چوسال ئي نه چلٽا، ٽي تنگ نهاري تت
سوڏي ات سيد چئي، پوءِ پانجارن پرت
ان اٺانگي پنڌ جي ڪا نيشن پوءِ نرت
سسئي وڏي ست، جا ايهيءَ پر پنڌ ڪري.

'مادي ڦر' (اٺ يا ڏاچي) به متئين طرح ائين ڏند ڪيندي پر عمر جي لحاظ سان نالا ٻيا ٽيندا جيئن متي بيان ٿيو. ويامڻ ڪان پوءِ، هڪ پيٿي، ٻه پيٿي، ٽه پيٿي سڏبي. ننڍي ته گوري، وڏي ٿي ته ڏاچي ۽ گهٽو وڏي ته پوراف.

اٺ جو ڦر ننڍو هوندو ته ٻُوري ڪندو، ٻڌل يا پوريل هوندو پر جڏهن ڪلندو ته ٻُوتي ٽوري ڪري وني ڊوڙندو. ان وقت ساجهه ڪانه هوندس. بهتر ته ماٺهو ٻچي پري ٿئي. جڙي ڪنواٽ ڪي ٽاڙ هٽندا، يعني منهنار تان ۽ پويان ڪنڌ تان رسو ورائي ٻڌندا ۽ پوءِ ان ۾ ٻيو رسو وجهي ٻئي زبردست اٺ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيندا. انهيءَ ضابطي سان جڙو ڪنواٽ جڙائي ڇڏيندو. وڏي اٺ ڪي ناڪيلي هٽندا ته ضابطي هيٺ رهي.

اي سجڻ! ڄاڻ ته اُٺِ جو ڪير نِرويو آهي ۽ 'ٻَرهال' لاءِ مفيد علاج آهي:

اٺ ڪي بيني ڏهندا، پهاڪو مشهور آهي ته:

مال هرڪو ويني ڏيي، بيني ڏيي اٺِ

ڏهڻ وقت گورو 'چوڪيندا' يعني ڏائيندڙ گوري ڪي چڪي پري ڪري ٻڌندا. اٺِ وڏي ٿان ۾ ڏيي جنهن جا جدا جدا جاين تي جدا نالا. هڪ دَري (ڪاٺ جو وڏو پيالو)، ٻيو ڇَنڙو جيڪو ڪنجهي جو وڏو ٽانگهو ٽاسرو، ٽيو 'ٽوپ' جيڪو ٽامي يا ڪوپر جو هنديءَ مثل ٿانءُ. هڪ ڀيري ساڪري ۾ مرحوم حسن علي خان ٻگهياڙ وٽ ڪچهري لاءِ ويل هوس جو اتي محمد اسمعيل ۽ مون ڏاچي ديڳڙي ۾ ڏڏي.

سنڌ ۾، هن ويجهي پوئين دور تائين، ميرپورساڪري ۽ لاڙ، اولهندي طرف ڇپر-ڪوهستان، ۽ اوڀر ڏانهن ٿر، سانگهڙ ۽ ناري-جُبي ۾ اٺن ڏارڻ ۽ پالڻ جو سلسلو هلندو آيو آهي. انهن علائقن جي اٺن کي، اتان جي نالن سان سڃاتو وڃي ٿو. اتي جي سانديل اٺن جا نسل بہ اتي جي نالن سان سڏبا.

● اٺ جو ڪاڌو

اٺ جهنگ چري ۽ سي وڻ کائي. اٺ ۽ ٻڪر ٽڪيي ڪين مرن، چو جو گاهہ ناهي تہ وڻ چرن. اٺ جو ڪاڌو پهريون نمبر پسند لاٽو ۽ ڪبڙ، ٻيو نمبر ڪرڙ ۽ ڪنڊي. گاهہ سي چري. ٿر ۾ وس جا گاهہ تن ۾ اٺ لاءِ سَيَڻُ ۽ ويڪر پهريون نمبر: ٻئي نمبر ۾ ڏڪڙي، ڏامٽي، ڇپري، ٻَڪُڙو، پنڊُري، پُرٽ، سَرينَ، هِلڙو، لانيو (جيڪو ڳائي مال لاءِ نقصانڪار). اٺ سڄو سال هر حال ڪاڏي ۾ خوش هوندا جو گاهہ نہ هوندو تہ بہ ڪونہ ڪو وڻ هوندو. ٻيو سي مال گاهہ تي، جڏهن گاهہ هوندو تہ سيرا نہ تہ ايرا. چيٽ ۾ ٻڪري لاءِ گاهہ ۽ ٻڪرار خوش، سانوڻيءَ ۾ ڳئون لاءِ ۽ ڳنوار خوش، سَرءُ ۾ جڏهن ڪانهہ ۽ سر ڦٽن تہ مينهون ۽ ميهارِ خوش، ڪتي ۾ رڍون سرهيون جو پنيون ڪترجن ۽ ريڍار خوش، باقي اوٺارِ ڪي ڪڏهن بہ ڪا ڳڻتي ۽ سار ڪانهي.

چيٽ ادائي ڏيـنهڙا، ٻڏي تي پنهوار  
بہ مهينا سانوڻي، ڳاڙهي تي ڳنوار  
ڪانهن ڪُنيون ڪيون، موڙا ڏئي ميهار  
ڪِليو ڪتيون وڪٽي، ڪتيءَ ۾ ريـڍار  
اَسارِي اوٺارِ، ڪَرَ نہ آهي ڪڏهين.

يعني اوٺارِ ڪي ڪا سار ۽ ڳڻتي ئي ڪانهي، جو ڏڪار ۾ بہ انين لاءِ وڻ آهن.

● اٺ لاءِ پاٽي

ٿر ۾ جتي پاٽي ناهي، اتي اٺ بہ ڏينهن تسا ڪڍن (پاٽي ڪين پيئن). وڳ هڪ ڏينهن پاٽي تي ايندو ۽ وچ ۾ بہ ڏينهن پاٽي تي ڪونہ ايندو، يعني بہ ٿسا ڪڍندو ۽ ٽئي ڏينهن پاٽيءَ تي ايندو.

● اٺ ۾ عيب

اٺ نر توڙي مادي ۾ جم ڪان وني ڪي عيب ٿين ٿا ۽ ڪي پوءِ بين سببن جي ڪري ٿين ٿا. جيئن تہ:

- ڪنڊ ۾ ڪُرنگي: يعني ٻڇي ڪوتھ ۽ پوئتي وريل
- اڳ تي اُونڊاڇي: اڳ تي نميل
- ٿڻ ۾ مٽيو: ٿڻ جي سوراخ ۾ ننڍي ڳنڍ، جو کير جو ڳوھو سولو نہ نڪري.
- مُڄ: ٿڻ واري سوراخ ۾ ڏکھي نس، جو کير بندجي وڃي.
- رَند: ٿڻ جو سوراخ صفا پوريل
- پُوزو: پير جي وٺ سان سوڄ ۽ ڳڙ
- ٿريو: پير جي هيٺان ڳاٺ ترهاٽ
- سَٽ: پير ۾ موڙ
- ڪُولو: لڙيل ڪن
- نسَڙ: ڳر مان نسڙ (لا علاج ڳر مرڻ واري)
- ڳر: جسم تي مر
- ڪيڻ ۽ ڪاڻ: بدن ۽ ڳچيءَ لڳ ڳوڙها (ڏنبي ڏيندا تہ ڪاڻ ڦاٽي پوندي، يا سُسِي ويندي).
- ريھڙ: پيٽ جو ساڙو
- رَندو پيٽ ۾ ڳوڙھو: چوندا، ’اندر رندو اٿس، ڏنبي ٿوھي جي پويان ڏجو‘
- مُشڪ ۽ مھٽ: ڪارس جنھن لاءِ بغل ڪان ٽُڪا (ڏنبي) ڏيندا.
- وَرُ: تڪڙي اٿڻ تي ٽنگ ۾ ور، جنھن ڪان آڏو آڏو ڪنڌي ڪري هلندي. (ٽنگ جي مٿان ڦر ۾ ور جو ڏنبي ڏيندا).
- ٿوپو: وچين ڪوڙيءَ ۾ ڳنڍو، ڪوڙي جي مٿئين پاسي يا پيچ جي مٿئين پاسي ٿوپي جو ڏنبي ڏيندا.
- پڙٻاهي: پڙٻاهيءَ ۾ تڪليف تہ پڙٻاهي تان ڏنبي.
- سَر ۽ بَدَ (ساڪري طرف اهي نالا): ’سَر‘ يعني ڪڇ ۾ سَرِنِ وانگر ڏکھيون ڏنيون، بد يعني ڳوڙھيون.

جاڻ تہ اٺ جي عضون جا ۽ جسم جي ڪن جاين جا جدا جدا نالا آهن. هڪ پيري مون اهو ذڪر ڪيو تہ منھنجي ميزبان مرحوم

عبدالمجيد بانيڻ (ڳوٺ وڏيرو جلال بانيڻ، ضلعو خيرپور) مون
کان پڇيو تہ: پلا اٺ جي پڇ جي پاسي وارن وارن کي ڇا چئجي؟
آءٌ بڏي حيران ٿيس تہ انهن وارن جو بہ ڪو نالو هوندو! منهنجي
اٺ چاڻائي تي، ٻڌايائين تہ انهن وارن جو نالو آهي 'وارَنهِ' (نون
غنو).

● اٺن جا رنگ

اٺن جا رنگ گهڻائي آهن پر ڪڪڙا ۽ ڪارا عام آهن. ڪَڪا يا
ڪڪڙا ساڳي ڳالهہ. ڪارا هڪڙا ٻرونگ ڪارا (گهٽو ڪارا) ٻيا
ڪٽا ڪارا. ميين شاهہ ڪريم، جي بيت ۾ ڪار- ڪَنا ڪڪڙا اٺ
(ڪرها) تن جو ذڪر آيو آهي تہ:

ڪارين ڪنين ڪڪڙا ڪَرهَ وِلاڙ وجن
ويلو ڪن نہ وڃ تي، نہ اوڳار پڇن

● اٺ جا مرض ۽ علاج

اٺ جا مرض گهڻا آهن جيئن تہ مَهٺ، موڙ، رَندو، چيرو يا ڪڍڻ
(مڇر ڪڍڻ)، پوڇو يا پُوزو (پير ۾ سوڄ ۽ منڊ)، شالو (ڪوڙيءَ ۾
سوڄ ۽ سور)، هَرِهِ (مغز ۾ سور)، ساڙ، گر وغيره. انهن ۽ ٻين
بيمارين جا علاج سُڄاڻ جت پاڻ ڪن. مثال خاطر، پوين ٻن مرضن
ساڙ ۽ گرَ جا ڪي علاج جيئن معلوم ٿيا، تيئن ڏجن ٿا.

● ساڙُ: مڇرن ڏنگڻ کان يا ڏينهن لڳڻ (ڏينهن جي گرمي) کان اٺ
جو تئجي پوڻ. سڄاڻپ اها تہ جو ڪاڏو چس ڪري نہ ڪائيندو،
بعضي اوڳر ورائيندو ۽ بعضي نہ ورائيندو. متارو نہ ٿيندو، اکين
مان پاڻي وهندو ۽ وار مئل هوندا، سَرها نہ هوندا. مرض سڄاڻڻ
ڏاهي جو ڪم آهي، جي خاطري ٿئي تہ سڙيل آهي تہ هينيون علاج
ڪارگر. ٻنهين ڪنن جي پاڙ ۾ منڊاٽي داغ ۽ سنها ڏنب، پڇ جي
پاڙ ۽ چوٽيءَ ۾ بہ ڏنب. ڦٽڪي بہ سير، لوڻ بہ سير، ڳڙ هڪ سير،
هڏ رس اڌ سير ۽ آفيم سپ ڏڌر ڪري ملائبا ۽ ڪاڙهبا. آخر ۾
هڏ رس ملائي جلد باهہ تان لاهي رکجي. نرڻ بعد ڳنڍيو تي پوندو.
ان مان روزانو هڪ پاء وزن ڏڌر ڪري، سانجهيءَ جو اڌ سير ڳڙ
سان ڪنگر پاڻي ۾ ملائي رکجي ۽ ٻئي ڏينهن صبوح جو سويل
ملائي حل ڪري اٺ کي پيارجي. وري ٻيو وزن ان وقت پچائي

ڇڏجي ۽ ورندي صبح جو پيارجي. ويهه ڏينهن پيارجي. ان سان گڏ هينئين ترڪيب سان ڪير واري لسي به تاڏل طور پيارجي. گڙ اڌ سير، هڪ سير پاڻيءَ ۾ ملائي شربت ڪجي ان ۾ هڪ سير ٻاڪرو ڪير ملائي لسي ڪري شام جو پيارجي.

● **گرَ:** بت تي مَر ، علاظت چڙهندي، خارش ڪندي، چمڙي ڪي ڪائيندي، وار ڪسندا ۽ اٺ ڏٻرو ٿيندو. گر جو علاج آهي پاهُ، يعني لاٽي جي ڪار ۽ ڪٻڙن جي چار تيل ۾ ملائي مک ڏيڻ ته چمڙي صاف ٿئي.

## اٺن جا نسل

● **ڪِيتلوري:** يعني ڪيتلور جو اٺ. ڪيتلور مڪان، تڙ ۽ ڏهر، ديهه 'راٽڪ ڏهر' تعلقي ڪپري (ضلعو سانگهڙ) ۾ آهي. اهو مڪان 'پٽ ياڻي' ڪان پنجاهه ميل ڪن ايرندي آهي. اتي جا راڄڙ (پاڙو راڇپار) ۽ سوڍا تن جا سانديل اٺ ڪيتلوري سڏجن. ڪيتلور جي سِيم، تلي ۽ ڏهر ۾ ڪونيٺ جو وڻ گهٽو ۽ گهاٽو آهي جيڪو اٺ چرن ۽ ميا متارا ٿين. تڙ واري ڏهري جي زمين (ٻٽن جي وچ ۾ پر) پڪي، اتي ڏاچي جيڪا اڇي ويامي ان جو گورو سانڊيين. ڪيتلوري اٺ قد جو ڇوٽو، بت ۾ سنهون، منهنار نندي، ڪن ڪنڊا، پير نندڙا، اوڙي (ڪوڙي) نندڙي ۽ سهٽي، پڇ به نندڙو ۽ پڇ ۾ به ڇڙيون. (يعني به وٽ يا گهنج) پيٽ لڪدار ۽ ران ٿلهي يعني هرڻ- پندو. ڪيتلوري اٺ سواريءَ جو سهٽو ۽ تکو.

● **ڏاٽي:** ڏاٽي يعني ٿر واري علائقي ڏٽ يا ڏات جو. ڏات ۽ ڪاهڙ ساڳي ڳالهه جنهن ۾ شامل: عمرڪوٽ تعلقي جا به ٽپا ڊينور ۽ ڪپلور، ۽ ڇاڇري تعلقي جا ٽپا ڏاهلي، گڏڙو، پارٽو، منڙيو، ڪينسر ۽ تڙ احمد (جو اڌ) ۽ پڻ ڪجهه حصو هندوستان واري لاڳو سرحد جو. ڏاٽي اٺ قد بت ۾ لانيو سنهو، مڇي ٿلهو ڪونه ٿيندو. گرهوڙي صاحب جو بيت آهي ته:

عاشق ڏاٽي اٺ جيئن، مڇي ماس نه ڪن
توڙي وس چرن، ته به رت نه رتيءَ جيترو.

- ڊِرانئي: يعني ڊِرڻ جو، اتر طرف اچڙي ٿر جو (جتي ’ڊِرڻ‘ آهن). ڊرانئي اٺ قد جو پورو سارو، سنهڙو، پنڌ ۾ تکو. ڊرانئي اٺ منزل گهٽي ڪڍندو ۽ سهڪو نہ ڪندو. ٿيهہ پنجٽيهہ ڪوهہ پنجن ڇهن ڪلاڪن ۾ ڪڍي ويندو.

اچڙي ٿر ڪان مٿي اتر ڏانهن اٺ جدا جدا ننڊن علائقن جي نالن سان سڏجن جئن تہ:

- ڳاهڪي جو اٺ، يعني ڳاهن واري علائقي جو (روهڙي ڪان هيٺ ناري تائين). ڏسڻ جو ڪوجهو پر منزل ڪرڻ وارو.
- ريٽي جا، يعني اباوڙي- مير ماتيلي ۽ ان ڪان هيٺ ريٽي واري علائقي جا، ڏسڻ ۾ ملوڪ.
- ٻهِڙائي، جيسلمير- بيڪانير سان لاڳو سنڌ جي سرحد جا، اهو پڻ پاسن جو گڏيل نسل، ٻهڙ يا ٻسر. بيڪانيري، تن جا ڪن اڪثر ڪارا ٿين ۽ رڻ جو پنڌ تڪائيءَ سان ڪڻن.
- سهاڳٽي، شاهہ ڳڙهہ واري علائقن جا، شاهہ ڳڙهہ يعني جيسلمير جو اهو علائقو جنهن جي حد سنڌ جي خيرپور ضلعي ۽ روهڙي وارن ڀاڱن سان ملي.

- جالوري، ڏکڻ ڏي ننگرپارڪر جي ٻريان هندوستان جي جالور ضلعي جا، جيڪي اڳ سنڌ ۾ آندا ويندا هئا.
- مڪراني: وزن جو ننڍو، وزن سارو بار گهٽو کڻندو، منزل جو ڏاڍو، تڪندو ڪونہ، چڙهي ۾ سهنجو، لر پيو ويندو تہ بہ سوار نہ تڪندو. مڪرانين ۾ اول نمبر ”باوا“ جا، ”باوا“ ڪو علائقو آهي. باوا جو اٺ پنڌ ۾ خارج ڪو ورلي هوندو. عام مڪراني نسل ڏسڻ ۾ ڪوجها، پر باوائي البت ڏسڻ جهڙا.

سنڌ ۾ انن ڏارڻ ۽ سنيالڻ جو وڏو ماڳ مرڪز ٿٽو ضلعو، تعلقي ميرپورساڪري ڪان تعلقي جاتي تائين. جت بلوچ قبيلا جيڪي اوٺار سڏجن، سي انيون ڏارين ۽ سانڍين.

ٺٽي ضلعي ۾، اتران ٺٽي طرفان هيٺ ڏکڻ ڏي هلبو تہ وچ وارين پيٽين جا اٺ تن جا قسم يا نسل مقامي طور سلسليوار هينئين نالن سان سڏجن.

- سنڌي: دابيجي، جنگشاهي واري طرف جيڪي متي جبل چرن. ڪڏهين ساڪري ۾ به لهي اچن. پير وڏو، ٿلها عضوا، متو وڏو، بي ڊولو، پچ وڏو، وزن جو ڳرو، نار ۾ بار جو ڏاڍو، طاقت وارو، پچندو نه.
- ساڪرائي ٻسر: ساڪري، گهوڙاٻاري، شاهبندر ۽ جاتي، انهن تعلقن ۾ سُڪي جا چاول ۽ رهاڪو، پر ڪارو به چرن. منزل ۾ ڪاراين ڪان وزندار ۽ سهڻا.
- ساڪرائي ڪارائي: ڪاري ۾ فقيراڻي جتن جا اٺ، گهوڙا ٻاري ۽ شاهبندر تعلقن جا. ٻيا ڏٻائي جتن جا، جيڪي 'جهور ملوڪ شاهه' (تعلقو گهوڙا ٻاري) ۾؛ پئيناٽي درياء تي رهندڙ پانڌياڻي ۽ لٽاڻي جتن جا جيڪي واڳوري (واڳو در) جو پاڻي پين. انهن جا اٺ هميشه ڪاري ۾ ئي چمن، ويامن، وڌن، ڪاري ۽ تعلقي ميرپوساڪري جي حد ۾ تِمر چرن ۽، ڪاري جي مينهين وانگر، ڪاري جا درياء تري وڃن. متين ٻن واڙن وارا اٺ ڪي ٿورا ڏينهن ڪنڌيءَ تي سڪي تي چڙهن، باقي گهڻو عرصو اهي به ڪاري ۾ رهن.

فقيراڻي جت سانهه جو تمام گهڻو خيال رکن. سانهه مري پوي يا نه ملي ته سال وڃائيندا پر سانهه پنهنجي وڳ جو وهاريندا. انهن ۾ ڪڇ جي سانهه جو اثر، ڪنين سهڻا، سونهن ۾ اول نمبر.

— نار (واڳودر) وارا يا پئنياڻي وارا: اهي وزن ۾ سڀ کان هلڪا، سينو ڪشادو، ٻج گهڻا، پير ننڍا، پچ ننڍا. نار وارن (واڳودر) ۾ ڪڇ ۽ ڪوڙي ڪانه ٿئي. سر ۽ ٻد انهن ۾ ڪانه ٿئي، يعني ته ڪڇ ۾ سرين وانگر ڏگهيون ڏنيون يا ٻد يعني ڳوڙهيون ڪين ٿين. انهن ۾ تمام گهڻو تيز.

— جهور وارن جون ساڳيون وصفون، ٻسر واريون. سيني نسلن ۾، هلڻ ۾ تيزي وارو اٺ، وينو هوندو ته به پيو 'جُوڻ هٽندو'، يعني اٺڻ ۽ هلڻ لاءِ پيو لڏندو ۽ پاسا چوريندو. اٺ جو 'جُوڻ هٽڻ' خاص اصطلاح آهي.

● گهڙياتِڻ يا گهِڙياچڻ نسل جو اٺ جنهن تي راڻو ميندرو رات جو روزانو چڙهي ڪاڪ تي ويندو هو، ۽ جنهن لاءِ چيل تہ اٺ رڳو ناگر وَل چري اهو خيالي نالو. سگهڙن جو چوڻ تہ گهِڙياچڻ اٺِ، واسينگ نانگ ۽ پدمڻي جوءِ هن وقت ڪين آهن، ناپيد آهن.

'جواني جي اٺ' جي بي پرواهيءَ جو شاهہ عبداللطيف رسالي جي سر 'ڪنيات' ۾ ذڪر آندو آهي پر آخرڪار پوڙهو ٿي ڪاڏو ڪوڙي ٿو:

جنهن ميي ٿي مڻ ڪنيا سو رڙهڻ ڪان رهيو
اتيارانس نہ اُٿيي، پلاٽيان پيو.

—

ٿر، ڏونگر، بر، روهہ، ميي سڀ مناڙيا
هاٽي اگڻ اسي ڪوهہ، ڪرهي ڪشالو ٿيو.

# ظرافت، خوش طبعي

• سوڍي فقير خاصخيلي جو اوتارو خيرپور تعلقي ۾، ڳوٺ حاصل خاصخيلي، سوڍي فقير مرڻ کان اڳ چيو ته: ”نڌڪو ناهيان: منهنجا ڪانڌي ٿيندا ڳڪلاٽي، منهن ويهندا ميلهاٽي ۽ پت ڪندا ٻيڙاٽي“ (اهي ٽيئي پاڙا چانڊين جا اتي پسگردائي ۾).

• درويش درس بديڻ وٽ ماڻهو ويا ته: سائين دعا گهر ته مينهن وسي! درس بديڻ ڏٽيءَ کي سوال ڪندي چيو ته: ”مولىٰ مينهن وساءِ نه ته سهاڳڻيون ٽيون چوڙا ڀڃن!“

• ٣١- آگسٽ ١٩٦٢ع تي، ٺٽي (مڪلي) ۾ محترم محمد اسماعيل خان نون (ڊيپوٽي ڪمشنر) جي بنگلي تي وڏي ڪچهري ٿي. سگهڙ عبدالله جوکيي چيو ته: ڪي ڏينهن اڳ فلاٽي هنڌ ڳائڻ ڳايو جن کي ٻين روپيا ڏنا پر مون ڪونه ڏنو. هنن پوءِ گهر ڪئي تڏهن مون چيو ته اوهان چئن وڏن راڳن مان ته هڪ به ڪونه ڳايو سو اوهان کي انعام نه ڏنم. پڇيائون ته ڪهڙا؟ مون چيو ته: هڪ جو پيڙو ٺڦي ٺو دانگيءَ تي وجهجي ۽ اهو ٺو ٺڦ ٺڦ ڪري، ٻيو ولوڙڻ وقت منڌي جيڪو گهوگهاٽ ٿي ڪري، ٽيو ڪير سان مانيَ ڪائيندي، جيڪو سُرڪي وارو منو آواز ٿو ٿئي، چوٿون ڊو ڪري ڪائڻ ڪانپوءِ اوڳرائي جيڪو سُر ٿي ڪري!

• وڏن جا وڏا چرچا ويهين صدي تائين سگهڙن جي ڪچهري ۾ بيان ٿيندا هئا جئن هيرن ڪاڻ-١ ۾ بن اميرن گولا شاهه ڦهيري ۽ ٻچل شاهه مهاولي جا آمهان سامهان سوال جواب مثالطور ڏنا ويا آهن. هينيان گفتا جام ٻجار جوکيي ۽ مير مزار ڪلمتي جا ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي ڪچهريءَ ۾ ٿيا. ان وقت ٻنهي ۾ صلح هو پر جام ٻجار نٿي چاهيو ته مير مزار ميان صاحب وٽ ايترو گهڻو مقبول ٿئي. جام ٻجار کي ميان غلام شاهه پاڻ مانائتو ڪيو جو هن ڏاراجا جي راڻي کي ماريو هو. مير مزار پيڙهائتو سردار ۽ جاگيردار هو ۽ سندس وڏا مغلن جي دور کان وٺي طاقتور رهيا

هئا. ميان غلام شاهه ٻنهي کي گڏ سڏيندو هو پوءِ هڪڙي ڏينهن هڪ ته ٻئي ڏينهن ٻيو سندس ڪچهريءَ ۾ سلام تي ويندو هو. ميان غلام شاهه چام ٻجار کي وڏي ڪينڪار ڪندو هو پر ويني هٿ ڏيندو هو، پر مير مزار کي اتي ملندو هو. هڪ ڀيري چام ٻجار ميان غلام شاهه کي چيو ته: ميان صاحب، تون جو مير مزار کي ايتري عزت ٿو ڏين سا ٻئي ڪنهن ٻروچ کي ڏي: مير مزار ته گڏيءَ جو پٽ آهي. ميان غلام شاهه اها ڳالهه دل ۾ رکي ۽ جڏهن مير مرزا سلام تي آيو ته پڇيائينس ته: هي ڳالهه سچي آهي چا؟ مير مزار ڳالهه جو سُر سمجهي ويو، سو ڪلي ڏنائين ۽ چيائين ته: اهو چاچي (چام ٻجار) چرچو ڪيو هوندو، جو هو اهڙا چرچا ڪندو آهي ۽ چوندو آهي ته غلام شاهه پٽ آهي گلان ڪجريءَ جو. ميان ڪٽي مات ڪئي. ٻئي ڏينهن چام ٻجار سلام تي آيو ته متس ڏمريو ۽ ڪيس نظربند ڪرايائين. اهو ٻڌي مير مزار وڃي چام ٻجار سان مليو. تڏهن چيائينس ته جئن ميان کي ڪاوڙايو اٿئي تئن پرچاءِ ۽ ڇڏاءِ. پوءِ مير مزار سلام تي ويو ته چيائين: ”ميان صاحب، چاچي کي بند مان يڪدم ڪڍ نه ته ماڻهو سندس چرچي کي ويتر وڌيڪ چورينداّ!“

● ڪچهريءَ ۾ عاشقن جي ڳالهه هلي ته هو سڪن تا سهن تا ۽ ڪين ڪا شيءِ ڪانه تي وٺي، تڏهن لونگ فقير جوکيي چيو ته:

”عاشق ان نه ڪِين، ستون ڪين ساڳ کي“

● ڪچهرين ۾ عاشقن جي سورن سختين جون ڳالهيون هلنديون هيون ۽ سگهڙ به مرچ مصالحا وجهندا هئا. ٢٤ جنوري ١٩۵٩ع تي ميرپور ٻرڙي (تعلقو نل) ۾ وڏي ڪچهري هئي. عاشقن جو ذڪر آيو ته سگهڙ محمد يعقوب ٻرڙي چيو ته:

عاشق سپ سڏي، سوري اوليائون سمنڊ ۾\
جيڪو ڪين ٻڏي، تنهن کي پٽر ٻڌائون پيٽ سان.

● حاجي مرادبخش مري (ڪپرو) وٽ مڱڻهار فقير خيرات لاءِ آيو. سندس گهوڙو ستار پيشاني وارو هو، سو چيائينس ته: فقير اهو نياڳو گهوڙو ته ڪڍي ڇڏ! تڏهن مڱڻهار چيو ته: سائين پنان ائين ئي پيو، وڌيڪ نياڳ ڪهڙو ٿيندو! (جنهن گهوڙ جي باني تي

نانڍڙو اڃو ٽڪو سو ستار پيشاني وارو، جنهن کي گهوڙن وارا نياڳو ڪري سمجهن).

• ڪڇهريءَ ۾ سگهڙ خاقل ٻرڙي هڪ رواجي معنيٰ وارو بيت پڙهيو ۽ وري هڪ ڏکي ڳالهه ڪڻ جي شروعات ڪئي. تڏهن ٻئي سگهڙ جو نالو وٺي مون چيو ته: ”خاقل بيهه ته هن جو گفتو ٻڌون.“ تڏهن چيائين ته: ”بيت لکين ته لک، نه ته ڳالهه ته ٻڌ: ٻنهي ڪون ته نه وڃاءِ“

• دُراني فقير چيو ته پٽائي پنهنجو راڳ دنبوري ۾ آندو: (پير صاحب پاڳاري جي) جماعت جي فقيرن راڳ گوڏي مان ڪڍيو (يعني بنا سازن جي گوڏي تي هٿ هڻي، تار جهلي، راڳ ڪيو)؛ سانوڻ پنهنجا بيت نڙ ۾ آندا؛ باقي صوفين جو ڳائڻ سو دڙي تي پاٽي چاڙهڻو آهي (يعني صوفي ڪلام مٿي چوٽ تي وڏي هُل سان هلندا).

• ڪڇهريءَ ۾ ربنواز ڪان نالو پڇيائون، چيائين ته نالو اٿم رب نواز پر رنن ڪٽي سٽي ڪٽي ’ربو‘ ڪيو آهي. (جو پهريائين پيار مان گهر ۾ ڪيس ربو سڏيائون).

• مير محمد خان نظاماڻي وٽ نري ۾ (٣٠ جولاءِ ١٩٦٨ع) وڏي ڪچهري تي جنهن ۾ سگهڙ مني فقير دلواڻي بيت ٻڌايا پر وڏيون ڪنڌيون ڪنيائين، هڪ پيرو ۽ وري ٻئو پيرو ٻه. مون چيو ته: منا فقير، وري ڪا ٻي ڪنڌي ڪڻ. تڏهن چيائين ته: سائين ڏيڍ سئو بيتن جو اوهان منهنجو اڳ ۾ ئي گر ڪري ڇڏيو، هاڻي هي ڪنڌي ته پوري ڪرڻ ڏيو. جڏهن بس ڪيائين تڏهن مون پڇيو ته: منا فقير، پٽائي صاحب جي بيتن کان به واقف آهين يا نه؟ تڏهن پنهنجو هٿ ڪٽي آڏو ڪري چيائين ته: آءٌ پاڻ شاعر آهيان.،

• ١٩٦٩ع جي ڪچهريءَ ۾ بروچ چيو ته: ”اڄ ڪلهه بخت مون کان پنيرو آهي، جو جڏهن جهيڙو ٿو ٿئي تڏهن آءٌ حاضر ناهيان.“

• ڪچهري ڳوٺ شير محمد عارباڻي (١٩٥٥-٤-١١) ۾ ڪنهن چيو ته: سڪول جا استاد رُول کي (جنهن سان سزا تا ڏين) سڏين ’مولا بخش.‘ تڏهن سگهڙ دائم عارباڻي چيو ته: ولي محمد ٻڙدي پنهنجي لٺ جو نالو رکيو آهي ’جهٽ پٽ‘، جو چوي ٿو ته دير ئي ڪانه

تيندي، هڪ جي مٿان ٻي لڳندي. تڏهن ٻئي سگهڙ چيو ته: ”فلاڻي پنهنجي ڏندي جو نالو رکيو آهي ”دم گذر“.

● ماين جي نيڪي جون ڳالهيون ٿيون ته هڪ سگهڙ چيو:: ”اسان جي ڳوٺ هڪ ڇوڪري ٻاهران پرڻجي آئي هئي. هڪ پيري پيڪن مان ڪي مايون ڪيس ملڻ آيون ته انهن کان پڇيائين: ابو خوش هو! چيائون ته خوش آهي جو راڄ ڪيس پڳ ٻڌائي آهي. تڏهن چيائين: ”اڙي مُنيس! پيو ڪو ماڻهو ڪونه رهيو هو جو ابي کي پڳ ٻڌايائون.“

— ٻئي سگهڙ ٻڌايو ته: فلاڻي ڳوٺ ۾ فلاڻي جو مڙس مري ويو. جيڪو ماڻهو اچي ته: چوي رضا الله جي! تڏهن چيائين ته: ”الله سائين جي جيڪا رضا، باقي مونکي ته مڙس ڪانڊين مان ئي ملي ويندو.“

سنڌ ۾ ظرافت ۽ خوش طبعي جي رنگ ڍنگ کي سمجهڻ لاءِ، ’رهاڻ هيرن ڪاڻ‘ جي پهرئين جلد کان وٺي ڇهين جلد تائين جيڪي مثال ڏنا ويا آهن، سي جيئرن جاڳندن ماڻهن جي گفتن يا هڪٻئي سان منهن مقابل ڪيل سوالن جوابن جا مثال آهن. مٿيان مثال به انهيءَ نوعيت جا آهن. اها هر ڪنهن جي ذاتي ذهني خوش طبعي ۽ گفتي جي ملوڪت آهي.

ظرافت جا ٻيا رخ ۽ انداز اهي آهن جن ۾ ارادي طور، سوچي سمجهي، ڪل خوش طبعي پيدا ڪئي وڃي، جيئن هڪٻئي سان عام سامهان چرچا، يا حال حوال جي ڏي وٺ جنهن جو هڪ مثال رهاڻ هيرن ڪاڻ-٦ ۾ آندل آهي ته ڪيئن گلڻ مستوئي ٿو پنهنجي وچايل مينهن جا پار ڏئي. ظرافت جي رنگ ۾ جڙتو ڳالهين کي جَتائڻ جا به ڪيئي رخ ۽ انداز آهن جن مان هڪ رنگ اهو آهي جنهن جي ابتدا عام نقل نظير ۽ انتها خاص مهارت واري مسخري آهي.

نقل نظير ظرافت جو بنياد آهن، جن جا به گهٽائي موضوع آهن؛ هڪ اهو جو جانورن جي حوالي سان ڳالهيون جوڙي ڪچهريءَ ۾ ظريفانه انداز سان ٻڌايون وڃن. هينيان مثال اهڙين ڳالهين جا آهن.

اهڙين ڳالهين ۾ "ڳالهہ جي ٻڌڻي" يعني بيان جي ملوڪت کي وڏي اهميت آهي.

● ساندو ۽ ڏيڏري

ساندي پڇيو ڏيڏريءَ کان تہ: "ماسي! حور حور پياڪن، اها ڪهڙي ۽ ڪتي؟" چيائين تہ: "ابا اهو شڪ مون ۾ اٿن."

● لومڙ ۽ ڳوهہ

لومڙ کي آٽي ڪتن ڪنيو سو هنيائين گهت ڳوهہ جي ڏر ۾. آڏو ڳوهہ ڳات ڪڍي پڇيس تہ: "خير تہ آهي جو پنهنجو گهر ڇڏي هت گهڙي پيو آهين؟ چيائين تہ: "ماسي سگ تان تڪرار آهي، مون وڙ ڪري ڏي ڏني پر گهوتيتا تا وڙهن تہ هينئر جو هينئر پرڻائي ڏي." اتي ڳوهہ وڏو ساهہ ڪڍي چيو تہ: "ابا ننديون وڏيون سڀ ڪنهن اتاريون پر اهڙي تڪڙ ڪتي ڪانہ ڏني سون!"

● لومڙي ۽ اٺ

هڪ لومڙي دڙي تي ڏر ڪنئي ۽ ٻچا ڪيا. ڪنهن وقت اٺ بہ اتي اچي ليٽيو. لوڪاڙي وجهہ ڏسي اٺ جي پڇ سان پنهنجو پڇ اٽڪايو تہ گهلي اندر ٻچن کي ڪارائي. اٺ جي پڇ ۾ جو نهنڊون لڳيون سو اتي ڪڙو تيو ۽ لڳو جهنگ ڏي هلڻ تہ لوڪاڙي بہ پويان لڙڪندي وئي. آڏو گدڙ بينل ڏنائين ۽ چيائينس تہ: "ماما، وارو ڪر جند ڇڏاءِ." گدڙ اوڪڙو ويهي، ڪنگهڪار ڪري، جواب ڏنو تہ: "چوري، تو وجي وڏن سان پڇ اٽڪايو آهي، اتي اسان جي پڇڻ پيٽي ڪانهي!"

● خوش طبعي وارن نقلن نظيرن جي موضوعن مان هڪ موضوع 'نالي پڇڻ' وارو آهي، جيئن تہ:

— هڪ نوجوان وڏي اچي پير مرد کي هٿ ڏنو. هن پڇيس تہ: "ابا! نالو ڇا اٿئي. چيائين تہ 'جبل'. پٽ ڪنهن جو؟ چيائين تہ 'پاهڙ' جو. ڏاڏهن جو نالو؟ چيائين تہ 'ڏونگر'. تڏهن پير مرد چيو تہ: ڏٽي وڏي حياتي ڏيئي، باقي منجهنءِ ڪُنڌراڻ سا گهٽي آهي.

— وِچون خان ٻُليدي کان ڪنهن نالو پڇيو، چيائين تہ: "وچون خان". وري پڇيائين تہ "وينل ڪتان جو؟" چيائين تہ "لندي تي."(لندي

برابر سندس ڳوٺ جو نالو هو). تڏهن پڇندڙ چيو تہ: ”مار! بلا تي بلا!“

• ڪي نقل نظير ڪنهن جي موڙهائي ۽ موڳائي بابت آهن، جئن تہ:

- انڌو ڪري ٻيو ڪوهہ ۾ ۽ وٺي واهر لاءِ سڏ ڪيائين، پر ڪنهن ڪين ٻڌا. آخر زور سان واڪو ڪري چيائين تہ: ”ڪڏو، نہ تہ تو منهن ڪريان.“
- ڪنهن کي موڪليائون تہ وڃي شادي جي ڪوٺ ڏيئي اچ. ڪوٺ ڏنائين تہ راڄ وارن مان ڪنهن پڇيو تہ: ”ڪير تو پرڻجي!“ چيائين تہ: ”جان آءٌ، جان ادو صوف!“
- ڪنهن گهوٽ کان وڪالت پڇيائون تہ: ”فلاڻي توکي قبول آهي؟“ چيائين تہ: ”جيڪا راڄ جي مرضي!“

• سِٺ يا ڪُوار جو موضوع ٺوڪ ۽ ٺِدا آهي، يعني ڪنهن جي ناشائستہ عمل ڪي ننڍڻ، يا مخالفت سببان ڪنهن جا عيب ثواب ڪڍڻ. هي هڪ سماجي هٿيار آهي، جيڪو ڪنهن ڏاڍي يا زوراور، يا سماجي قدرن کي ٽوڙيندڙ خلاف استعمال ٿئي ٿو. سِٺ جا ڪردار خيالي نہ پر جئرا جاڳندا ماڻهو هوندا آهن، مثلاً:

جاني فقير پان (پاڙو موريي پوٽو، ٽنڊوباگو، حاجي يوسف پان وارن مان) کي سندس راڄ مان ٽن پائرن ڳبر، هگوري ۽ آمراڄ سيان جا دلاسا ڏنا تہ ”توکي وڏاٽو وڄارائي ڏينداسون“ (يعني مگٽهار تاريخ تي ڪري ڏينداسون جو وڏاٽو وڄائيندو). پر ٽنهي رڳو دلاسا ڏنا ۽ اڄ سڀان جا بهانا ڪيا. تڏهن فقير چيو تہ:

ڳبر پر ڳيسي ڪي، هگوري ڪِي هيارَ
پڇي جي جوار، تہ آمر چئي آءٌ بہ ڪريان.

سِٺ جو باب بيان وڏو آهي، ڇاڪاڻ جو هن ۾ شاعري جو عنصر سمايل آهي. اڳ ماڻهن ۾ جيورَت هئي ۽ سهندا هئا، هاڻي ڪنهن جي ڪوار ڪرڻ دائمي دشمني پرائڻ جي برابر ٿيندو. لوڪ ادب سهيڙڻ وقت، سنڌ جي جدا جدا پاڱن مان گهٽيون سِٺون دستياب ٿيون جن کي هڪ جدا جلد ۾ مرتب ڪيو ويو، پر سهپ جي ڪمي سببان اهو جلد شايع نہ ٿي سگهيو.

● چرچا خوش طبعي ۽ ظرافت ۾ شامل آهن، بشرطيڪ شائستا هجن. راقم لوڪ ادب سهيڙڻ وقت مخدوم صاحب مرحوم طالب الموليٰ جي معاونت سان، حيدرآباد ۾ هڪ ڪانفرنس ڪرائي جنهن ۾ ان وقت جا ڪي وڏا چرچائي آيا جن هڪ ٻئي سان آمهان سامهان چرچا ڪيا. شرط هو ته چرچن ۾ ڪوبہ گٽل گفتو نہ هوندو. ان ۾ ڪوٽڙي جي گلو مگٽهار ۽ بدين جي قادو شيدي پاڻ ۾ پيٽان پيٽ ڪئي ۽ هڪٻئي تي نقل نظير وسايا. گلو گوءِ ڪنئي جو چيائين ته: قادو چائو ۽ ٻئي ٽئي ڏينهن ماڻس ڪيس ڪنيو ته ڪنهن چيس: ”اهو ڪارو سليپر چو هنجہ ۾ ڪيو اٿئي؟“ ڪجهہ وڏيرڙو ٿيو ۽ ماسي جي گهر ڪٽي ويس جتي مينهن نہ پئي مِڙي جو ڦر مري ويو هوس. هي بانبڙا ڏيئي ويو ته مينهن مِڙي پئي ۽ هن ڪي چنڻ لڳي.“ ائين لاڳيتي قادو جي سوانح عمري بيان ڪيائين.

# شاعر ثناءُ الله ثنائي جي ياد ۾

گذريل ۲۰- صدي جي وچ ڌاري، ٻه عالم شاعر مولوي احمد ملاح ۽ ثناءُ الله ثنائي، اخلاقي ۽ سماجي اوڻاين جا تنقيدنگار هئا. نثر ۾ اهو ڪردار محمد عثمان ڏيپلائي ادا ڪيو.

جيترو ياد آهي ته سنه ۱۹۳۰ع ڪان وٺي، ثنائي جا خوش طبعي وارا ظريفانه شعر سنڌ ۾ مشهور هئا ۽ پڻ سندس عاشقانه ڪافيون عام هيون. سندس زبان عوامي ۽ عام فهم هئي، ۽ سندس گفتا وڻندڙ ۽ دلپذير هئا. سندس تنقيدي ۽ تفريحي شعر نوجوانن ۾ گهڻو مقبول هئا. هن شعر ناهيا ڪونه ٿي، پر چڻ سندس زبان تي نهي ٿي آيا. ان دور ۾، اتر سنڌ ۾ مولوي ثنائي ته لاڙ ۾ مولوي احمد ملاح عام مقبول شاعر هئا. شعر جي ڪسوٽي تي سندن ڪلام معياري هو. ۱۹۵۰ع ۾، ڪتاب 'ٻيلاين جا ٻول' جي مقدمي ۾ مون لکيو ته ثناءُ الله ثنائي: "ثنائي سان ۱۹۴۴ع ۾ جڏهن علي ڳڙهه ۾ پڙهندو هوس تڏهن آريجن ۾ مليو هوس ۽ گهڻو متاثر ٿيو هوس. ڪتاب ٻيلاين جا ٻول جي ڇپجڻ ڪانپوءِ هو پاڻ مون سان ۱۹۶۰ع ڌاري، بزرگ پير منل راشدي سان گڏجي، سنڌ يونيورسٽي ۾ ملڻ آيو. مهرباني ڪري هڪ رات مون وٽ رهيا ۽ وڏي رهاڻ ٿي. ان ڪانپوءِ تاريخ ۲۳ سيپٽمبر ۱۹۶۵ع تي صبوح جو سائين ثنائي ۽ سندس ننڍڙو پٽ عبادالله (عمر ۱۲ سال ڪن) آيا. هڪ ڏينهن ۽ رات مهمان ٿيا. رات جو سائين ثنائي سان وڏي رهاڻ ٿي.

معلوم ٿيو ته اڳين ملاقات ڪانپوءِ هينيان ڪتاب منظوم ڪيا اٿس:

- شاهنامو شريف، پهريون حصو (ابراهيم خليل الله تائين) جيڪو ڇپجي ويو آهي. ۹ حصا ٻيا به جوڙي ڇڏيا اٿس ۽ فتح مڪه تي ختم ٿئي ٿو. ڪيس باقي هڪ حصو وڌيڪ منظوم ڪرڻ جو ارادو آهي.
- وهابي ۽ بدعتي جو مڪمل مناظرو پورو ڪري ڇڏيو اٿس.

ـ پيامِ صلح: مولوين جي وچ ۾ نفاق جي اصلاح لاءِ لکيو اٿس.
ـ حليما: ڪريما شيخ سعدي جي، رحيما شمسِ الدين بلبل جي ۽ حليما ثنائي جي.

پنهنجي هينين ڪافي ٻڌايائين، جا چيائين تہ پاڻ ٺندو سائينداد ويو هو تہ اتي بزرگن بہ ٻڌي هئي.

تلھہ: ڪو ڪونہ اسان جان ڦاسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي
لُڇ لوريءَ ۾ ليٽياسي، هِن پاسي ۽ هُن ۽ پاسي
١. اڄ رات ڳڻيندي تارا، پريات ڦٽي وئي پيارا
سک ساڻ گهڙي نہ ستاسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي
٢. اڄ رات ٿئي ها جاني، هر خواب سڄڻ لاثاني
هنڌ هوند ڪٿوري واسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي
٣. ..................................................
بيائي ٿي تہ مُناسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي
٤. دلدار ثنائي ايندو، سو ڏينهن سڀ‌ڳورو ٿيندو
ڪل اهنج اڇلبا پاسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي

اڄ (٦٥-٩-٢٤) صبوح جو موڪلائي روانا ٿيا. شام جو آءٌ موٽيس تہ ڏٺم تہ هينيون شعر اڳر ساڻ جاءِ جي پٽ تي لکي ڇڏيو هئائين: تازو اسان سڪندر نالي هڪ بورچي رکيو هو، ان ۾ انهيءَ ڏانهن اشارو تہ:

نبي بخشيو علم جنهن کي ڪٿي، سڪندر سندس بورچي بيو ٻٽي
ثنائي سندي يادگيري اها، اهو علم اعليٰ ٿيو بي بها.

تاريخ ١٠- جون ١٩٧٢ع تي فقير ڪريم ڏنو ملاح "صدائي"، ميهڙ ڪان آيو. سندس ڀائٽيي جي نوڪري جو مسئلو هو. صدائي اسان جي عمر رسيده شاعر ثناء الله ثنائي جو خاص شاگرد آهي. ثنائي جا سلام آندائين ۽ ان سان گڏ ملڪ جي حالات خصوصا سياسي حالات تي سندس چيل هينيون شعر تحفي طور آندائين. ان وقت پيپلز پارٽي جي ڪامياب ٿيڻ ساڻ ڏنگا ماڻهو پنهنجو زور ڏيکارڻ لڳا هئا ۽ جڻ قاعدي قانون جي ڪا پرواهہ ئي ڪانہ هئي: "جيئي ڀٽو،

جوڙو چٽو“ جهڙا پهاڪا عام ٿيا. ثنائي پنهنجي شعر ۾ ان حالت جو نقش چٽيو ته:

اُڙهو درياء دهشت جو، نڪا ييٽي نه ير پيدا
ٻڏي ٻيڙي ٿي رعيت جي، نڪو ترهو نه تر پيدا
ڪبوتر هنجهه ويا هليا، ٿيا ڪارا ڪانء ڪبر پيدا
ٽٽو ماڪيءَ جو مانارو، ڦري ٿي آ ڪکر پيدا
نه آهي اٺ ۽ گهوڙو، گڏهه ٿي ٻي خچر پيدا.

—

زنا زورو، دغا، ڏاڙيل ٿي ويا در ٻه در پيدا
حڪومت پانهنجي لئي پئي ڪري ٿي زور زر پيدا
نه پتڪو واءُ ويلا جو غريبن جي آ گهر پيدا
بنا فرياد جي، فرياد خاموشي جي، ڪر پيدا
جگر جي خون مان ٿيندو آ نورِچشم تر پيدا

—

نه آيو مينهن فلڪن کان نه قدرت بند ڪيو پاڻي
نه سارين ۾ اڳين سبزي، اجهو ٿي سنڌ ٿئي ساٽي
اڳيون ساريون، پيا ساريون، نه ساري ٿي نه سلماٽي
وساريون ڪين سي ساريون، هتن مان ٿيون وڃن هاٽي
ڪسي درياء ويا هندو، نه تون ڪر ٻي نهر پيدا.

—

سُڌاري سنڌ جي ڪارڻ لڳو وارو وزيرن کي
نذر ۽ نياز اڳتي ڪو نه ڏئي پيرن فقيرن کي
خبر پئي خلق موڙهيءَ جي اها روشن ضميرن کي
وني دستيون دنيا جون پوءِ ڪندا آجو اميرن کي
چگو چورن جي چاچي جو ٿيو پختو پدر پيدا.

—

ٿيو شاهي شجر پيدا، مگر ناهي ثمر پيدا
پوي برسات باغن ۾، ڦري ٿئي تو ڪلر پيدا
ڪني آ ڦهر جو پاڻي، ٿيو موذي مڇر پيدا
اُذان جو آ نه آوازو، نه دهلن جو ڏچر پيدا
هلي هندو ويا توڙي، نه ٻي تن جي آ پر پيدا.

لڪيو مون حق هي آهي، اندر ۾ ترس پيي هوندو
جو هر ڪنهن ۾ رڪيل آ روح، سرڪش نفس پيي هوندو
تئي تي شعر ۾ شهرت، چون تا نحس پيي هوندو
جتي جو شينهن تيندو آ، اتي ڪو خرس پيي هوندو
ڪُراڙپ ۾ 'ثنائي' چئي، سچو ڪرڪو صدر پيدا.

● **ثنائيءَ جو منظوم خط**

پهرئين ڀيري جڏهن مهرباني ڪري ملڻ آيو هو، تڏهن مون تاڪيد ڪيو هو ته پنهنجي شعر جو خزانو لکي گڏ ڪري ته ڇپائجي. ان لاءِ خط ۾ پنهنجي مجبوري جو ذڪر ڪيو اٿس ۽ پڻ معاصرن جي بي قدري ۽ پنهنجي پريشان حالي ڏانهن اشارو ڏنو اٿس. افسوس اسان جا ڪهڙا نه لائق ماڻهو ائين اسان کان جدا ٿي ويا!

اڳي آواز تنهنجو زلزلو هو، سٽيندو ملڪ اندر غلغلو هو
اڳيون آواز سو وسري ويو ٿي، خبر ناهي ته آخر ڇا ٿيو ٿي
زماني ڪانڪا ڪئي قدرداني، سبب جنهن جي فنا ٿي وئي جواني
نه آ رستو ويو رهجي رخش پوڙهو، سجاڻي ڪير پوءِ گهوڙي جو دوڙو
بحمدالله پاڪستان آهي، ڦري ڦيرو ڦري اسباب ناهي.
پڇاڙيءَ ۾ ملي من گاهه داڻو،
وري جيئرو ٿئي شاعر پراڻو.

بخدمت علم جو علام اعليٰ، منور قلب جنهن جو بخت بالا
سڃاڻي شاعرن جو شعر سارو، پروڙي ڪِلڪ وارو غير سارو
نبي بخشيو جهين کي هوش سلم، حڪومت ساڻ حاڪم آه حاڪم
سلامن بعد هيءَ منهنجي دعا آ، ڏٽيءَ جي در اهائي التجا آ
ڏٽي بخشي اوهان کي عمر خضري، پوي ظلمات هن مان آب نڪري
حياتي بخش ڪي اشعار نڪرن
زماني کان نه هڪڙي وقت وسرن.

وني موڪل اسان ٿياسي روانا، هُئو رايو پَسئو دانه ديوانا
جي مرفوع القلم مجنون آهن، دنيا کان دور ۽ مفتون آهن
ڪجي تن جي وڃي ديدار بازي، رضا ۾ بيوَسِي جي رند راضي
مگر مون وقت رلندي ۾ وڃايو، نه قدرت پو گدوبندر گهمايو

وري مصرع سندس آهن نہ پورا، سچا قافيا ڇڏيل آهن اڌورا
نہ غلطي مور شاعر جي آ ڪائي، مگر آ چونڊڙن ۽ پلجي وڃائي
صحيح ڪي بند آهن چار يا پنج، نموني جي پسڻ لئي سمجهہ کنج
اها ڳولا ڪندي جي دست آئي، تہ لکنو ذوق سان سمجهي ثنائي
اڳين جي نانوَ ڪي ڪر جوان جاري، تہ تنهنجي نانوَ جي ٿئي يادگاري
پلن جي نانوَ جو ڪر نانءُ بالا، تہ تنهنجي نانوَ جو ٿئي عز اعلىٰ
"نام نيڪ رفتگان ضايع مکن
تا بماند نام نيکت برقرار"

# ابيات قانونچه تصوف

هن عنوان سان هينيان ۱۴۸ بيت درگاهہ ٽجل, (تعلقو نارو) تي رکيل، شاهہ عنايت الله شهيد جي صوفي سلسلي جي تاريخي ادبي ذخيري مان دستياب ٿيا، جڏهن راقم اهو ذخيرو سنہ ۱۹۷۴ع ۾ پنهنجي مطالعي ۽ تحقيق لاءِ نقل ڪرايو. راقم پنهنجي استاد حاجي سومر خان (رٽائرڊ پرائمري ٽيچر) کي اهو ڪم سپرد ڪيو جنهن ٽجل ۾ ويهي اهو سڄو ذخيرو اتاريو ۽ گهڻي حد تائين صحيح صورت ۾ اتاريو. هنن بيتن ۾ ڪٿي بہ نالو ڪونهي، البت بوليءَ جو لهجو اتر وارو آهي. اهي بيت ٻئي ذخيري سان گڏ ٽجل جي درگاهہ تي ئي محفوظ رهيا آهن. بيتن جو جوڙيندڙ عالم آهي ۽ درسي ڪتابن ۽ عربيءَ جي ڪيس ڄاڻ آهي. ڪي آياتِ قرآني ۽ ٻيا اهڙا مقولا آندا اٿس جيڪي تصوف جي اعليٰ ڄاڻ جا اهڃاڻ آهن. هو جي ٻڌل ڳالهيون تو ڪري تہ بہ نئين نوع ۾ تو ڪري. ’اصولين‘ ۽ ’وصولين‘ جا اصطلاح سندس علمي ڄاڻ تي شاهد آهن.

اهي بيت بيدل سائين جي رسالي ۾، ترتيب جي توري ڦير سان شايع ٿيل آهن ۽ بيدل سائين جا تي سگهن ٿا. تصوف ۾ بيدل سائين جو تعلق درگاهہ جهوڪ سان هو جنهن جي فارسي ۾ تاريخ لکيائين جيڪا پوءِ نصير فقير جلالاڻي سنڌي ۾ ترجمو ڪرائي. هنن بيتن جو عنوان ”ابيات قانونچه تصوف“ يا خود بيدل سائين پاڻ ڏنو يا ٽجل جي صوفين مان ڪنهن ڏنو.

هن ڪان اڳ رهاڻ هيرن ڪاڻ-٦ ۾ ”سنڌي ميان مظفر فقير صوفي“ جي شايع ڪئي وئي آهي. ’قانونچه تصوف‘ وارا هي ابيات يقيني طور ’مظفر فقير صوفي جي سنڌي‘ جوڙڻ لاءِ سبب بنيا ۽ بيتن جا اهي ٻئي ذخيرا پوئين ويجهي دور ۾ سنڌ ۾ صوفياڻي فڪر جا اهم دستاويز آهن.

۱. صـــوفـــي ڏوهـــ نسورو عـــبادت عـــامـن،
خبر نہ خامن، پُـخـتـن جـي پـروڙ جـي.

۲. سمهڻ ۽ سڌون ڪرڻ صوفـيءَ م نہ سماءِ،
جوڳين ڪين جڳاءِ، ڌاران جوڳ جڳت ۾.

٣. صوفي سولــيءَ هليا، عاشق عهد نہ ڪــن،
آهي ســـندو تــن، سِــهو سوز گداز سان.
٤. صوفي سولــيءَ هــليا، عهدن منجهہ نہ اوءِ،
بيراڳين مؤن بــوءِ، سدا اچــي ســوز جــي.
٥. صوفي سدا سوز ۾ عاشــق پُچـن نہ عــيد،
طالب ريءَ توحيد، ٻولي ٻولــين ڪــانہ ٻي.
٦. صوفي سدا سوز ۾، وڻـــج ســـندن ويراڳ،
اونهون جو اجهاڳ، پيهي تـــنهن پاتال ويا.
٧. صوفـــي ســـدا ســـوز ۾ منجهن وره وڻاڻ،
عشـــق ســـندن اُهڃاڻ، سدا جالين درد سين.
٨. صوفي سڌ ڦٽي ڪــري ســمايو ۾ ســـڪ،
وحـــدت ٻـنا وڪ، ڪاڏهــين ڪٽي ڪانڪا.
٩. صوفي چائــين پاڻ ڪـــي وجـــي پاڻ وجـاءِ،
اثباتـــي جــي آءِ، نيـــهـــين خـــبر نانهــــ ۾.
١٠. صوفــي چائين پاڻ ڪـي پاڻ وجائـي ويــهہُ،
سورن ساڻ سنيهہ، پي ڪو سرڪو سوز جو.
١١. صوفـــي ڪـٹن نہ پاڻ سان سورن ريءَ ثمر،
پيوتن ساب سـفر، ڪَـــهي جي ”ڪين“ ڪَهيا.
١٢. صوفـــي ســانـــڌيو سـاهہ ۾ وحدت جو ويساهہ،
سندس ساهہ پــساهہ، سمائـــي نہ ســـرير ۾.
١٣. صوفـــي ســـريرئون ويـــو صـورت هڏ نہ سماءِ،
احــــديــت ۾ آهہ، بينــڪ بــيراڳــين جـــي.
١٤. صــوفــي سهــسين رنـگ ۾ آٽـي ســمايو،
لاحــــدي لايــو، تـــماشـــو هـــر طـــــور ۾.
١٥. تماشـــو هـــر طـــور ۾ صوفـــي ســـند آءِ،
”الصوفي مع الله في ڪل ـمڪان“ حاضر هرجاءِ
حـــد بـــي حـــد ســـماءِ، صوفـيَ سير صفات ۾.
١٦. تـماشـو هـر طـور ۾ صـوفـي جـسـم جهات،
”الصوفي الذي لايعلم بعد وجوده“ اچي تـــيو اثبات،
اول آخــــر ذات، وچـــئون اولـــو عـــبد جـــو.

١٧. تماشو هر طور ۾ صوفي جو سرجوش،
”قطع القارين فصل الصوفيين“ خوديءَ کون خلوش،
جان جان هوندو هوش، تان تان پسڻ کئون پري.
١٨. تماشو هر طور ۾ صوفي جو سامان،
جيکي پسي پاڻ ۾ سوئي منجهه جهان،
بانکو بي نشان، ماري دم اثبات جو.
١٩. تماشو هر طور ۾ صوفي سدائي،
پوڙي پيائي، همه کي حق چوي.
٢٠. هستيءَ کي هم اوست ۾ کيو گم جنهين،
ڏنو ترت تنهين، آڪئين شعاع شهود جو.
٢١. هستي کي هم اوست ۾ جنهين گم کيو،
تنهين ترت پيو، آچوڙو اثبات جو.
٢٢. هستي کي هم اوست ۾ جنهين کيو گم،
تنهين تي آگم، اچي تيو اثبات جو.
٢٣. هستي کي هم اوست ۾ کيو جن فاني،
تن تي عياني، اچي تي اثبات جي.
٢٤. هستي کي هم اوست ۾ کيو جن فنا،
چيو تن انا، حالت ۾ حلاج جي.
٢٥. حالت جا حلاج جي سمورو آ سور،
مردن ۾ منصور، کو کو ليي کاتهين.
٢٦. حالت جا حلاج جي سمورو آ سوز،
سدائين سوريءَ تي نيهيَن جو نوروز،
رندي راز رموز، کنهن کي سلين کين کي.
٢٧. حالت جا حلاج جي محمدي معراج،
سالکن سرتاج، مستي کئون منصور تيو.
٢٨. حالت جا حلاج جي اونهون هي اسرار،
اچي الوهيت جو بره انايو بار،
کنهن کنهن کلادار، کل پوي کُن جي.
٢٩. حالت جا حلاج جي ربُوبيَت راز،
حقيقت مجاز، ايکائي ۾ ايک تيا.

٣٠. ايڪائي ۾ ايڪ ٿي معنيٰ ۽ صورت،
اچي احديَت، دوئي کي دور ڪيو.
٣١. ايڪائي ۾ ايڪ ٿيو اچي جان جسم،
ويئي ريت رسم، وحدت سندي ويڙ ۾.
٣٢. ايڪائي ۾ ايڪ ٿي سڀائي صفات،
دين ڪفر نابود ٿيو طئي ٿي ظلمات،
دور ڪري درجات، مڙيائي محيط ٿيو.
٣٣. ايڪائي ۾ ايڪ ٿيو سڀو ڏوهه ثواب،
هستي جو حجاب، همه منجهه هجي ويو.
٣٤. ايڪائي ۾ ايڪ ٿيو بيرنگي ۽ رنگ،
وحدت ۾ زائل ٿيو دوئي سندو زنگ،
مُلا ۽ ملنگ، حقيقت ۾ هڪ ٿيا.
٣٥. حقيقت ۾ هڪ ٿيو ڪفر ۽ ايمان،
مظهر موليٰ پاڪ جو هندو مسلمان،
تارا ڪيا تالان، سوچ سندي سوجهري.
٣٦. حقيقت ۾ هڪ ٿيو اچو ۽ ڪارو،
نينهن هنيو نعرو، هر مظهر ۾ هيڪڙو.
٣٧. حقيقت ۾ هڪ ٿيو نوري ۽ ناري،
دين ڪفر آهن بئي هڪ وڻ جي ٽاري،
حاذق هوشياري، رکين انهيءَ رمز جي.
٣٨. حقيقت ۾ هڪ ٿيا بيراهي ۽ راهه،
”خَلَقَ الاَشيآءَ فَهوَ عَينُها“ ڏاهن ڪانهي ڏاهه،
عارفن آگاهه، اونهين هن اسرار جي.
٣٩. اونهين هن اسرار جي پيئي جن کي ڪل،
لنگهي خوف خلل، آيا ملڪ امان ۾.
٤٠. اونهين هن اسرار جي پيئي جن کي ڏاهه،
’لَهُمُ البُشريٰ فِي الدنيا والآخِرَة‘‘ هِت هُت صِحت ساهه،
ڪلاڏي ڪَرين ڪاهه، جو مڙيوئي مُشاهدو.
٤١. اونهين هن اسرار جي جنهين پرُجهي مام،
”لاَخوف عَلَيهِمِ وَلاَ هُمر يَحزَنُون“ آيا ۾ آرام،

عارف ٿيا عَلام، بيخوديءَ بابَ پڙهي.

٤٢. اونهين هن اسرار جو جن تي ڪليو ڊر،
جاڏي ڪن نظر، تاڏي پسن پرينءَ ڪي.

٤٣. اونهين هن اسرار جي جنهين ڏٺي جوءِ،
حيرت ۾ پيا هوءِ، پسي موج محمدي.

٤٤. پَسي موج محمدي هاتِڪ ٿيا حيران،
"مَن رانِي فَقَدرَاءَ الحَقّ" ساڱو ئي سُبحان،
مڙيوئي مهربان، صورت سڀ سمائيو.

٤٥. پسي موج محمدي جبروتين ڪيا جوش،
معنوي مدهوش، لاهوتئون لنگهي ويا.

٤٦. پسي موج محمدي قطرو ٿيو قلزم،
"عَرفتُ رَبِي بِربَي" مَستِي تي محڪم،
رکيو قرب قدم، بيراڳين باهوت ۾.

٤٧. پسي موج محمدي وجودون ويا،
"اَنا ربُ اَنا مُحمد" انهيءَ پنڌ پيا،
جوڳي مري جيا، هيرڪ جي هاهوت جا.

٤٨. پَسِي موج محمدي مستي تين مقام،
آديسين آرام، اچي ٿيو اثبات ۾.

٤٩. اچي ٿيو اثبات ۾ ڪاپڙين قرار،
"هُوَ الأول وَالاخِرُ وَالظاهِرُ وَالباطن" سدا برھ بهار،
جلاڏي ڪن نهار، تاڏي وسئون ويجهڙي.

٥٠. اچي تي اثبات ۾ جوڳيئڙن جي جوءِ،
"لِذا تَمَّ الفقر فَيَكُونُ عَيشَهُ كَعَيشَ الله تعلي" خاصن خاص خوءِ،
رِندن سنئي روءِ، چمڪي چوڏهينءَ چنڊ جان.

٥١. اچي ٿيو اثبات ۾ مستانن جو ماڳ،
ربوبيءَ جو راز، ڪن ري سنلسين نہ سَليو.

٥٢. اچي تي اثبات ۾ آديسين اوطاق،
"وُجُوه يومَئِذ نَاظِرَة اِليٰ رِبهَا نَاظِرَة" پلپل پسن پاڪ،
بيراڳي بيباڪ، عنصر ڪؤن آزاد ٿيا.

٥٣. اچي ٿيو اثبات ۾ انهن اوتارو،

نانگا نظارو، سدا ڪن سبحان جو.
٥٤. سدا ڪن سُبحان جو نظارو نيهي،
وٺئون تن ويهي، سور پرائي آءُ تون.
٥٥. سدا ڪن سُبحان جي واڍوڙيا واڪاڻ،
”مَن اَحَبَ شَيئاً فَاَكثَرذِكرَه“ عشق اهو اهڃاڻ،
رندي رمز رهاڻ، سُڻي سوز پراءِ تون.
٥٦. سدا ڪن سُبحان جو ذڪر منجهارون ذوق،
”مَن اَرَادَ اَن يجلِسَ مَعَ اللهَ فَيجلِسَ مَعَ اَهلِ التصوفَ“ پَس انهن جي جهوڪ،
لڪي منجهان لوڪ، ڪالئون لائج ان سين.
٥٧. سدا ڪن سُبحان جي منجهان پرت پچار،
”وَمَايَنطِقِ عَنِ الهَوىٰ“ عارف ان آچار،
تِنهين جي تنوار، جڏا روح جياريا.
٥٨. سدا ڪن سُبحان جي وَسوڙهل وائي،
تِنهين ڪون جائي، راحت رسي روح کي.
٥٩. راحت رسي روح کي تنهين ڪئون تڪرار،
”فَاصحبوامَن صَحَبَ الله“ گوش ڪجان گفتار،
سامي ۾ سنسار، وسئين اتئي واهرو.
٦٠. راحت رسي روح کي انجي پسي جوءِ،
”تَعرف فِي وجوههم نضرة النعيم“ سنڌن روشن روءِ،
خاصن جي خوشبوءِ، مون من مستانو ڪيو.
٦١. راحت رسي روح کي سُڻي راز سندون،
اُتي اوتارون، جتي رنگ نه روپ ڪو.
٦٢. راحت رسي روح کي سڻي ڳالهه سندين،
”فَرَحِينَ بِمَا آتٰهُمُ الله مِن فَضلِه“ جميعت ۾ جلين،
ڪينو اتن ئي ڪين، همه کي حق چون.
٦٣. راحت رسي روح کي انهن جي آئي،
هليا ڦيرائي، هوڪو همه اوست جو.
٦٤. هوڪو همه اوست جو سُڄج ساڻ يقين،
”اَينما تُو لوا فَثم وَجَهُ الله“ حق ري آهي ڪين،
فرق ڪفر ۽ دين، بيشڪ ڀهانو اتيئي.

٦٥. هو ڪو همہ اوست جو سُڃ ڏيان ڏري،
”الا اِنه بِڪل شيءِ محيط“ پرين ناه پري،
تو سهسين ويس ڪري، سيوئي آهہ سپرين.
٦٧. هوڪو همہ اوست جو صحي سڃيجاه،
”وَهوالله في السموات والارض“ هر جاءِ آپ الله،
اهو شاهن شاهہ، اولي عبديت جي.
٦٨. هوڪو همہ اوست جو بُڌي بڌ ڪمر،
نينهئون ڪر نظر، جو مڙيوئي محبوب آ.
٦٩. مڙيوئي محبوب آ تر جو ناهہ تفات،
”ڪُل شيءِ هوالله“ صاحب پائون پات،
اڇي تيو اثبات، جاڏي ڪاڏي سپرين،
٧٠. مڙيوئي محبوب آهہ، ناهہ تفاوت تِر،
”لاموجود الا هو“ خاصن هيءَ خبر،
آهہ سارو ئي سِر، صورت هن سنسار ۾.
٧١. خام خوديءَ جا خطرا لآسين سپيئي لوڙهہ،
فڪر ترازي هٿ ڪري خيال طلب جو تور،
خِيما نيئي ڪوڙ، انهي ڪان اثبات ۾.
٧٢. خام خوديءَ جا خطرا نفيءَ سان ڪج ناس،
”وَهو مَعڪُم اينما ڪنتم“ آهہ پرين تنهنجي پاس،
فڪر فنا رک راس، تہ اوڏو تئين اثبات ڪي.
٧٣. خام خوديءَ جا خطرا عاشق ڪج عدم،
قرب پار قدم، خوديءَ ري ڪٽيج تون.
٧٤. خام خوديءَ جا خطرا مڙيئي ڪج مات،
”وَلنحيينه حيواة طيبة“ مري تيو حيات،
نفي ڪي اثبات، لاشڪ آهي اوڏڙي.
٧٥. خام خوديءَ جا خطرا مڙيئي ڪج نابود،
سالڪ! تنهنجو سود، نفي ڏاران نانهہ ڪو.
٧٦. نفي ڏاران نانهہ ڪو سالڪ سود سندوءِ،
”عُدُ نفسڪ مِن اصحاب القبور“ بوڙاتو نہ ٻتو،
لا منجهہ لڏو، آديسين اثبات ڪي.

٧٧. مڙيوئي محبوب آهه تنهن ۾ ناهه فرق،
غازي! غير غرق، ڪري سمجهه سر تون.
٧٨. مڙيوئي محبوب آهه سدائين سڀ پار،
”وَلا اسم الا وجود واحد“ صورت سهس هزار،
جامان سَو جنسار، پهريندڙ پرين هيڪڙو.
٧٩. مڙيوئي محبوب آهه مشتاقن مقصود،
سدا حق موجود، همه ڪي حق ڄاڻ تون.
٨٠. همه ڪي حق ڄاڻ تون تنهن ۾ شڪ نه آڻ،
”ذالِڪ الکتب لاريب فيه“ صحيح تون سُڄاڻ،
جاڏي ڪاڏي هاڻ، موجودگي محبوب جي.
٨١. همه ڪي حق ڄاڻ تون تنهن ۾ آڻ نه شڪ،
”کان الله ولم يکن معه شيءُ“ اهو پڙهه سبق،
هيڏانهن هوڏانهن حق، ٻولي ناهه ٻئي سندي
٨٢. همه ڪي حق ڄاڻ تون شارڪ ڇڏ شرڪ،
موحدن مرڪ، آهي رهت راز جي.
٨٣. همه ڪي حق ڄاڻ تون وحدت سڻ وائي،
پرين آهه پڌرو پسن ويساهي،
ٻوڙج ٻيائي، انهيءَ ٻحر عميق ۾.
٨٤. همه ڪي حق ڄاڻ تون همه هڪ آهي،
لا سين ڇڏ لاهي، خام خوديءَ جا خطرا.
٨٥. نفي ڏاران ناهه ڪامورئون منفعت،
”دَع نفسلڪ وتعال“ جي ٻڌج ٻُجهارت،
اتئي اشارت، نفي ۾ اثبات جي.
٨٦. نفي ڏاران ناهه ڪو چئنچل پيو چارو،
”وَ وجدڪ ضالا فهديٰ“ سمجهج اشارو،
مارج نقارو، نفي تي اثبات جو.
٨٧. نفي ڏاران نانهه ڪا ويراڳي ٻي وات،
سلميڙا سر ڪاٽنه ته اوڏو تئين اثبات ڪي.
٨٨. نفي ڏاران نه تئي وحدت ساڻ وصول،
لهين قرب قبول، مرڻان اڳي جي مرين.

٨٩. مرڻئون اڳي جي مرين تہ موتي ڪونهي موت،
”ان اولياء الله لايموتون“ فاني تين نہ فوت،
جوڳين سندي جوت، قائم آهي ڪونين ۾.

٩٠. مرڻئون اڳي جي مرين تہ چونڊ ڪين مُئو،
”المومن حي في الدارين بل هم احيآءً عندربهم“ سلمي! تونہ سُئو؟
جو ڏرئون آهہ ڏئو، سو هميشہ حيات آهہ.

٩١. مرڻئون اڳي جي مرين تہ مئو چونڊ ڪين،
”ولاتقولوا لمن يقتل في سبيل الله امواتا“ سڄ ساڻ يقين،
قربدار ڪُڏين، محبت منجهہ مات تي.

٩٢. مرڻئون اڳي جي مرين تہ تئين نسورو نور،
مرڻ جو مذڪور، ڪڏهن ڪنين نہ سُڻين.

٩٣. مرڻئون اڳي جي مرين تہ باقي رهي ذات،
هميشہ حيات، مرد نہ مرن ڪڏهين.

٩٤. مرد نہ مرن ڪڏهين هو جي تيا حق،
”اجسادنا ارواحنا ارواحنا اجسادنا“ سڪج اي سبق،
انڌا آڻ نہ شڪ، حياتي ۾ هنن جي.

٩٥. مرد نہ مرن ڪڏهين ڪوپا آهن قائم،
هم مرين گر وه مري، دولهہ مارين دم،
ديهيءِ ري دائم، حاضر رهن هرجاءِ تي.

٩٦. مرد نہ مرن ڪڏهين ديهي هوءِ نہ هوءِ،
”فسبحٰن الذي بيده ملكوت كل شيءٍ“ جو چاهي تئي سوءِ،
جو ديهي ڪون هٿ ڌوءِ، لڪين ديهيون ان جيون.

٩٧. مرد نہ مرن ڪڏهين جي ساڳيو تيا سبحان،
عالم تي احسان. ڪوڙين پتين ان جو.

٩٨. مرد نہ مرن ڪڏهين جن الک ڪيو اثبات،
بي جهت نہ آهہ جِهات، سير سيوئي ان جو.

٩٩. ڪوڙين پتين ان جو متي خلق رحم،
نالي ڳڌي ان جي وجي گوندر غم،
اُجن لئہ اڳم، آهہ عنايت اُنجي.

١٠٠. ڪوڙيين پتين ان جو عالم تي انعام،

ادا رک اعتبار، اونهون پروڙڻ ان جو.
١١١. نالي آهن آدمي نہ تہ آديسي اکال،
"تخلقوا باخلاق الله" بي کا چلن نہ چال،
نانگا سدا نهال، هت هت جوڳي جيئرا.
١١٢. نالي آهن آدمي نہ تہ سامي سر سارو،
نانگن جو نعرو، لنگهي ويو نوکنڊ کان.
١١٣. نالي آهن آدمي نہ تہ سراپا سُبحان،
"الانسان سِري وانا سرهٗ" مردن هيءُ مکان،
برتر آه بيان، تنهين جو تقرير کان.
١١٤. لنگهي ويو نوکنڊ کان غازين جو غوغاء،
"مِن عروج روحُ الفلکَ" سناسين ثناء،
شُهودين شُعاع، عرش متان اپريو.
١١٥. لنگهي ويو نوکنڊ کان مردن جو مقام،
"لايَسعيٰ فيه مَلک مُقرب" اهو تنهين انعام،
پَئُ سناسين سام، پورب سندي پنڌ ۾.
١١٦. لنگهي ويو نوکنڊ کان سناسين جو سير،
جاتي سندن جهوپڙا تاتي پکي نہ پير،
کاپڙيءَ ري کير، هلنڌڙ تئي هاهوت ڏي
١١٧. لنگهي ويو نوکنڊ کان نانگن سندو نشان،
نفي ۽ اثبات کان پري تن پرياڻ،
پاڻئون پلي پاڻ، آديسي آرام ٿيا.
١١٨. لنگهي ويو نوکنڊ کان پانڌيڙن پرواز،
الستي آواز، سڻايائون سُنگ کي.
١١٩. سڻايائون سنگ کي لا واريون لاتيون،
بيراڳين باهوت ۾ جهاتيون جي پاتيون،
ڏينهان ۽ راتيون، هلندڙ آهن هاهوت ۾.
١٢٠. سڻايائون سنگ کي لطيفي کا لات،
سُڻي سي پاسي ٿيا پاڻ کنان پريات،
مرکيو مقالات، پورا کن پورب جا.
١٢١. سڻايائون سُنگ کي سندي راز رهڻ،

”الفقير لايحتاج الاالله“ ڪنهن جي ڪين نہ ڪاڻ،
عبديت جي آڻ، ڪين جهليا سي ڪاپڙي.

١٢٢. سٺايائون سُنگ ڪي ڳالهيون سنديون ڳُجهہ،
لاهوتين ڪي ڪا هُئي لنئو لنئو اندر لُجهہ،
جتي سُجهہ نہ ٻُجهہ، تاتي ڪيائون تڪيا.

١٢٣. سٺايائون سنگ ڪي ربوبيَت راز،
سامين پيچي ساز، سُر صحيح ڪيو سِر جو.

١٢٤. سر صحيح ڪيو سر جو ساز پيچي سامين،
تارون ڇني تن جون ڳيت عجب ڳائن،
ڪن ري سٹيو تن، انحد جي آواز ڪي.

١٢٥. سر صحيح ڪيو سر جو خاصن ڇڏي خواب،
انحد ۾ آنند ٿيا ڇٽا ڪئون عذاب،
راڳيندن رباب، پيچي تان پورا ڪيا.

١٢٦. سر صحيح ڪيو سر جو راڳيندن مون رس،
”آنا انت فأين انا“ اهو عيش احص(= ونہ ماٺي؟)،
ڪو مام پروڙي مس، انهيءَ راڳ رهاڻ جي.

١٢٧. سر صحيح ڪيو سر جو مستانن مري،
”السماع معراج الاولياء“ موٺيا ماڳ وري،
سندن ذوق ذري، انحد ساڻ اپار ٿي.

١٢٨. سر صحيح ڪيو سر جو ڏنو جن جمال،
ڏنو تن ڪلال، سرڪو سوز گداز جو.

١٢٩. سرڪو سوز گداز جو جيڪي پين جنگ،
سوري متي سنبريا ڇڏي پٽ پلنگ،
نيهي ڇڏي ننگ، ناسوتئون نيڪال ڪيو.

١٣٠. سرڪو سوز گداز جو رندن پيتو راس،
قدمن تري سر ڌري چڙهيا او آڪاس،
بيسِريءَ جي باس، اچي تن جي تن مان.

١٣١. سُرڪو سوز گداز جو جنهين پيتو جال،
قدمن تري سر ڌري هليا اُلٽي چال،
خوديءَ ڪنان خيال، پلي پراهون ويا.

١٣٢. سرڪو سوز گداز جو جوشئون پيتو جن،
قدمن تري سر ڌري وک وڌائي تن،
بيسِريءَ جو بن، لنگهي لاهوتي ويا.
١٣٣. سرڪو سوز گداز جو پي جهل تنهنجو تاب،
بيسِريءَ جو باب، پڙهي پڙهيو وسار تون.
١٣٤. پڙهي پڙهيو وسار تون، ”اناالحق“ ڪي اور،
”ففڪرڪ فيڪ يڪفيڪ“ ترج اهائي تور،
ڇڏي دوئيءَ دور، ڪُفو پروڙج پانهنجو.
١٣٥. پڙهي پڙهيو وسار تون، اناالحق اکر،
”اقرءَ ڪتابڪ“ سندو سوجهي لهج سُر،
بئي ڪنهن پار نہ پر، پاڻ پروڙج پاڻ ۾.
١٣٦. پڙهي پڙهيو وسار تون، اناالحق اسرار،
”هل في الدارين غيري؟“ آڻ اهو اعتبار،
پيهي ڏس پاتار، تہ پاڻ پروڙين پانهنجو.
١٣٧. پڙهي پڙهيو وسار تون، اناالحق حرف،
حقيقت سان هڪ تيءَ ڇڏي نحو صرف،
شاهي پاءِ شرف، دوتائي دور ڪري.
١٣٨. پڙهي پڙهيو وسار تون، علم اناالحق جو،
ساڃيو آهين سو، ڳولا ڪرين جنهن جي.
١٣٩. ڳولا ڪرين جنهن جي سو تون آهين پاڻ،
پاڻ ڪنان پاسي ڪيو توکي تنهنجي جاڻ،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ، تون تان ناهين آدمي.
١٤٠. ڳولا ڪرين جنهن جي سوئي تون سلطان،
پيهي پس تون پاڻ ۾ پنهنجي سونهن سڃاڻ،
ناحق تيو نادان، ليئا وجهين لوڪ ۾.
١٤١. ڳولا ڪرين جنهن جي سوئي تون سِرُ،
پاڻ نہ پسين پانهنجو بيبيو وتين ٻرُ،
گهيڙ اهوئي گهر، تہ ملين تون مطلوب کي.
١٤٢. ڳولا ڪرين جنهن جي ساڃيو تون سوئي،
جي پاڻ پروڙين پانهنجو تہ ناهين ٻيو ڪوئي،

هي هو هڪوئي، سڌ پڙاڏو سمجھ تون.
١٤٣. ڳولا ڪرين جنهن جي ساڳيو تون مطلوب،
خوبن ڪئون آهين خوب، جي تون پسين پاڻ ڪي.
١٤٤. جي تون پسين پاڻ ڪي لوڙهي لقب لَهوُ،
معنيٰ جي مهراڻ ۾ ٿئين محض مَحوُ،
ته ڇڏي صرف نحوُ، پڙهين ورق وجود جو.
١٤٥. جي تون پسين پاڻ کي ڇڏي فقر فند،
ڪنز قدوري جو ڪڍهين مول نه پُڇين پنڌ،
ته رڙهي لهين رند، پاڻ منجهارون پانهنجو.
١٤٦. جي تون پسين پاڻ ڪي رُويت روحاني،
اُجلي وجهين آڳ ۾ منطق مَعاني،
برهه نه ٿئي باني، قُطبي مُطوَل سندو.
١٤٧. جي تون پسين پاڻ ڪي جئن ڪِي پسڻ آهه،
تلويح ۽ توضيح جي تاتي ناهي جاءِ،
اصولين جي عقل ۾ هي سِر ڪين سماءِ،
وُصولين وٿاءِ، سُٽي سمجھ ڳالهڙي.
١٤٨. جي تون پسين پاڻ کي ته پيءُ جَهَل جو جام،
هوءَ جا عبادت عام، سا صوفي ڏوهه نسورو.

**درگاهه عرض پائيگاهه تجل شريف**

تمت بالخبر

من يد مسڪين بي مکين احقر خاڪسار الحاج سومر خان لغاري
بتاريخ ١۴- ماهه شعبان مبارڪ ١٣٩۴ھ برابر ٢- سيپٽمبر سنه ١٩٧۴ع

# سنڌ جا قديم شهر: حسن باغبان

حَسن باغبان يا حسڻ باغباڻ (جئن عام اچار آهي)، تعلقي ساماري ۾ هڪ وڏو شاهي قبرستان آهي جيڪو اتي مدفون ولي ’حسن باغبان‘ جي نالي سان سڏجي ٿو. حسن کي ’حسن باغبان‘ سڏيو ويو، ڇاڪاڻ جو هڪ روايت موجب هو باغبان جي عالم ۽ عارف مخدوم بلال جو شاگرد ۽ خليفو هو. انهيءَ ڪري هي ماڳ بہ علمي مرڪز بنيو ۽ مدرسو هلندو آيو. ٻي روايت موجب، حسن باغبان ستين سَن جو هو، يعني تہ مُلتان جي ولي غوث بهاء الحق رحہ جي دور جو. غوث صاحب جا خليفا هت مدفون آهن جنهن مان تصديق ٿئي ٿي تہ هي ماڳ غوثي طريقي جي خليفن ۽ فقيرن جو بہ مرڪز رهيو آهي. شاهہ عبداللطيف بہ هت آيو هو ۽ پوءِ جمعي رات هت بہ ’شاهہ جو راڳ‘ ٿيندو رهيو. هن پوئين ويجهي دور ۾، گذريل صدي جي سانيڪي وارن سالن تائين پڙيو فقير سولنگي هتي راڳ جو اڳواڻ هو.

ڪافي وقت کان وٺي سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن کي سمجهڻ لاءِ، مون سنڌ جي تاريخي آثارن جي ڳولا پئي ڪئي آهي. ’حسڻ باغبان‘ جي آثارن ڏسڻ جو گهڻو شوق هو جيڪو مرحوم دوست محمد اسماعيل نون جي مهربانيءَ سان ١٧ ڊسمبر ١٩٦٧ع تي پورو ٿيو. ساماري مان وڏيري مريد خاصخيلي جي ڳوٺ سندس دعوت تي وياسون ۽ اتان سڀ گڏجي حسڻ باغبان پهتاسون. اتي خليفو حاجي جيئو وڏي ٻُڍ سُڍ وارو عمر اسي کن سال مليو، جنهن ولي حسن باغبان جي درگاهہ ۽ سجو قبرستان ڏيکاريو ۽ آثارن بابت روايتون بيان ڪيون.

قبرستان جو مکيہ دروازو ڏکڻ پاسي کان آهي، جنهن جي سامهون ولي حسن باغبان جي مزار آهي، ٻيو ننڍو دروازو اولهہ کان جتي مجاورن جا گهر آهن. ولي جي مزار جي مٿان چيرائين گول پڪي رائنڪ آهي جنهن جون پٽيون ويڪريون ۽ عمارت سازيءَ جي لحاظ سان مغليہ دور کان اڳ جي عمارت معلوم ٿئي ٿي. ان ۾

اندر فقط ولي حسن باغبان جي هڪ وڏي شاهي قبر آهي، رانئڪ جي ٻاهران، پيراندي واري پاسي کان سندس خدمتگار مائي مريم ڪَلاڙ جي تربت آهي، جتي پهريائين ختمو ڏين. مزار کان ڪجهه وٿيءَ تي اتر- اولهه سومار پياٽي جي قبر آهي جيڪو وليءَ جي ڏوئي وارو ننگر هلائيندو هو.

هن ماڳ جا ٻيا تاريخي آثار سپ ولي جي مزار کان اتر طرف آهن. قبرستان جي اوڀر طرفان هيناهين زمين جتان شايد اڳ ڪو ڍورو هو. حاجي جيئي چيو تہ اتي اپرندي طرفان اڳ ٻيلا هئا. انگريزن جي دور ۾ ناري جي ٻوڏ کان بند ٻڌائڻ لاءِ حيدرآباد مان قيدي وٺي آيا جن اچي وڻ وڍيا تہ لانديون ناهين. مجاورن کين جهليو تہ اولياءَ جي حد جا وڻ آهن ۽ اهي نہ وڍيو، پر وڍيائون. پوءِ منجهن بيماري پئي، قيدي مُئا، ۽ سندن آفيسر جي زال مئي. هو پشيمان ٿيو. زال کي ولي جي پاڙي ۾ دفن ڪرايائين. ڪم بند ڪرايائين ۽ لڏو پٽيائين. حاجي جيي اها قبر ڏيکاري جيڪا ولي جي درگاهہ کان اتر- اوڀر طرف آهي ۽ جنهن تي هينيون ڪَتبو لڳل آهي.

In Memory of

ESTHERBAI

Beloved wife of

Mr. Daniel Solomon

MHEDEKER Jailor

Nara Jail

Died on 27· of September 1885

Aged 30 years

May God bless her soul.

ٻيون آڳاٽيون قبرون ۽ آثار سپ وليءَ جي مزار کان اتر، مقام جي اترئين پاڳي ۾ آهن. ننگر هلائيندڙ سومار پياٽي جي قبر کان ٿوري وٿيءَ تي اوڀر- اتر طرف سَئومُو درس ۽ سندس ڪٽنب جون تربتون آهن. سئومو درس بہ غوث صاحب جو وڏو خليفو هو. ڪجهہ فاصلي تي اتر طرف وڏي عالم دودي ڳاهي جو مزار آهي. هو غوث صاحب جو خليفو هو. سندس مزار کان اوڀر طرف ڪجهہ

وٺي ني، ڪٻڙين ۾ مسجد جي ڏڙي جا آثار جنهن ۾ مدرسو هو، جنهن ۾ عالم دودو ڳاهو پڙهائيندو هو. حاجي جيئي چيو ته سندس اولاد، ٺٺڍي محمد خان طرف 'پٽ ڳاهي' ۾ رهندڙ آهي. مسجد واري ماڳ کان ويجهو اوڀر طرف غوث جي خليفي نورنگ نوحاڻي جي پٽ جي قبر آهي جيڪا سومار پياڻي ۽ عالم دودي ڳاهي جي مزارن واري سِڏائي کان اولهه طرف آهي. مقام جي اتر-الهندين پاڳي ۾ هتي جي قديم شهر جي ڪوٽ جي بِنائن ۽ جاين جا آثار معلوم ٿيا. مٿين سڏائيءَ کان اوڀر طرف، وڏيڪ پڪيڙ ۾، قديم شهر جا اوچا گنبذ آهن جيڪي ان وقت جي وڏين ماڙين جاين جا آثار آهن. هڪ روايت موجب هي سومرن جي دور جو شهر هو.

# هُرلاءِ نار، هاري ۽ مُجيري، وَنديون ۽ پَٽيون

سنڌ ۾ زراعت جي تاريخ ۾، اُرلو يا هُرلو هڪ سائنسي ايجاد ۽ وڏو ٽيڪنيڪي ڪارنامو آهي. هن 'ڪاٺ جي مشين' ذريعي پاڻيءَ کي هيٺين سطح تان ڪڍي مٿين سطح تي آندو ويو ته جيئن مٿين زمين تي آبادي ڪري سگهجي. يوروپ وارن، غلطيءَ مان هن کي 'ايراني چرخ' (Iranian Wheel) سڏيو، پر ايران ۾ هن مشين جا ڪي به تاريخي آثار موجود ناهن. حقيقت ۾ هي 'سنڌي چرخ' (Sindhian Wheel) آهي (١) ۽ اڄ کان هڪ هزار سال اڳ به انهيءَ نالي سان ئي سڃاتو ويو جو عباسي دور جي هڪ وڏي انجنيئر اسماعيل الجزري هن کي "الدولاب السندي" ڪري لکيو آهي ۽ ان تي پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ باب پڻ لکيو آهي(٢). مقامي طور سنڌ ۾ ان جي ساخت ۽ سٽاءَ جا ڪيئي نمونا موجود آهن؛ سنڌ جو ڏاند ئي هن مشين کي ڦيرائيندو رهيو آهي، ۽ پڻ صدين کان وٺي سنڌ ۾ هرلي ۽ نار ذريعي آبادي جو هڪ اقتصادي توڙي سماجي نظام رائج رهيو آهي. هُرلي جي ايجاد جي سائنسي ٽيڪنيڪي نوعيت توڙي هرلي تي آبادي واري نظام جي سماجي اهميت جي مدنظر، هڪ ته هرلي- نار جي ساخت ۽ سٽاءَ، ۽ ٻيو هرلي- نار تي آبادي لاءِ هاري ۽ مجيري جي رفاقت، ۽ پيدائش ۾ وندين- پٽين جي ورهاست بابت تحقيق ڪئي وئي آهي ته جيئن سنڌ ۾ اُرلي يا هرلي جي ايجاد توڙي آبادي جي نظام ۾ اجتماعيت جي تاريخي اهميت واضع ٿئي.

● هرلي- نار جي ساخت ۽ سٽاءَ

هن مشين جو نالو اُرلو يا 'هرلو' ان جي قدامت جو يادگار آهي. هن موضوع تي تحقيق ڪندي معلوم ٿيو ته لاڙ ۾ عام اچار 'هرلو' آهي

(١) راقم انگريزيءَ ۾ لکيل پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ ثابت ڪيو آهي ته هي 'سنڌي چرخ' آهي ۽ نه ايراني هن سلسلي ۾ لکيل تحقيقي مقالي لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب "SINDH: Studies Cultural"، شايع ڪيل پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ٢٠٠۴ع

(٢) مصنف اسماعيل ابن رَزاز الجزري جو ۵- صدي هجري (١١- عيسوي) ۾ "Hydraulic Engineering" بابت لکيل "ڪتاب الحيَل"، انگريزي ترجمو دونالڊ هِل جو ١٩٧۴ع، راقم جي نگراني هيٺ دوباره ڇپايل نيشنل هجره ڪائونسل، اسلام آباد، ١٩٨٧ع.

پر اتر سنڌ (لاڙڪاڻي، سڪر ۽ جيڪب آباد ضلعن) ۾ ان جو اُچار ’اُرلو‘ آهي. تي سگهي ٿو ته اصل ۾ اهو نالو مئن جو ڏڙو کي آباد ڪندڙ دريائي وهڪري ’ارل‘ تان پيو هجي، جنهن مان ان جي قدامت جو گمان ٿئي ٿو. ’نار‘ وارو نالو، سنڌ ۾ عرب اسلامي حڪومت واري دور ۾ عربي ’ناعُوره‘ تان پيو، يعني ته اهو نالو به تيرهن سئو ورهين آڳاٽو آهي. هُرلي تي ’ايٽ‘ نالو چرخي جي تشبيهه تان پيو. هرلي جي پاندي يا ڏينگي جو ٻيو نالو ’چرخ‘ آهي، جنهن تان هرلي تي ٽيندڙ آبادي کي ’چرخي‘ سڏجي ٿو، جيڪو ’موڪِي‘ جو ضد آهي. لاڙ ۾ ’هرلو‘ ۽ ’نار‘ به جدا نالا ۽ به جدا قسم آهن، البت ’اتر‘ جي عام ٻولي ۾ ’ايٽ‘ ۽ ’نار‘ ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا. ’هُرلي‘ کان الڳ هڪ ٻي بناوت ’پيراني‘ يا ’پيراٽي‘ آهي، جنهن کي ماڻهو گيڙيندو (يعني ڏاند بدران ماڻهو ڦيرائيندو)، ۽ ٻي ان سان مشابهه بناوت ’پير- پيراني‘ يا ’پير- پيراٽي‘ آهي جنهن کي ماڻهو پيرن سان ڦيرائيندو. ان ۾ فقط ٽورو ويڪرا- ڏگها پاٽيا آهن جيڪي پاڻي کي مٿي اڇلن ٿا.

● **هرلي جي بناوت**

هُرلي جي بناوت ۾، مٿي مهرو ۽ چڪر ۽ هيٺ هڪ پاندو يا ڏينگهو آهي. چڪر ۾ هينان اُرا آهن جيڪي ڏينگهي کي ڦيرائين ٿا. چڪر ۾ مٿان پڙ جي طرف. ڏگهي ڳاڏي آهي جنهن ۾ ڏاند ٻڌجي ٿو جيڪو هُرلي جي پڙ ۾ ساڄي ڦيري سان ڦري ٿو ۽ چڪر کي ڦيرائي ٿو.

هرلي جو ڏينگو يا پاندو هڪ گولائون چرخ آهي، جيڪو هينان، ڪُوهاڏي يا پڙُوهي مان پاڻي مٿي ڪڍي ٿو. ان جا چار پاڳا: هڪ وچ واري ٿلهي پاندي، ٻيو ان ۾ اُيا ٻه ٻه اويارا هڪٻئي کي سامهان، ٽيو اويارن مٿان ڦرهيون (جيترا جوڙا اويارن جا اوتريون ڦرهيون)، ۽ چوٿون ڦرهينَ مٿان (ڦابو جهلڻ لاءِ) ونگون. اها چپر جيڪا ڦرهي ۽ اوياري کي لڳي ته ٻئي پچي ٻيهن تنهن جو خاص نالو ’گنٻي‘. ڦرهين کي هڪ پاسي کان چڪر جا ارا جيڪي ڦرهين کي اڳتي ڏِڪي ڦيرائين ٿا ۽ ٻئي پاسي ڦرهين مٿان ٻڌل مالهه جنهن ۾ ٻڌل (ڪنير جا ناهيل نڪر جا) ڪنگر يا لوٽا جيڪي هينان پاڻيءَ سان

پرجي متي اچن ۽ ’پاڙچ‘ يا ’بارِي‘ ۾ پاٽي هارن، جيڪو ٻن نيسارن ذريعي اڏ ۾ پوي، جيڪا وهِي ٻنيءَ ۾ پوي.
مالهه جنهن ۾ اِرڙيون ۽ متان لوٽا ٻڌجن سا عام طرح ڊرين کي وٽي ٺاهي هئي. خيرپور طرف ڪجين جي ڪچين چڙهين کي چيري ڪٽي ٺاهيندا هئا. اها ڊرين واري مالهه کان وڏيڪ مضبوط هئي. کوهن واري مالهه ڊگهي هئي جنهن تي پنجاهه سٺ لوٽيون (منگريون) ٻڌبيون هيون.
هرلي جو سڄو سامان تنهن جو نالو سُلح (=اسلحه) يا ٻائڙ. واڊو هاري کي چوندو تہ: ”سُلح آڻ تہ هرلو ٺاهيان.“ لاڙ جو اصطلاح ’هرلو ٺاهڻ‘ آهي، اتر ۾ خيرپور طرف ’ايٺ يا ڍينگو اڏڻ‘ چوندا.
هرلي جي بناوت ۽ ان جي جدا جدا عضون/ڀاڱن تي سالڪ شاعر غلام علي لغاري (١٩-صدي) ڳوٺ جعفر خان لغاري، سسئي جي سر مان بيت چيو تہ:

١. ثابت ٻُنڊِي سور جي، جيءَ ۾ ڪوڙي جن
٢. وڏا بار بوتن تي ڏيئي ٻاهُو ٻاروچن
٣. ڪنهن اَري ڙي عشق جي اڙايوسان ان
۴. ڏيهہ چڏي ڏونگر ڏوريان پٽيلاءِ پرين
۵. هو مڪڙو لوهانءَ جو مان جي آهي من
٦. سَريون سورن ڪديون تاقي منجهان تن
٧. منهن رائي ميرو ڪيو متو مر وائن
٨. اچيو اوپارا عشق جا ونگيو روح وجن
٩. نيڻ وهن نارا ڪيو جئن پاڙچ نيسارن
١٠. لڙهي ڪنهن نہ ماري، ماري سور سندن
١١. سا ڳڏجي غلام علي چئي، ملي ماڻ پرين
١٢. شال قادر جي ڪرمن، پهچي جام پنهونءَ ڪي.

[١. ٻُنڊي= ٻہ ٻنڊيون جن تي ڍينگهي جي ڊيڊي بيهي ٢. ٻانهون= ٻاهُو، جن سان پاٽي واري نُري کي متان ڍڪجي ۽ پڙ ٺاهجي تہ ڊِگو متان وهي. ٣. اري ڙي= اِرڙي (ڪِرڙ جي ڪاٺيءَ جي) مالهه ۾ ٻڌل جنهن جي متان لوٽو ٻڌجي ۴. پٽيلاءِ (پٽي لاءِ)= پٽيلو جيڪو ڳاڌي جي چوٽيءَ ۾ (جهل لاءِ) ۵. هوم ڪڙو= هو مڪڙو= مڪڙو

جنهن ۾ مُهري جي چوٽي بيهي ٦. مان جي= منجي جنهن تي مهرو بيهي. ٧. سَرِيون= ڦرهيون. ٨. منهن رائي= مهري ٩. اوپارا جنهن جي مٿان سريون يا ڦرهيون لڳن ١٠. پاڙچ= جنهن ۾ پريل لوٽا پاٽي هارن: نيسارن= نيسارا ١١. لَڙهو= مالهه جو.]

پاٽي جي گهٽائي يا تورائي ۽ مٿي هجڻ يا اونهائي جي لحاظ سان، توڙي گهٽي پاٽي ڪڍڻ جي لحاظ سان، هرلي ۽ نار جي بناوت يا بيهڪ جدا جدا نمونن سان ٿيندي. اهو تجربو ۽ اهتمام ڏيکاري ٿو ته سنڌ ۾ هرلي جي ايجاد ۽ آزمائش آڳاٽي وقت کان ٿي.

- گهٽي پاٽي ڪڍڻ لاءِ ڊينگو وڏو ٿيندو.
- بنيادي طور هرلو ڪاٺ جي هڪ مشين آهي، جنهن سان پاٽي هينئين سطح تان مٿي ڪجي ٿو. ننڍي ۾ ننڍي هرلي جي چڪر ۾ ٻارهن آرا جيڪي هينان پاندي يا ڊينگهي جي ٻارهن سرين يا ڦرهين کي ڦيرائين. هر هڪ ڦرهي ٻن اوپارن تي بيهي، هڪڙو پاندي جي هڪ طرف ٻيو ٻئي طرف. اهڙيءَ طرح ٻارهن جوڙا اوپارن جا جن تي ٻارهن ڦرهيون بيهن. جن کي جهَل لاءِ مٿان گولائيءَ ۾ ٻارهن ونگون. هر ڦرهي تي هڪ ڪنگر يا لوٽو ٻڌبو ۽ پاندي جي ڦرڻ سان هر ڪنگر هيٺ پاٽيءَ ۾ ٻڏندو ۽ ٿي سير ڪن پاٽي ڪڻندو. وڌيڪ وڏي پاندي واري هرلي ۾، هر ڦيري تي هڪ مڻ کان وڌيڪ پاٽي مٿي ڪجي اچي پاڙچ ۽ نيسارن ۾ پوندو. انهيءَ ننڍي هرلي کي 'ٻارهو' چئبو.
- 'چوڏهو هرلو'، ڪجهه وڏو ٿيندو جنهن جي چڪر ۾ چوڏهن آرا، چوڏهن ڏُنگ (جوڙا) اوپارن جا ۽ چوڏهن ڦرهيون جن تي چوڏهن ڪنگر ٻڌل. (ڪنهن ٽل سان ١٥ به ٻڌبا). عام طرح هُرلا 'چوڏهيا' هوندا آهن.
- 'ٻاڙڏو هرلو'، يعني 'ٻائڙ ٻڌو' جنهن جي مالهه پاندي يا ڊينگي جي چوڌاري چڪي ٻڌل هجي. هيٺ کوهاڏي يا پڙوهي ۾ پاٽي گهٽو هوندو ته هرلو ٻاڙوڏو ٿيندو ڇاڪان جو ڊينگي جو هينيون پاسو پاٽيءَ ۾ ٻڏل هوندو ۽ ڪنگر پاٽيءَ سان پرچي نڪرندا.

- چاڙهُو هُرلو. جڏهن پاڻي ڪجهہ هيٺ تي هوندو تہ مالهہ ٿوري ڊري ڪري ٻڏبي تہ جئن ٿورو هيٺ تي لڙيل هجي جو ڪنگر پاڻيءَ سان پرجي سگهن.
- ٽنگڙ، ٽنگڻ يا لانگڙيو. اهو هرلو جنهن جي ڪوهاڏي وارو پاڻي گهڻو هيٺ تي هجي تہ مالهہ هيٺ تي ڊگهي ڪري. لاڙي چڏبي جئن ڪنگر پاڻيءَ تائين پهچي سگهن.
- جُنگ. گهڻي آبادي لاءِ، همت وارا هاري جن وٽ وڏيڪ هَلٿ (ڏاند ۽ اٺ) هوندي سي بہ هرلا چاڙهيندا جن کي 'جُنگ' چئبو.

هُرلي جي ايجاد، سنڌ ۾ تاريخي طور هنر حرفت () جي اعليٰ جاڻ جو هڪ نمايان نشان آهي. پاڻي هينان ڪڍي مٿي آڻڻ لاءِ، ڪاٺ مان نهيل هي وڏي پيچيده مشين دنيا جي عجائبات مان آهي. هن مشين جا مختلف پرزا وڏي ڪاريگريءَ سان جوڙيل آهن. مقامي طور، وڏي ڪاريگر وادا هرلي جي سِٺاء ۾ وڏي اهميت انهيءَ کي ڏيندا هئا تہ: چڪر جا ارا ۽ ڊينگهي جون ڦرهيون پاڻ ۾ بناوتي جي لڳي وهن. ان ڪاريگريءَ جو خاص نالو 'سُوٽرين هڻ' يا 'سوٽرين پوٽ' هو. چڪر ي ارن ۽ ڊينگهي جي ڦرهين مان هر اري ۽ ان سان لڳندڙ ڦرهي تي ساڳيا نشان ڪندا هئا جن کي 'سوٽرا' (يا سوٽرا، ٽوٽرا) چئبو هو. پوءِ وادو اها ٽل ڪندو هو تہ جئن ساڳين سوٽرين وارا ارا ساڳين سوٽرن وارن ڦرهين سان پچن. اها وڏي ڪاريگري هئي. جي ارا ۽ ڦرهيون 'سوٽرين نہ پيا' (سوٽرين مطابق پورا لڳي نہ بينا) تہ هرلو ٽڪ ٽڪ ڪندو، جنهنکي 'ٽڙڪو' چئبو هو. چوندا: هرلو يا نار سوٽرن ۾ پورو نٿو اچي يا سوٽرن مان نڪري ٿو. پوري ڪمال ڪاريگريءَ سان بيهاريلڪ هرلو اهو جنهن ۾ ارا ۽ ڦرهيون پاڻ ۾ سوٽرين پچن. هُرلي جي ان حرفت تان، سماج ۽ علم ادب ۾ 'سوٽرن پوڻ'، سوٽرين نهڻ، سوٽرين جنهن جا اصطلاح رائج ٿيا. چوندا: 'اسان سوٽرين نہ نهياسون'. هڪ بيت ۾ سجڻ کي التجا آهي تہ:

"اچي سوٽرين وجهي وڃ سپرين!"

هميشہ ڪوهہ تي چڙهي. متي اتر ڏانهن 'نار' عام طرح ڪوهن تي هئا پر سانوڻيءَ ۾ جهجي وهندڙ پاڻيءَ تي بہ هوندا هئا. اهڙي نار کي 'جهالار' چئبو جيڪو اصل ۾ 'جالار' آهي، يعني جتي پاڻي گهڻو يا جالارو هجي. وهندڙ پاڻي تي اهڙو نار بہ هُرلي وانگي ٻاڙوڏو يا لانگڙيو هوندو. لانگڙيو نار، سياري ۾ ڍند يا ٻوگهڙ تي چڙهندو جڏهن پاڻي گهڻو هيٺ هوندو. ٻوگهڙ، يعني ڪچي ۾ درياءَ جا ڇڏيل اونها واهڙ. اهي نار سي ٻن چڪرن لٺ ۽ ڏينگن وارا.

— **جُنگ**. ڪوهن وانگر، چڙيي وهندڙ پاڻيءَ تي بہ بہ نار هوندا تہ اهو نار جنگ سڏجي، جنهن جو ٻيو نالو 'ٻہ- نارو'؛ ٽي نار هوندا تہ ٽہ نارو. انهن کي ٻهڙ ۽ ٿهڙ بہ چوندا. ڳوٺ جان محمد عباسي (تعلقو گنبٽ ضلعو خيرپور) ۾ معلوم ٿيو تہ اتي ڪنهن 'چونارو' چاڙهيو يعني چار نار چاڙهيا. 'ڪوهہ' بہ جيڪڏهن موڪرو هوندو ۽ ان تي بہ ڏينگها چاڙهبا تہ اهو بہ 'جنگ' چئبو.

— **ٽُمُر**: اهو نار جنهن جي ٻنهي چڪرين جي بناوت ۾ ڪُٻن (قبن) ۽ ونگن بدران ارا هوندا جن جو نالو 'ڳوڙها' جيڪي ٿالهي يا سرينهہ جا؛ وچين ڪاني جنهن مان ڳوڙها سا ٿلهي ٿيندي، ۽ 'تمر' نالو انهيءَ ڪانيءَ جو آهي. تمر نار ٿوري خرچ وارو، پر پاڻي گهٽ ڪڍندو.

— **ٻيهڙ**: بہ نار، جن جي هڪ صورت اها جو هڪڙو هيٺ ۽ ٻيو ان ڪان متي. هينيون پاڻي ڪڍندو جيڪو وري متيون ڪڍندو. اڳ سانوڻي ۾ جڏهن درياءَ ۾ گهڻو پاڻي هوندو هو تہ سياري ۾ بہ گهڻو پاڻي ڇڏي ويندو هو ۽ ڪچي ۾ گهڻيون ٻيهڙون چڙهنديون هيون..

— **گاڏهو نار**: اتر سنڌ ۾ پڇا ڪندي نالو معلوم ٿيو پر بناوت بابت ڄاڻ ڪانہ ملي.

● **ڪوهہ جي موڪرائي**

ڪوهہ تي نار جي ڏينگي جي وڏي يا ننڍي هجڻ، يا ڪوه تي جنگ (ٻن ڏينگن) چاڙهڻ جو مدار ڪوهہ جي قطر يا موڪرائي تي آهي. اڳ ماپ جو ماڻ هٿ يا نري هو جيڪو برابر هو ڏيڍ فوٽ جي.

ـ هڪ ننڍي نار وارو عام ننڍو کوهه، قطر ۾ ست هٿ (يعني ساڍا ڏهه فوٽ) ٿئي. ننڍي ۾ ننڍي نار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ قطر واري کوهه بابت هڪ وڏي تجربي ڪار کوهاري محمد عثمان ڪلهوڙي (١) ٻڌايو ته هن چار هٿ موڪرو (٦ فوٽ قطر وارو) کوهه ٺاهيو ۽ ان تي ننڍي ۾ ننڍو نار چاڙهيائين پر نه وڙهو جو لوٽيون پڄن پيون. چيائين ته پنج هٿ موڪري (قطر ساڍا ست فوٽ) ۾ به لوٽيون پڄنديون. معلوم ٿيو ته خيرپور ضلعي ۾ ڪن جاين تي ننڍي ۾ ننڍي نار وارا کوهه قطر ۾ ڇهه هٿ (٩ فوٽ) يا ساڍا ڇهه هٿ (پوڻا ڏهه فوٽ) هئا. دادو ضلعي ۾ کوهه ڇهه هٿ هئا، جن تي ننڍي ڏينگهي وارو نار چڙهندو هو جنهن کي پيراٺو چيائون.

ـ گهٽي پاڻي ڪڍڻ لاءِ، وڏيڪ موڪرا کوهه کنيائون ته جئن انهن تي وڏا نار يا ٻٽا نار (جنگ) چاڙهي سگهجن. معلوم ٿيو ته کوهه ستن هٿن مان وڌائي اٺ هٿ (١٢- فوٽ) ڪيائون جنهن تي به ننڍا نار (ننڍن ڏينگن وارا) چڙهي سگهيا، پوءِ وڌائي نوهٿ (ساڍا ١٣ فوٽ) ڪيائون(٢) ته وڏيڪ وڏا به نار چڙهيا؛ اجان به قطر وڌائي ڏهه هٿ (١٥ فوٽ) ڪيائون، جنهن تي به وڏا شاهي نار چڙهي سگهيا. تعلقي گمبٽ جي ڳوٺ جان محمد عباسي ۾ معلوم ٿيو ته اتي وڏي ۾ وڏو کوهه ٻارهن هٿ (١٨ فوٽ) هو جنهن تي وڏن شاهي ڏينگن وارا به نار چڙهيا. پر کوهه جو قطر فقط اتي تي وڌايائون جتي هيٺ پاڻي گهڻو تي مليو. جتي هيٺ جر جو پاڻي گهٽ هوندو اتي عام طرح کوهه جو قطر ست هٿ جنهن تي وڏي ڏينگهي وارو هڪ نار چڙهندو، يا ٻن ننڍن ڏينگن وارو جنگ چڙهندو.

---

(١) محمد عثمان پٽ بهاول ڪلهوڙو، عمر نوي سال يا متي، وڏي عمر وارو (پاڻ چيائين ته هڪ سئو سال) اصل وينل سن- ساوڙي) ان سان ڳوٺ بسيرو (تعلقو فيض گنج) ۾ ٢٥/٢٤ تاريخ سيپٽمبر ١٩٨٩ع تي محترم شرف الدين راڄپر جي اوطاق تي ڪچهري ۾ وڏو تجربي ڪار کوهارو، کوهه ٺاهي ۽ کوهن جا چڪ ٺاهي ۽ لاهي.

(٢) ١٥ ڊسمبر ١٩٨٧ع تي، ڳوٺ رفيق مهيسر (ضلعو خيرپور) لڳ هڪ پراڻي کوهه جو قطر ماپيوسون ته تيرهن فوٽ ٿيو. نبي بخش.

• **نار جي چڪرن ۾ ارن جو حساب**

نندي نار جو ڏينگو نندو هوندو ۽ وڏي نار جو ڏينگو وڏو. وڏي ڏينگي لاءِ چڪر وڏي ٿيندي ۽ ان ۾ ارا بہ وڌيڪ ٿيندا. نار ڪيترو وڏو آهي ان جو حساب وڏي چڪر (نَر چڪر) ۽ چُوهِي واري نندي چڪري ۾ ارن جي تعداد سان پڌائون ۽ نارن ڪي بہ انهن نالن سان سڏيائون. جئن تہ:

- ’چوڏهيو‘، جنهن جي چڪر ۾ ١٤- ارا، چڪري ۾ ١٤- ارا، ١٤ جوڙا اوپارا، جن تي ١٤ ڦرهيون، جن جي متان ١٤ ونگون، هي هو عام رائج نندو ايٽ يا نار.
- ’ڪوڏاري وارو ايٽ‘ يا نار (ڳوٺ پيٽي، تعلقو ضلعو خيرپور) سورهيو يا ارڙهيو، يعنيٰ متين چڪر ۾ ١٦ يا ١٨ ارا ۽ چوهي واري چڪري ۾ بہ ١٦ يا ١٨ ارا.
- سترهيو: جنهن جي چڪر توڙي چڪري ’سترهي‘ (١٧ ارن واري)
- ارڙهيو: جنهن جي چڪر توڙي چڪري ’ارڙهي‘ (١٨ ارن واري)
- ويهو، جنهن جي چڪر کي ويهہ ارا ۽ چڪري کي بہ ويهہ ارا. معلوم ٿيو تہ گنبٽ تعلقي ۾ نار اڪثر ويها هئا.
- چوويهو، جنهن جي چڪر ۽ چوهي هرهڪ کي ٢٤ ارا. خيرپور ضلعي ۾ چوويهو بہ عام هو.
- ’نُر‘ جي ارن جو تعداد نُر واري ڪانيءَ جي ٿولهہ تي هوندو. گهٽ ۾ گهٽ ٢٢ ۽ وڌ ۾ وڌ ٢٨. عام طرح ٢٤ يا ٢٦ ارا.

• **اوپارن جو حساب**

نار جي ايٽ يا ڏينگي جي وڏي هجڻ جو حساب اوپارن جي ڳاڻيٽي سان بہ ٿيندو. چوندا تہ نار جو ايٽ يا ڏينگو اناويهو يا ٽيهو آهن، يعني تہ ان ۾ اناويهہ (١٤ ڏُنگ) يا ٽيهہ (١٥ ڏنگ) اوپارا آهن.

**ڏيڍو نار**

گهٽ وقت ۾ گهڻي پاڻي ڪڍڻ لاءِ متين وڏي چڪر وارو ’ڏيڍو نار‘ ايجاد ٿيو. ميرپور ماٿيلي طرف معلوم ٿيو تہ مدت (مدد) نالي واڍي (لڳ جروار، تعلقو ميرپورماٿيلو) اتي پهريائين ’ڏيڍو نار‘

ناهيو، جنهن ۾ جوڳ (وهندڙ ڏاند يا اٺ) هڪ ڦيرو ڏئي ته ڏينگو ڏيڍ ڦيرو ڏئي. ان لاءِ متين چڪر جا آرا چڪريءَ جي ارن ڪان ڏيڍوٽا وڌايائون: يعني ته چڪر جا ارا ٢۴ ڪيائون ۽ چڪري جا ١٦.

**بيٽو نار**

ان ڪانپوءِ وڏي شاهي چڪر وارو 'بيٽو نار' ايجاد ٿيو جنهن ۾ متيون چڪر هڪ ڦيرو ڏئي، ته هينان چڪري ٻه ڦيرا ڏئي ۽ ڏينگهي ڪي ٻه ٻه ڦيرا ڏياري. ان لاءِ چڪر ۾ ارن جو تعداد ٻيٽو رکيائون: يعني ته چڪر جا ارا ٢٢، ٢۴ يا ٢٨ ته 'چڪري جا ارا ١١، ١٢ يا ١۴. پڇاءِ تي معلوم ٿيو ته خيرپور ضلعي ۾ اهڙو ٻيٽو نار ڳوٺ 'پتي'(هاٽي تعلقو ڪنگري ضلعو خيرپور) ۾ موجود هو.

● **هُرلي يا نار ۾ وَهڻ لاءِ گهربل جوڳون**

اهي جانور (ڏاند ۽ اٺ) جيڪي هاريءَ کي کيتي لاءِ گهربل آهن تن کي 'هَلتَ' چئبو: 'هلتَ' ۾ هرلي يا نار ڪاهڻ وارا توڙي هرن ڪاهڻ وارا جانور شامل آهن. پر اهي ڏاند يا اٺ جيڪي خاص طرح هرلي يا نار ۾ وَهن تن کي 'جوڳون' چئبو (واحد 'جوڳ' ۽ جمع جوڳون). 'جوڳ' جي لفظي معنيٰ ڪشالو، پر کيتيءَ جي لحاظ سان هُرلي يا نار ڪاهڻ وارو ڪشالو. اصطلاحي معنيٰ، هڪ اٺ يا هڪ يا ٻه ڏاند، جيڪي هُرلي، ائٽ يا نار ۾ ٻن پهرن تائين وَهن. هرلي ۾ هڪ ڏاند جيڪو ٻه پهر وهي، ۽ نار ۾ هڪ اٺ يا ٻه ڏاند جيڪي ٻه پهر وهن سي هڪ جوڳ برابر آهن، يعني ٻه ڏاند جيڪي گڏ وهن سي هڪ جوڳ ڪري ليکبا. معلوم ٿيو ته ڪي اهڙا پلا ڏاند ٻه هئا جو اڪيلو نار ۾ وُڙها ۽ اڪيلو جوڳ ڏنائون. دادو ضلعي ۾ عام طرح نار ۾ هڪ ڏاند وهندو هو.

جوڳ جوٽڻ يا جوڳ ٻڌڻ، يعني هرلي يا نار ۾ وَهڻ لاءِ ڏاند يا اٺ کي هرلي يا نار ۾ ٻڌڻ: 'جوڳ مَنڻ' يعني ٻن پهرن تائين وهڻ بعد وَهندڙ ڏاند يا اٺ کي ڇوڙي ٻيو ڏاند يا اٺ ٻڌڻ. هرلي يا نار ۾ هڪ جوڳ جي وهڻ جو مدو ٻه پهر: ڏينهن جو سج اڀرئي کان ٻن پهرن تائين ۽ وري ٻن پهرن کان سج لٿي تائين، رات جو پهريون وارو آڌيءَ تائين ۽ ٻيو سج اڀرئي تائين. هاري اهو

جوڳون موجود جو رات ڏينهن اٺ ئي پهر نار وهي ته پوءِ چڙيي پاڻيءَ تي ٢٥ يا ٽيهه جريب به آباد ٿيندا هئا؛ عام طرح ٻارهن ايڪڙ جوئر ۽ ربيع ۾ ڏهه ايڪڙ پاڃي. هن وقت (٢٠٠٦ع) دادو ضلعي ۾، لوهي نار تي ويهه پنجويهه ايڪڙ (پنجاهه جريب) يا اڃان وڌيڪ آباد ٿين ٿا.

براج واهن کان اڳ، هرلا ۽ نار آبڪلائي ۾ وهندا هئا جڏهن درياء ۾ پاڻي جو ايڏو وڏو چاڙهه هوندو هو جو پاڻي پاسن کان اٿلي ڪورن ۽ واهن ۾ پوندو هو؛ وڏن واهن مان اڳتي ڪڙيا نڪرندا هئا ۽ ڪڙين مان واهيون، ڪَسيون ۽ ڳُجهون جن تي هرلا ۽ نار چڙهندا هئا. ننڍن واهن، ڪورن، ڪڙين ۽ ڪسين جي ڪاٽي ۽ صفائي آبادگار پاڻ ڪندا هئا. آبتون ۽ ونگارون ٿينديون هيون ۽ گڏيل همراهي وارو سماجي نظام هو جڏهن (جون مهيني ۾) درياء چڙهندو هو ۽ ٽن مهينن تائين هُرلن ۽ نارن لاءِ پاڻي موجود هوندو تڏهن گهٽي ۾ گهٽي آبادي ڪرڻ لاءِ وڏي محنت ۽ ڪوشش ٿيندي هئي. جڏهن درياء (سيپٽمبر مهيني ڌاري) لهندو هو ۽ واهن ۽ ڪڙين ۾ به پاڻي گهٽبو هو ته ساڳئي ڪڙيي تي، منڍ کان چوٽيءَ تائين جيڪي هرلا هوندا هئا سي واري سان وهندا هئا. لاڙ جي رواج موجب، ڪڙيي جي مٿين اڌ ۾ منڍ وارا هرلا ٽي ڏينهن وهندا هئا ۽ پوءِ هيٺين اڌ وارا هرلا ٽي ڏينهن وهندا هئا. اهو 'وارو' هو جيڪو پاڻيءَ جي شروعاتي گهٽتائي ۾ ڪندا هئا. جڏهن پاڻيءَ جي پڇاڙي واري گهٽتائي ٿيندي هئي ته ڪڙيي جي منڍ کان پوڇڙيءَ تائين هر هرلو هڪ پهر وهندو هو. اڃان وڌيڪ گهٽتائي سان اڌ پهر يا اڃان به گهٽ وقت وهندو هو. چوندا هئا ته: 'وارو' ويو هاڻي 'سانگهارو' لڳي ويو آهي. اهو اصطلاح، پاڻيءَ جي آخري گهٽتائي وقت هُرلن جي ٿوري وقفي لاءِ وهڻ تان پيو. شاهه صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو ته:

سورن سانگهارو، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو
آيل! اوپارو، تِهان ئـي تار وهـي.

**● هُرلي ۽ نار جي آبادي ۾ وندي پٽي**

سنڌ ۾ هُرلي يا نار جي ناهڻ، وهائڻ، آبادي ڪرڻ ۽ آبادي ڪٽڻ وارو ماحول سماجي رهيو آهي. هرلو يا نار هڪ وڏي ڪارج واري مشين هئي، جنهن کي ڪاريگري توڙي ڪاروباري لحاظ سان هلائڻ لاءِ سماجي نظام جي ضرورت هئي. سنه ١٩٣٢ع ۾ براج واهن کان اڳ واري دور ۾، زمين جي مالڪ ۽ زمين کي آباد ڪندڙ کان سواءِ واڍا، ڪنڀار، لوهار ۽ موچي سڀ هرلي ۽ نار کي هلائڻ ۽ ان تي ٿيندڙ آبادي ۾ اميدوار ۽ پٽيار هئا.

نار جي بناوت ۾ ’نار‘ ۽ ’قبا‘، ان جو ماڻ ’ڪاسو‘، زمين جي ماپ ’جريب‘ ۽ خاص طرح زمين آباد ڪندڙ ’هاري‘ ۽ ’مجيري‘ نالا سنڌ ۾ عرب اسلامي دور جا يادگار آهن جن سان سنڌ ۾ زرعي ترقي جي تاريخ هڪ هزار سال کان اڳ شروع ٿئي ٿي. زمين کيڙيندڙ لاءِ ’هر‘ مان اسم فاعل جي وزن تي لفظ ’هاري‘ بنيو (جئن ٻيا فاعل ساري، جاري، ساري ڪاري وغيره) ۽ اهو خاص طرح منصوره ۽ ان کان هيٺ لاڙ ۾ وڌيڪ رائج ٿيو جئن اڄ تائين آهي. متي اتر سنڌ ۾ ڪڙمي، راهڪ وغيره وڌيڪ استعمال ۾ رهيا. لفظ ’مجيري‘ شايد اجاره دار لاءِ استعمال ٿيو، يعني جنهن کي زمين آبادي لاءِ اجاره تي (مقرر رقم عيوض) ڏجي. وقت گذرڻ سان انهيءَ رواج هيٺ، ’هاري‘ ۽ ’مجيري‘، يعني ٻني جو ڪم ڪندڙ ۽ ان ڪم لاءِ خرچ پکو ڪندڙ ۽ سنڀاليندڙ، جو گڏيل پائيواري سلسلو رائج ٿيو. ڪن حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ مغليه دور کان وٺي زمين اجاره سان گڏ مالڪاڻي تي به ڏني وئي، ۽ زمين جو اجاره دار (مقاطعي وارو) يا مالڪاڻي حق وارو مجيري ٿي ويو. پر ويندي ٽالپورن جي دور تائين، زمين ”جيڪو کيڙي سو آبادي ڪٽي“ واري اصول کي ڪجهه نه ڪجهه مڃيو ويو. ٽالپورن جي دور ۾ جيڪڏهن ڪو هاري غيرآباد زمين جهنگ وڍي نئين نُهورَ زمين ڪڍي آبادي ڪندو هو ته پهرئين سال جي پيدائش سڄي هاري جي هوندي هئي. اڳتي لاءِ به پيدائش جا ٻه حصا هاري ڪٽندو هو ۽ سرڪار کي هڪ حصو يعني ٽيو حصو ملندو هو. اها ’ٽه سَمي ٻٽئي‘ خيرپور رياست ۾ پاڪستان جي وقت تائين قائم

رهي. ايريي يا مقاطعي جو رواج ڪونہ هو. 'داڻ بندي' موجب جنس جو حصو حڪومت کي ملندو هو. ڍل ڪانہ هئي. انگريزن سڀ زمين حڪومت (State) جي ملڪيت ڪئي ۽ مالڪاڻي (مالڪي) جي حق ڏيڻ جو اختيار حڪومت وٽ ٿيو. زمين کيڙيندڙ هاري جو ڪو حق باقي نہ رهيو. ان نئين نظام ۾ زمين جو مالڪ ئي 'مجيري' ٿي ويو.

هرلي ۽ نار تي آبادي لاءِ آبت يا ونگار ۽ پيدائش ۾ ونڊين پٽين جو وهنوار ماضيءَ ۾ سنڌ جي سماجي زندگي جو هڪ اهم نشان هو. هاري کي وڏي اهميت هئي. چوندا هئا تہ "هاري جوهري آهي." جو هو پنهنجي ذهن، ڄاڻ ۽ تجربي سان زمين مان پيدائش جو جوهر ٿو اُپائي.

هُرلي يا نار جي اڏاوت، جوڳون ۽ هَلٽ ۽ زمين جي آبادي لاءِ ذميوار هاري هو. ڪم ۾ ساٿس گڏ ٻين جو پائيوار ٿيڻ، خرچ پرڻ ۽ پيدائش ۾ ونڊي پٽي ڪٽڻ لاءِ هينيان اصول عمل ۾ آيا جيڪي گذريل ويهين صدي ۾ براج واهن کان اڳ تائين سنڌ ۾ هلندا آيا.

● ڪو هاري نار يا جوڙو ٻئي کان 'پانياري' (ن غنو) تي (مقرر رقم ڏيڻ تي) وٺندو هو.

– ڪتي جي فصل لاءِ، مهرو ۽ چڪر يا لَٺ ۽ چڪري پانياري تي وٺندا هئا. گنبٽ تعلقي ۾، عام طرح پانيارو جملي ڇهہ روپيا هوندو هو، پنج روپيا چڪر ۽ چري جا ۽ هڪ روپيو لٺ جو. پانيار تي اهي ٽي اسم وٺبا هئا. باقي ڍينگهي ٿاهڻ لاءِ هرڪو هاري سڄو ٻاٽڙ جهنگ مان پاڻ وڍي آڻيندو هو. (ٻاٽڙ معنيٰ ڍينگهي جو ڪاٺ). بعضي ڍينگو بہ پانياري تي ونبو هو جنهن جو عيوضو ويهہ، ٽيهہ يا چاليهہ روپيا هو.

● هڪ نار ۾ ٻہ هاري پائيوار ٿيندا هئا تہ هرڪو واري سان پنهنجون جوڳون جملي چار پهر وهائيندو هو ۽ ان پاڻيءَ سارو پنهنجي ٻني کيڙيندو هو.

● هڪ هاري وٽ نار هو ۽ ٻئي وٽ جوڳون، تہ پائيوار ٿي ٻني ڪندا هئا.

• ڪنهن غريب هاري جنهن وٽ پنهنجو نار نہ هوندو هو، سو پنهنجو جوڙو ٻئي هاري کي لِڄَ تي ڏيئي (ونڊي پتي يا مقرر رقم تي ڏيئي) پاڻ وڃي هنائين ٿيندو هو. تڏهن پهاڪو مشهور ٿيو تہ:

"پاڻ هنائين جوڙو لڄن تي"

• ونڊي پتي جو وهنوار

هرلي يا نار ۾، هڪ کان وڌيڪ مڙسن يا جوڙن جي ڪمائي ۾ ونڊي پتي جو وهنوار مقامي طور رسم مطابق مقرر پئي ٿيو يا تبديل ٿيندو رهيو. هينيان دستور رائج رهيا.

– زمين جي مالڪ کي ٻٽئي ڏيڻ ۽ ٻئي خرچ پکي لهڻ بعد صافي پيدايش ۾ جملي پائيوارن جي ونڊي پتي جو حساب مقرر ٿيو ان پائيواري ۾ ڪم ڪندڙ مڙس ۽ جوڙا (ڏاندن جا* شامل ڪيائون.

– هڪ ونڊي جوڙي جي ۽ هڪ ونڊي مڙس جي (جيڪو پاڻ ڪمائي) مقرر ٿي.

– نار ۾ (خيرپور طرف) ڇهن ونڊين جو رواج عام ٿيو. يعني ٽي ڪم ڪندڙ مڙس جون ۽ ٽي جوڙن جون (يا جوڳن جون جن ۾ اٺ شامل).

– جملي خرچ ونڊين مطابق ورڇي رکيو ويو جنهن موجب ٻج خرچ، پانيارو (مسواڙ)، لاپو (مقاطعو) مڙس ۽ جوڙا ڀريندا، باقي ڪنيار، لوهار، موچي يا حجم کي جيڪا وَل ڏيي سا هاري ڀريندو.

– جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کان جوڙو لڄ تي ورتل هوندو تہ هڪ پوري پتي يا سڄي ونڊي ان جوڙي کي ملندي، جيڪڏهہ هڪ ڏاند هاري کي پنهنجو هوندو ۽ هڪ ٻيو لڄ تي ورتل هوندو تہ ان کي چوٿين پتي ملندي؛ يعني هڪ سڄي پتي (ٻہ اڌ) هاري جي، اڌ پتي سندس ڏاند جي اهي ٽيا ٽي حصا، باقي اڌ باقي يعني سڄي پيدايش ۾ چوٿين پتي يا چوٿون حصو لڄ تي ورتل ڏاند جو.

ـــ لاڙڪاڻي (نصيرآباد) طرف، ونڊي پتي واري يا پائيواري کان الڳ 'وَري' جي رسم هئي. مثلاً: چوندا ته: ”تنهنجي منهنجي وَري آهي، هڪ ڏاند منهنجو، پنج ڏينهن تون وهائجان ۽ پنج ڏينهن مان وهائيندس.“ اها ڏري جي رسم عام رائج هئي ايتري قدر جو سگهڙن اهو نالو ڳجهارتن ۾ آندو. ليلان وري ڙري تي ڪونئرو کان هار ونڻ آئي جنهن تي ڳجهارت:

ڏيٺي: نالو توکي ڪڙمکي اچين ٿيون.
(نالـــو نانـــڪ ڪڙمکي وري)
پيجٽي: نانڪ ته کي جـو وري اچـين تـون

# خواجہ خضر ۽ مهتر الياس

سنڌ ۾ خواجہ خضر ۽ مهتر الياس جون ڳالهيون هلنديون هيون، ۽ ڪچهريون ڪندي ڪنهن نہ ڪنهن سگهڙ وٽان ڪا ڳالهہ نڪرندي هئي. سنڌ ۾ درياءَ کي خواجہ خضر سڏيائون. روهڙي لڳ درياءَ جي وچ ۾ خواجہ خضر جو آستان (ٻيٽ) آهي ۽ اتي جا مجاور 'خواجائي' سڏجن.

— عام خيال اهو تہ حضرت خضر ۽ حضرت الياس ٻئي الله جا پيارا آهن ۽ ٻئي ڀاءُ آهن، خواجہ خضر وڏو ۽ مهتر الياس ننڍو.

— خواجہ خضر رهي بحر ۾، دريائن ۽ سمنڊن ۾، ۽ مهتر الياس ٻرن بيابانن ۽ مقامن ويرانين ۾. ٻئي گهڻي وقت کان فراق ۾ آهن ۽ هڪٻئي سان ملڻ لاءِ مشتاق. عام خيال تہ "درياءَ ۽ مقام جو ميلو آهي." يعني پاڻ ۾ ميل ملاقات لازمي آهي، انهيءَ ڪري درياءَ ويجهو آيو تہ مقام کي ضرور پائيندو.

— درياءَ زمين کي پائيندو ۽ پائيندڙ هيڏانهن هوڏانهن يڪون ڪيرائيندو تہ چوندا اهو خواجہ خضر آهي جيڪو پائي پيو، ڦيرا پيو ڏئي، سو مهتر الياس کي ٿو ڳولي.

— خواجہ خضر ۽ مهتر الياس زندهہ جاويد آهن ۽ دوتار (نڪٿ) واري رات پاڻ ۾ ملن ٿا. ان رات جي زال مڙس ڳڏيا تہ ٻار بخت ۽ وڏي حياتي وارو ٿيندو. سڪندر بادشاهہ جي ماءُ کي ان رات پسڻ پيا پر مڙس کي نہ اٿاريائين ۽ پوءِ وڏو ارمان ڪيائين. پوءِ خواجہ خضر ۽ مهتر الياس خواب ۾ آيس ۽ چيائونس تہ "تنهنجي پٽ کي ٻہ ۽ زمين جي بادشاهي ملندي."

— مهتر الياس کي ٻرن بيابانن ۽ مقامن جي بادشاهي مليل آهي چوندا تہ: سفر ۾ ڪنهن سڃي شهر ۾ رات پوي تہ شهر ۾ نہ سمهجي جو سڃي شهر ۾ جن ٿا رهن؛ مقام ۾ مهتر الياس جي پناهہ ۾ وڃي سمهجي.

— درياءَ ۽ سمنڊ خواجہ خضر جي بادشاهي ۾ آهن. وڻجارا جيڪي سمنڊرين پار واپار تي ٿي ويا تن لاءِ ميين شاهہ عنايت خضر پير کان دعا گهري هئي تہ:

خضَر پير خدا جو ماڻَ موٽائي تن

— چوندا تہ مهتر الياس بر جو بادشاهہ آهي. رڻ ۾ اُڃ وارو ٿي پيرا مهتر الياس کي پڪاري جان تي شوڪاري تہ اڃ مانئي ٿيندس.

ـــ خواجہ خضر، درياء ۽ سمندر ۾ منجهندڙ ٻيڙياتن (ٻيڙين وارا) کي سنئين رخ تي هلائي، ۽ مهتر الياس موڙهن کي بر بيابان ۾ گس لائي. عام خيال اهو تہ مهتر الياس منجهندڙ کي ماڻهو تي تو گڏجي ۽ راهہ تو ڏيکاري.

مٿيان محض گمان آهن پر بعضي کي سچا ٿا نڪرن، جنهن جو ذاتي تجربو هيٺ بيان ڪجي ٿو.

ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي ڇاڇري ۾، ڳوٺ راوت سر ۾ گذريل ٢٠- صدي جي شروع ۾ (يا اجان اڳ) مولوي عبدالحق چانديي هڪ مڪتب قائم ڪيو جيڪو وڏي وڏو مدرسو ٿيو، جنهن مان ڪيترائي دستاربند عالم فاضل ٿيا. ٿر جي ريگستان ۾ هن درسگاهہ جي ڪاميابي هڪ وڏو ڪارنامو هو ۽ مون کي خيال آيو تہ آءٌ سر زمين تي وڃي هن درسگاهہ بابت وڌيڪ احوالَ هٿ ڪريان. ان لاءِ اسان پنهنجي يار محمد رحيم راهومي (عيداڻي، تعلقو ڇاڇرو) کي اطلاع ڏنو، جنهن چيو تہ: اوهان اچو تہ گڏجي هلون، رات هلي 'ٽڙ درس' ۾ رهنداسون ۽ صبوح جو راوت سر هلنداسون. انجام تي عمرڪوٽ مان ڇاڇري پهتاسون ۽ اتان اڳتي محمد رحيم سونهون تي هليو. البت دير تي وئي هئي ۽ سج واٽ تي لهي ويو. اونداهي ۾ اسان کي صحيح گس هٿ نہ آيو. محمد رحيم وڏو سڄاڳ سونهون آهي، پر چيائين تہ رات جو جيپ جي روشني ۾ چوڌاري ڪجهہ نظر نٿو اچي.

مون خوش طبعي ڪندي چيو تہ رات آهي ۽ ريگستان آهي: حضرت الياس کي سڏ ڪريو تہ گس ملي. ايئن هيڏانهن هوڏانهن هلندي ڳچ وقت گذريو، آخرڪار سمهاڻي ڏاري پري کان سامهون گهرن ۾ ڪا بتي نظر آئي. جيپ جهلي سون ۽ محمد رحيم لهي ويو ۽ وڃي سڏ ڪيائين. گهران هڪ جوان مڙس نڪري آيو جنهن کان واٽ پڇيائين. ان چيو تہ: 'ٽڙ دوس' واري واٽ هي آهي ۽ 'راوت سر' ۾ تہ اوهين بينا آهيو! هو محمد رحيم سان گڏيو آيو ۽ اچي اسان سان مليو. مونکي خيال آيو تہ عام گمان موجب بيابان ۾ حضرت الياس ئي گس لائيندو آهي سو ان جوان کان ذات نالو پڇيم: چيائين تہ ٽيٻو آهيان. مون نالو پڇيو:

چيائين تہ الياس!

# عشق الائي ڇا؟

## (بخشل فقير جو سوال ۽ عبدالرحمان معرفاڻي جو جواب)

صوفين سڳورن صديون اڳ عشق الاهي ۽ عشق حقيقي جا سبق پڙهايا ۽ پڻ مجازي عشق جي مام سمجهائي. عوامي سطح تي البت معاملو الڳ رهيو. راضي فقير لاشاري چيو تہ: "اڄ ڪلهہ عشق ٽي قسم آهي: عشق مجازي، عشق مزاجي ۽ عشق جزا جي." اها ١٩٣٧ع جي ڳالهہ آهي. ان وقت ۽ ان کان اڳ، سنڌ جي سگهڙن ۽ سياڻن، عوامي سطح تي ڳرن ڳوڙهن مسئلن تي پنهنجا ويچار پئي ورجايا. ١٩٥٠-١٩٧٥ع واري عرصي ۾ راقم جڏهن جامع سنڌي لغات لاءِ لفظن ۽ اصطلاحن ۽ لوڪ ادب جي داستانن ۽ صنفن کي سهيڙڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ ڪچهريون ڪيون تہ معلوم ٿيو تہ ان وقت تائين سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪي وڏا سمجهدار ۽ سياڻا ماڻهو موجود هئا جيڪي تدبير ۽ تدبر ۾ ان وقت جي پڙهلين کان گهٽ نہ هئا. معلومات جي سطح تي بہ ڪن سياڻن کي گهٽي ڄاڻ هئي. ڪن مسئلن ۽ معنائن تي سگهڙن سياڻن جا هڪٻئي سان سوال جواب هلندڙ هئا. ١٩٤٠ع ڌاري يا ڪجهہ اڳ، شهر جوهي جي سڄاڻ سالڪ بخشل فقير مگڻهار 'عاشقن جي عشق' جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ، پنهنجي هينئين ڪلام ۾ عام اشتهار ڏنو تہ:

دل ڪسي تو، ڪونہ ڏسي تو
آهي الائي ڪير!

١. جنهن کي خبر آ تہ مونکي ٻڌايو
نام مولىٰ جي اها ذات سڏايو
پورو پتو ڏسيو پير، ملڪ ڪهڙو تس ڪاٿي وسي تو!

٢. وير وزير هو تو ڪنبائي
دارا سڪندر شاهہ دٻائي
آهي مثل جئن شير، جنهن کي وني تو تنهن کي دسي تو!

٣. بخشل بيچون جاڻي تو مولىٰ
ڪين هلن تا هن سان حيلا
سو دل ۾ رهي تو دلير، پرور بنا بيو ڪونہ پسي تو!

ان جو جواب عبدالرحمان معرفاڻي چانديي (وينل جاگير نواب غيبي خان) ڏنو جيڪو علم جي لحاظ سان عالم فاضل مولوي هو،

پر فڪر جي لحاظ سان فقيري خيال وارو سالڪ هو. پنهنجي هينئين ڪلام ۾ بخشل کي جواب ڏنائين ته:

عشق جي ظاهر ناهي ذات
رڳو نانءُ نشان نشانبر نالو
١. اول ۾ عشق الله وٽ آيو، انت موليٰ ڪيو واحد وايو
ڳالهه ڳُٽي ڏسو ڳوري ڳايو،
وائي ويڙهه سندي اتس وات،
ڪين تري ڪري ڪنه ڪون ٽالو
٢. زير زمين آسمان نه هوڪو، آدم حور حيوان نه هوڪو
ڪن فيڪون قرآن نه هو ڪو،
ته به برهه ڪهان اڳي اهڙي بات
اسم جنه جو اڄ تائين آيو.
٣. روپ شڪل نڪو رنگ تنهين جو، عام نه عضوو انگ تنهين جو
ديس دڙي نڪو دنگ تنهين جو،
رکي رمز تڪي جت رات،
آٽي انهيءُ جي پيش ڪشالو
٤. فوج جنگي نڪادست ڏُنالي، ايڏي آحشمت هتين آ خالي
عين عشاقن جي آهي آلي،
ريءُ ڪهي تو ڪاتي ڪات،
ٻڙڇي دست رکي نڪي پالو
٥. مردن تي آهي ميڙو تنهن جو، شهر نه وستي ويڙهو تنهن جو
ڪير سهي سٽ جهيڙو تنهن جو،
سور ڏئي ڏک ڏاڍا ڏات،
چال اها اتس ڏس تون چالو
٦. زن نه دختر زال تنهين کي، ملڪ مڏي نڪو مال تنهين کي
اهل نه آل عيال تنهين کي،
آهي هميشه حيات،
صهرو سس نه جنهن کي سالو
٧. عبدالرحمان انجامي مون سان، هر هنڌ حضرت حلمي مون سان
سوڙهه نه ڪندي سلمي مون سان
طلب رکان تو تنهن جي تات،
پيچ پيو اتم ناهيان پالهو.

# مشاعرو

[سنڌ ۾ فارسي غزل مغليہ دور ۾ شروع ٿيو ۽ ٽالپورن جي دور ۾ اوج کي پهتو. ان جي مقبوليت جي ڪري، هي صنف نئين ڪنوار وانگر سنڌي شاعريءَ جي صحن ۾ داخل ٿي. خليفي گل محمد ’گل‘ غزل جي هن ڪنوار جي فارسي پوشاڪ مٽائي ان کي سنڌي ويس ڍڪايو ۽ مير عبدالحسين خان سانگي ان کي صورت توڙي سيرت ۾ سهڻي سنڌي ڪنوار بڻايو جنهن جي منهن مرڪائڻ ۽ مبارڪن ڏيڻ لاءِ سانگيءَ جا ساٿي تيار ٿيا. ان بعد سوين ٻيا جاجي ماجي ٿيا ۽ هر ڪنهن پنهنجي حال سارو واهہ واهہ ڪئي.

ان ڳالھ کي وڏو عرصو گذري ويو آهي پر سنڌي غزل جي سينڌ سنوارڻ لاءِ ٻيو ڪو ’سانگي‘ جھڙو عاشق پيدا نہ ٿيو آهي؛ نہ فقط ايترو، پر سانگي جي ان اعجاز کي بہ پوري طرح نہ پرکيو ويو آهي سواءِ ان جي جيڪي راقم ڪليات سانگي جي مقدمي ۾ لکيو. سالن بعد وري هاڻي محترمہ سحر امداد حسيني ”سنڌي شاعريءَ ۾ جديديت“ کي تلاش ڪندي (رسالہ ٽہ- ماهي مهراڻ، سيارو ٢٠٠٥ع) سانگيءَ کي ڳولي لڌو آهي.

سانگي کان پوءِ غزل جي مقبوليت ايترو تہ وڌي جو سڄي سنڌ مان، ڪيترن ئي ننڍن وڏن شاعرن غزلن جا مشاعرا شروع ڪري ڏنا. اهي غزل اخبار ’تعليم‘ ۽ ڪن ٻين مطبوعات ۾ شايع ٿيندا رهيا. اها سنڌن شوق ۽ عروضي مشق واري شاعري هئي جنهن مان سنڌن سنڌي ٻولي ۾ مهارت سان گڏ فارسي ۽ عربي جي ڄاڻ جو بہ پتو پوي ٿو. ان وقت گهڻا تہ منجهائن پرائمري استاد هئا. پيٽ ڪجي ٿي تہ ان وقت ۽ اڄ جي معيارن ۾ وڏو فرق نظر اچي ٿو!

سنڌس چيل غزل اهڙن ڪن مجموعن مان راقم پنهنجي شاگردي واري زماني ۾ اتاريا. اهو اتاريل ذخيرو ’مشاعري‘ جي عنوان سان يادگار طور ڏجي ٿو. سنڌي ’غزل جي ڪنوار‘ واري ڄڃ ۾، سانگي سان گڏ ٻيا بہ جيڪي ننڍا وڏا شريڪ ٿيا تن جا نالا وسري نہ وڃن.

غزل مير عبدالحسين خان 'سانگي'

حڪيم فضل محمد عباسي 'ماتم' جي پران چيل

آئي دلبر جي تيمر شادي ادا | منهنجي اڄ تي خانہ آبادي ادا
دخترِ رَز جي نہ بازاري هجي | هوند قبوليان ان جي دامادي ادا
وامق و فرهاد ۽ مجنون ڪئون پوءِ | مون وسائي وِره جي وادي ادا
نئي آءٌ عاشق نئي اتمر معشوق ڪو | پر آءٌ آهيان عشق جو عادي ادا
جنهن جو شيوو آهي آبادي ڪرڻ | سو نہ گهرندو ٻئي جي بربادي ادا
مرتضيٰ مولا علي مشڪل ڪشا | منهنجو تيو هر حال ۾ هادي ادا
وه گدا ڪي ياد آهي سا طريق | جيڪا آهي طرز استادي ادا
واه 'ماتم' بي گمان شيرين سخن | شاعرِ خوش حيدرآبادي ادا
دختر رز سان ڪيو 'ماتم' نڪاح | جلد تيندو هو بہ اولادي ادا
جي سچائي آهہ تان يڪسان آهہ | دوستن جو داد بيدادي ادا
لطف سان صياد جي اندر قفس | وسري وئي بلبل کي آزادي ادا

سانگي ڏسندي ابروي خمدار يار
سرتي گذري تيغ فولادي ادا

♣♣♣♣♣♣

غزل غلام محمد شاهہ گدا

'ماتم' جي غزل جي پران چيل

دلبرن جي عين بيدادي ادا | شائقن جي واسطي شادي ادا
چونہ ان مجنون کي عاقل چوان | جنهن وسائي ورهہ جي وادي ادا
درد بيشڪ درد جو درمان آهہ | دربدر تي ڪيم فريادي ادا
ساقيا صهبائي گلگون جو اياغ | ڏي پري تا خط بغدادي ادا
آءٌ آهيان بِنت العنب جو آشنا | ڪانہ گهرجي مونکي ٻي شادي ادا
مرغ دل در دامِ زلف يار باد | تئي نہ حاصل ان کي آزادي ادا
تيغ ابرو جي اشاري سان ڪهي | ڏس سنمر دلبر جي جلادي ادا
ناقصن جو آهِ گردون تي دماغ | ڪاملن جي آهي ڪسادي ادا
هوئي سدا برباد شڪلِ گردباد | جو گهري تو ٻئي جي بربادي ادا
مون گدا بيڪس جو آهي دستگير | غوث اعظم شاهہ بغدادي ادا
دين ۽ دنيا ۾ منهنجو شال تئي | واسطي حسنين جي هادي ادا
آهِ 'ماتم' منهنجو مونس باليقين | هردو آهيون حيدرآبادي ادا

واه واه ان جو غزل هو بي بدل
هن زمين جي ان ڪئي آبادي ادا

♣♣♣♣♣

**غزل مير صاحب مير امير علي خان خيرپوري (٣_ آگسٽ ١٩١٦ع)**

| | |
|---|---|
| بند عشقش آهہِ آزادي ادا | سڪ سڄڻ جي عين آبادي ادا |
| شوق معشوق ازل من جي مراد | بيا خيال آهن مڙئي بادي ادا |
| دخترِ رز سان ٿيو جنهن جو نڪاح | ان جي گهر ۾ آهہِ نت شادي ادا |
| پر اِها بنت العنب ناهي عروس | هي گهٽن مڙدن جي آمادي ادا |
| منجهہ شريعت عقد ان سان نا روا | هوءَ خباثت جي آهي گادي ادا |
| جنهن ڪي چيو ام الخبائث مصطفيٰ | بن ڏي تنهن قحبه جِي دامادي ادا |
| واصلِ حق ٿي بصدق دل تمام | حق سان هڪ ٿي حق ٿيندو هادي ادا |
| لنو ۾ ان ليلي صفت جي رات ڏينه | مثل مجنون وه وهي وادي ادا |
| احسن الجمي ڪي گهر ۾ آڻ تون | تا رَهئي نت خانہ آبادي ادا |
| مرغ دل چون ديد دانہ زير زلف | قيد ٿيو منجهہ دامِ صياري ادا |
| پاڻ ڪي ان تيغ ابرو سان ڪهان | جنهن جو شيوو آهہ جلادي ادا |
| طالب عشق طبانِ پاڪ ٿيو | بيون اٿئي سڀ شور افرادي ادا |
| ڪربلا ڪي ڪمترين وادي چون | بي ادب آهي سخن بادي ادا |
| عاشقي ختم است برشاه شبير | جنهن سَني سر تيغ فولادي ادا |
| عاشقن جو تاج سِر حضرت حسين | عاشقن جو آه هو هادي ادا |
| شاهہ دين جي شان ڪي ڄاڻي اُهو | جنهن جي دل ۾ صدق بنيادي ادا |
| آءٌ نبي جي آل جو آهيان غلام | ان جي در جو ڪلب قلادي ادا |
| 'دوست' ۽ 'ملتم'، 'گدا'، 'عبدالحسين' | هي تہ آهن شعر جا عادي ادا |
| آءٌ اُنهن سان دم هڻان ڪيئن شعر ۾ | منهنجي هي تصنيف آ سادي ادا |
| آءٌ آهيان ساڪن اتر جي ملڪ جو | هي آهن سڀ حيدرآبادي ادا |
| شعر گوئي ۾ آهن ڪامل عيار | اُن جو شيوو آهہِ استادي ادا |

آءٌ امير آهيان علي جو مدح خوان
مونکي گهرجي ان جي امدادي ادا.

♣♣♣♣♣

**غزل آخوند عبدالقادر شڪارپوري "بيدل"**

عشق جي آڙاهہ ۾ ڪو نينهن نعرو نرڪري

جوان جولان گاھ جو ڪم چا سگهي چوڪر ڪري
جوان جنگي جيتجي ويا ۽ ڪٽڪ ڪوڙين ڪروڙ
جوش مان جابر جڏهن مزگان ڪنيو لشڪر ڪري
دل سندس فولاد آهي يا ته مر مرسنگ آھ
قد سندس تو شرمندو ڪي سروَ ۽ عَرعر ڪري
من ڏسي مظلوم ڪي ڪو ترس تئي بي ترس ڪي
ڪوئي جانان ۾ هلج اي دل تون اکڙيون تر ڪري
وير جنهن واجهائيندو ويو وِير ويندي واٽ ۾
چڻ ويو ياالا هٽي ابرن ڪي خود خنجر ڪري
آب حيوان در لبانش ليڪ ظلمات است زُلف
طالب آب بقا ظلمات ڪان چو ڏر ڪري
واعظا ڏر چا ڏئي مونکي ڪنا قيامت جي ڪو
جي جدائي ۾ سهان تو مورچا محشر ڪري
درد مان دانهون ڪري آهون ڪري تنهن هئن چيو:
ماٺ موچاري گهٽي، هي ڏيان دل ۾ ڏر ڪري
هن درنگي دور ۾ زردار جو سردار سو
تو سڏائي پاڻ ڪي جيڪي ڪري سو زر ڪري
تيو مهانگو اسب تازي وٽ ٽڪي ڪوتي ڪريي
هاءِ يارو مره ديـنار تو اچ خر ڪري
ڪوهريءَ ڪي قدر ڪهڙي جنس جوهر جي سندو
گوهري وٽ قدر قيمت تو ادا گوهر ڪري
در جواب من نگفته وائي خود مفتون ماند
پوءِ ڪيئن 'بيدل' سڏائي پاڻ ڪي شاعر ڪري
يار قادر بخش بيشڪ تئي غزل هن جو مجيب
شعر پنهنجي ڪان نہ هرگز چاجي لئي خوشتر ڪري

♣♣♣♣♣

## غزل قاضي عبدالوهاب 'خاطي'، جهانگارا

اٽانگي عشق بيشڪ جوش باريو تي، مگر آخر نتيجو نيڪ ڏاريو تي
ادا عاشق مثل زينور اجاريو تي، مگر هڪ ساھ جو سانگو نہ واريو تي
ڏسو فرهاد هو حيران متي شيرين، جبل ڪي جنهن ڪهاڙي ساڻ ڏاريو تي

محبت عشق ۾ مجنون موهيو تي، جڏهن ليليٰ سنلو هن زلف ساريو تي
عزيزو حسن يوسف جو ڏسي بيبي، تئي حيران ظاهر قيد ڪاريو تي
پيالو کير جو پُر هو ولي قسمت، دگرگون ڪان هٽي هٿ هير هاريو تي
عمر آندي ڪري باندي هئي ماندي، وطن پڻ مارئي سرتيون سنپاريو تي
رُنو راڻو ڏسي پيٽن سندو پاڪر، تڏهن مومل ڳلن تان آب ڳاريو تي
هٿان ليلان پيئي چو پوءِ ليلائي، چنيسر ڪانڌ ڪئورو سان قراريو تي
ڏسي صورت بديعل جي وجي سيفل
قضا جو سپ ڪشالو پاڻ پاريو تي.

♣♣♣♣♣

غزل سيد فاضل شاهه حيدرآبادي

ورُ والي وَهار ڪيم وسار، ساڻ سئيم رهي سَڪار سنپار
أعطنا سئولنا مقاصد نا، ڏيج ڏوڙا ڏيوم ڏان ڏيار
رب هَيي لنا حوا ئجنا، بر سولڪ و صحبه الاخيار
ربنا آتنا وسيلتنا، بِحبيبڪ وآله الاطهار
ازخطايم ڪه ڪرده ام بگذار، در ڪتاب ثواب نامم آر
تا شوم در جوار صديقان، باشهيدانِ تو بدار قرار
هر دعائي ڪه ميڪنم بسحر، مون قبولت سندي أنه درڪار
ترت توبه ڪرڻ فرض لازم، ثُب الي الله توبة الابرار
غافر الذنب ماحي الاثام، تہ بہ وِزرن سنڌي نہ وائي وار
فڪر فاضل سنڌي ملڪ ملڻ محبوب
اِقترض في العشي والاسحار

♣♣♣♣♣

غزل سيد فاضل شاهه حيدرآبادي

سَر سڪ جي سندا توهين ترياق، تا آيا اوهين عجيب عراق
جي مهاجر تيا محبت ڏانهن، مهر ڪيم مار سي مشتاق
پرت وارا پچن پيا پلپل، آتشِ عشق ۾ اچيو عشاق
تون ملاقات سان مشرف ڪر، عشق وارن سندي اچي اوطاق
پاڻ پارين الست جو اقدار، محض مشفق بتوءِ منجهه ميثاق
بره جي بار جي ڪٹڻ خاطر، تي تحمل تيار طاقت طاق
عشق واريءَ عشا ڪئي أنڌه، في المسا والعشي والاشواق

پرت مان پڙ پيا پرين پڌرا، مفت مشڪل شديد ڏاڍا شاق
عام اندوه اهنج اولاڪا،
فرض فاضل ڪيا فقير فراق

♣♣♣♣♣

## غزل ميان يارمحمد 'قانع'

يا الاهي حبيب ڪي آڻج، نور نرمل نجيب ڪي آڻج
گلبدن وگلرخ و گل گلزار، خوش الحان عجيب ڪي آڻج
هجر جي درد جي دوا جنهن وٽ، يا خدا تنهن طبيب ڪي آڻج
لاءِ جنهن جي مدام جان جلي، قرب مان ان قريب ڪي آڻج
منجهہ گلشن ڪليا هزارين گل، زور تر عندليب ڪي آڻج
ساڻ 'قانع' ملجو اچي مروش
اڄ نہ رهزن رقيب ڪي آڻج.

♣♣♣♣♣

## غزل قاضي نورمحمد قريشي

اي صبا سلجهر سپيرين ڏي وڃيج، هي نياپو هوت کي ڪوڏا ڪهيج
تو بنا جاني جيئڻ جنجال آهہِ، مهر سان مشتاق تي وهلو وريج
قُل فقد اذهبت عن قبل الحزن، قاصدا هي پهہ قريبن ڪان پڇيج
ڪَي تو خواهي بردغم را از دلم، دلبرا دل جو دلاسو ڪوڏئيج
دل همين رنجد ز دردت دائما، تون اچي اڄ سور سو ڪامل ڪٽيج
دل لڇي دلبر اوهان لئي دم بہ دم، آءُ سگهو اڇهين ڪميٽيءَ ڪر لهيج
اشڪ خوني ازعيونم مي رود، آه هائي آتشين من سُٽيج
نورمحمد تي اچي نامِ خدا، اي ڪرامت جا ڪڪر قربان وسيج

♣♣♣♣♣

## غزل آخوند عبدالقادر بيدل

جواب گهرندڙ مفتي خوش محمد ڪان

آيو اڄ ناز سان نگار فگار، جان جاني متان نثار نثار
مشڪ ۾ بوءِ زلف جنهن جي، آه مشهور منجهہ تتار تتار
جنهن جي زنجير زلف ۾ دليون، ٿيون مقيد يمين يسار يسار
بعد مدت جي سنڌ ۾ سوئي، آيو پنهنجي ديار ديار
يار دلدار ڪي ڏسي خوش تيس، چيم حمد وشڪ هزار هزار

مان ڪيو عرض هي عجيبن ڪي، ناز ڪنلن ڪي تون جيار جيار
گفتمش بي تو بود رنج والم، گفت اڪنون بغم چڪار چڪار
از شراب دساله يڪ دوقدح، ساقيا سيگهه سان پيار پيار
محب مننار ڪان تيس ممنون، چاه غبغب چميم عذار عذار
مان ڪئي يار سان هم آغوشي، دوس دلدار سان دوبار دوبار
آهه هر روز مه ڪمال وزوال، ساقي سهڻو سدا بهار بهار
ورد بيدل هميشه اين باشد،
ساقيا جام پُر بيار بيار

♣♣♣♣♣

غزل توشيح وارو: سيد فاضل شاهه جو
جواب ۾ محمد قاسم جي

ح: حال هيڻو ڏسي سندم هوشيار، مان ڪا ماڙ مون ڪري مننار
ا: آهيان جنهن عجيب جو ٻانهو، سو دلاسو اچي ڏئي دلدار
ج: جنهن سندي جان ۾ لڳي مون جڙ، تنهن سندو ساريان سدا سينگار
ي: يار جي ياد شاد ياري بس، واه اهڙو نه ڪو ٻيو واپار
ب: بوءِ بدني پلي پلاري جي، مغز منهنجو ڪيو بهار بهار
چ: چال چوڪي چگي چلت چهرو، جوت جاني سندي جدا جنسار
ل: لال لب لاڏلي سندا لاشڪ، عاشقن لئي عجب عمل اسرار
ش: شادماني ڏني سجڻ سرهي، نيو اندر جو انهيءَ ڪري آزار
ا: آس اهڙي رکي اندر ارداس، مان محبوب مون ملي مختار
هه: هي غزل غرض لئي چيو فاضل شاهه، طرز توشيح جي منجهس تڪرار.

♣♣♣♣♣

غزل محمد قاسم جو جواب گهرندڙ

مون رعونت رقيب جي دشوار، ربنا اجعله حارقا في النار
آه دنيا دني عروس عجيب، ناز نين ناز نات واري نار
مڙس ماري وجي ڏڻن ڏاري، ڪُڏڪري سان ڪنهين نه ڪوڏ ڪنوار
لوچ احسن عمل منو مَرهيج، ڪٽڪ جي ڪين آهه جوڙ جوار
قرب ڪارڻ قريب ڪر قاسم، دمبدم دُر ڏيان دل ۾ ڏار

♣♣♣♣♣

### غزل سيد فاضل شاھ

جواب ۾ محمد قاسم جي

ناز نازڪ نہ ڪر نظر نہ نهار، مفت موهيو نہ ڪر ڪهڻ جي ڪار
تير تيز ڪٽي تراريون تيز، محض مشتاق محب مست مَ مار
رمز راسخ رکي رقيبن سان، عاشقن کي عجيب ايئن نازار
قول ڪامل قريب قرب سندو، ساڻ پت ۽ پريت پنهنجو پار
فيض جا تون فقير فاضل کي، ڏان ڏاتار ڏات ڏيج ڏيار.

♣♣♣♣♣

### غزل، آخوند محمد قاسم هالائي

منجهہ اندر من اهڪ ۽ ارمان ڏس، پڻ هِيون حيرت پريل حيران ڏس
ناھ ڪاهن درد جي توري دوا، هي اسان جو درد بي در مان ڏس
نوح ثاني جو چوان طوفان آھ، مون اکين جي آب جو طغيان ڏس
وڃ ڪٿهن منجهہ مدرسي محبن سندي، اک پٽي اُت درد جو ديوان ڏس
جاهلن سان ڪيم اي دل جنگ جوت، مَٿُ مَ پئوتن ساڻ پنهنجو مان ڏس
خلق ڪارڻ لئي سدائين تو ڪجي، نفس نت نادان نافرمان ڏس
مهر ڪيائين مير مرسل موڪلي، خلق تي آگي سندو احسان ڏس
تا علي بعد النبي برتر چون، شاھ هن جو هي شرف ۽ شان ڏس
يا الاهي نجنا مِما نخاف، منجهہ شرارت شومتي شيطان ڏس
قرب ۾ قلمر سنديون ڪوڪون سٽي، اج سندس جرئت پريو جولان ڏس

♣♣♣♣♣

### غزل ميان شيرمحمد قريشي

سرشتيدار، سول ڪورٽ سرحد سنڌ

پسي گلرخ تيو پاني، تي نرگس نظر سان فاني
هلي صورت جو لاثاني، جڏهن بستان ۾ آيو
حسن بي تاب ڪئي تلش، آيا ماڙهو سي منجهہ ڪرمش
قمر ۽ شمس قرباني، جڏهن رخشان ۾ آيو
هٽي تو باڻ نيٽن جا، ڦٽي سينا تو ڪوين جا
بهادر جنگ جو باني، جڏهن ميدان ۾ آيو
پرون جي سيف سي گهايا ڪمند جي زلف جڪڙايا
لڳي حملن جي حيراني، جڏهن جولان ۾ آيو

هنيون نيزا نسگ پالا، ڪري تو پيہ پڙ پالها
سندو سپ ملڪ ڪيو ڏاني، فتح فرمان ۾ آيو
ڪئي تي مرحبا مستن، نوايا سيس دل خستن
منو محبوب مون جاني، جڏهن ميخان ۾ آيو
شير آ شائق انور جو، صاحب لولاڪ سرور جو
جهين لئي ذڪر رحماني، ڏسو فرقان ۾ آيو

☘☘☘☘☘

**غزل ميان يارمحمد تخلص قانع**

حال هيٺو سندم خدا ڄاڻي، ڪين دلدار بيوفا ڄاڻي
هجر جي گهاو وڌو گهائي، دوست هن درد جي دوا ڄاڻي
سدا سفاڪ ڪان ڊڄو يارو، خون عاشق سندو ڄنا ڄاڻي
گل وگلزار تان ڪلن اغيار، قدر بلبل جو زاغ ڇا ڄاڻي
خون خستہ دلن سندو ساڄن، آب شيرين ۽ صفا ڄاڻي
نيم بسمل نمود عشقش او، قتل عاشق سندو روا ڄاڻي
موٽ پارس پنهل پياسي جا، سور سرتي سنديم نہ ڪا ڄاڻي
جي ڪڏئي ڏک فراق ۾ قانع، سي سيئي محب مه لقا ڄاڻي

☘☘☘☘☘

**غزل ميان عبداللطيف جو، جواب طلب**

شگوفي مان شگفتو ڏس تيو گل، مٿان تنهن جي ڪري تو لوڏ سنبل
تڙي لالان وني هٿ ۾ پيالو، نهاري نرگس مخمور بي مُل
هزارو ياسمين موتيو ۽ مگرو، گلستان ۾ پيو هبڪار جو هُل
گلن جو ڇهڇٽو آهي چمن ۾، ثنا خواني ڪري قمري ۽ بلبل
چتون ڳيرا چون تسبيح سبحان، مدور چونڪ ۾ چوگرد غلغل
ڪرڻ گلگشت خوشتر ڪين پانيان، ڏسڻ گلرو وٺي تو ڪان گلن ڪل
مشابہ گرچہ سُنبل زلف سان ڪن، نہ خم درخم ڏنو تن جعد ڪاڪل
چپن ڳاڙهن اڳيان لالان لڄاري، هويدا داغ ڪارو درد جو قل
ڪٿي نرگس انڌي ۽ چشم پرنور، ڪرڻ تشبيه ۾ گهرجي تامل
خزان جو خون واري نوبهاري، مرڪ سان عاشقن ستم تنافل
ڏسي بيمار جان برلب مسيحا، نہ شايان چاره سازي ۾ تعلل
خمار حجر ڪان سر درد حاصل، سگهو ڪر جاءِ ۾ ساقي تسلسل

صراحي ڪان تضرع سِک ميان جي، رئي تي خون لڙهي سجدي ۾ قلقل
غمن جي بار ڪان خم پشت خاطر، نتو مون ڪان ٿئي صبر و تحمل
'لطيفا' مشڪل آسان چونہ ٿيندو، خدا تي جي رکين صدقان توڪل.

♣♣♣♣♣

## غزل ميان محمد يوسف تخلص مسڪين

### جواب ۾ خيالي جي

اي ادا باد سحر، ڪوڏي نياپو يار جو
مرحبا فرخ سيرَ، ڪوڏي نياپو يار جو
ياد جن جي ۾ وڄن هر هر رڳون طنبور جان
تن ڪئي تي ڪا پچر، ڪوڏي نياپو يار جو
عندليبن ڪالهہ خوش الحان سان تي ٻوليو
سبز ٿيا سڀ دشت ودر، ڪوڏي نياپو يار جو
داودي زنبق ۽ موتيي باغ ۾ ڪيو ڇهڇٽو
خوش درختن ڪيا عشر، ڪوڏي نياپو يار جو
دوش در هجران جانان آه چون ڪردم زِسوز
خام ٿيا لرزان جگر، ڪوڏي نياپو يار جو
آئيا ڏينهڙا بهاري، چو سڄڻ ايندا ڪڏهين
هاڻ مسڪين ڪر خبر، ڪوڏي نياپو يار جو.

♣♣♣♣♣

## غزل منشي رسول بخش تخلص "رهي"

ناهہ ڪو ثاني مـني منٺار جو، ناهہ ڪو همسر سچي سالار جو
خود خدا مادح سندس قرآن ۾، ڇا ڪنلو ڪو وصف تنهن مختار جو
راز رب جي ڪان، بنا تو سيدا، ناهہ ڪو واقف ڳجهي اسرار جو
يوسف مصري باين حسن ونوا، آهہ ٻانهون سيد الابرار جو
احد ۽ احمد ۾ ناهي فرق ڪجهہ، ميم هڪ باعث ٿيو جنسار جو
درد ڪان دانهون ڪيان تو دمبدم، ڏي ادا قاصد نياپو يار جو
جان بلب آهي گناهن ڪون رهي، ڪر شفاعت لڳ خدا بدڪار جو
شاعرن مان ڪو بي ڏي مونکي جواب، آنءُ ٿيندس گولو سندس گفتار جو.

♣♣♣♣♣

## غزل 'فصيح' جو

جواب ۾ 'رهي' جي

ڏي صبا آٽي سنيهو يار جو، دوست دلبر دل گهرئي دلدار جو
تو وجهان فالون نهاريان چوطرف، ڪو لنوي ڪانگل پرين جي پار جو
روز شب جيئن دردمان دانهون ڪريان، تيئن مچي تو مچ اندر آزار جو
هوت لاءِ هر هر هنجون هاري ڪيُم، وِرد تجري تحتها الانهار جو
ڪا اتو منهنجي مسيحا جي خبر، حال ڪونهي بره جي بيمار جو
جي اچي پيرا پري پر تون پُڇي، تئي اپر احسان هڪ هڪ وار جو
تي فنا في الله فرقت ۾ فصيح
ناه ڪو واقف انهيءَ اسرار جو.

♣♣♣♣♣

## غزل ميان محمد اسلم علوي

هيڊ ماستر اسڪول بيچانجي

طالبن جي تن جي آهي تات تاري يار سان
پل نه پاسي ٿيئن حاضر پرين جي پيزار سان
طمع ڪي ڏي ترڪ دنيا سان نه رک دل جو خيال
سي نه لهندا لعل ڪي جي دل رکن دينار سان
غير غيرت ڪڍ ڪدورت صاف سالم ٿي سچو
تڏ ملين محبوب پنهنجي ڪي انهيءَ آچار سان
خوف خاوند جو رکڻ سو شيوهِ اهلِ دِلان
ريجهه رانول سان رلڻ بيو ڪم سندن ڪلتار سان
عاشقان هر لحظه گريند از براي وصلِ دوست
بس نه ڪن برسات ڪون سي چشم خون افشار سان
پڪ پيئڻ لئي اصل عاشق سر ڪنيو هٿ ۾ گهمن
سر جو سانگو نا رکن سي عشق جي اظهار سان
مست متوالاٽين جڏ پائي جهاتي پاڻ تو
جيئن ڪليم الله بيخود طور جي ديدار سان
خالقا بر درگهت اسلم جي سڻ تون مدعا
وقت نزعم بخش ايمان را پنهنجي آذار سان

♣♣♣♣♣

### آخوند محمد قاسم هالائي جو جواب گهرندڙ

سلھ ۾ سڪ سنڌي سکي ست سار، پڙهہ پروڙي وري ڪڏهن مَ وسار
ربنا نشڪرڪ لنعمائڪ، واٽ پنهنجي اتي وَهنيان مون وار
زدني الخير في عواقبنا، بعلي وسبطه الاخيار
بگزر از ڪوئي عفو وعزم بين، هر خطائي ڪہ ڪرده ام بگذار
تاشود ماحي گناهانم، هر سحر توبہ بڪُنم تڪرار
همه چيز است زير فرمانت، نفس ناقص هتان گناهہ مَ ڪار
باز توبہ اِهين مَ چئو بس ڪر، ثب الي الله عنهُ بالاسحار
غفر الله ماجري ذنبڪ، پر بہ پازي ڏيان دل ۾ ڏار
حرص دنيا سندو م ڪر قاسم
لم تڪن عند وعِيَها ڪا الفار

♣♣♣♣♣

### غزل سيد فاضل شاهہ

جواب ۾ محمد قاسم جي

جو ڪيئي قول سو پيارل پار، نيڻ نرمل ڪٽي نجيب نهار
يادگيري ڪنا نہ ڪريان بس، تاشوم زين شياع برخوردار
مِن لِقاءِ الحبيب ڪيف اشبع، ڪيئن ديدار جي ڇڏيان درڪار
مصطفيٰ مجتبيٰ و محمود، الحمد هُوَ وسيد الابرار
هو محبوبنا ومحبوبڪ، صاحب الحوض صاحب الابثار
خاتم الانبياءِ وخيرُ رُسل، افضل الاولياءِ والاخيار
صلواتي عليه في الدارين، منهن مهابي أنِه اسان ڏيڪار
اذڪروني بِذڪرڪ الوافي، في المسا والصباح والابڪار
آه مون يادگار ياري يار، مهل ڪنهن وقت محب مون مَ وسار
حاجتي في لقائڪم ابدا، لابمثقال مال والدينار
فرض فاضل متي سدا شب روز
اِستزار الحبيب بالابصار

♣♣♣♣♣

### غزل آخوند محمد قاسم هالائي جو جواب گهرندڙ

يا الاهي عجيب منهنجو آڻ، تہ ڪري رات ڏينهن روح رهاڻ
اِيئن نہ آئين عشق جي آهي، دوست ڏاران رکڻ ڪنهين جي ڪاڻ

حسن تنهنجي ڪيا همه حيران، محب مشفق منيون مرادون ماڻ
اي معلم مَ وڙهه ڪُتابن سان، تند تي تون ٻيور طفل مَ تاڻ
شد مد جزم پيش زير زبر، هينئن هنن ڪي هجي رَو ڏسِ هاڻ
جيڪڏهن نت جفا سوا جس ناهي، ڳالهه ڳوڙهي چيم چندي سا ءِ نَ
قرب سان هر ڪنهين ڪري قاسم، ريجهه راحت رکي مَ رنج رساڻ

♣♣♣♣♣

غزل آخوند محمد قاسم هالائي جو، جواب گهرندڙ

محب، مشتاق ڪي وَسان مَ وِسار، دوستي آن سندي اٿم درڪار
يار جي ياد کان ڪيم توبهه، زين سخن باز گفته شد زنهار
مِن ان المستشار موتمن، پهي پاڻ پُر پريان جي پار
مڪي مدني حجازي، من له الاسم احمد المختار
من يهاجر الیٰ سبيل الله، نال حوزا خشي عن الاحصار
والي الله والرسول معا، سارعوا شاغلا باستغفار
نَا ارجوڪ يا رسول الله، ڪڏ پڌل ٻاجهه سان منجهان تڪ تار
ول وجهڪ الي واشفع لي، ليس غيرڪ لنا باستظهار
هيڪڙائي هوس رکي يارو، منجهه ٻيائي مَ منهن وجهو ٻي پار
حيث تڪويٰ بها جباهُ المناس، لَم تڪونوا مد خر الدينار
قرب جي ڪرت ڪم ڪري قاسم، فاعرفوه بذالڪ الاثار.

♣♣♣♣♣

غزل ميان محمد اسلم جو

جواب ۾ غزل قاضي قادر بخش جي

اي صبا ساري سڻائج تون سنيهو ڪي پرين
عشق ۾ جن ڪي اڙائيئي سور ويناسي سهن
در الم عشقت دلم از هجر و دوري سوخته
ازخدا خواهم ڪه اڪنون وصل جون واڳون ورن
مرسلن ۾ مرڪندڙ ۽ مشتهر موليٰ ڪيو
اسم پاڪيزو پرين جو پرت مان احمد پڙهن
از حلاوت هر دوڳون اسمش بشيريني تراست
پر نينه جو نالو ونڻ ڪوڙين ڪچايون تيون لهن

مهر محبت مان مکو مولىٰ محمد کي امين
جن هدايت آ الهہ جي محب کي تا سي مجن
شيخ شائق ۽ مشائخ پير ڪامل ڪيترا
سڀ پيغمبر بادشاهہ سي پيروي پر جي هلن
خاتم الشعراء قادر بخش آهي منجهہ جهان
غزل مان غلطين ڪڍڻ ۾ آفرين ان کي ڏين
هرک عقلش در زبان پارسي نايد مفيد
گو بفهم خودکشد جيکي اتي سهوون هجن
اي ادا چڏ تون درازي قلم جي خاموش باش
سرت مان سوغات قادربخش ڏي مُنج از وطن
ماڙ مون مسکين تي يا مصطفي کن از کرم
آه جو ٻانهو اوهان جو اسم اسلم تنهن چون

♣♣♣♣♣

**غزل آخوند ميان محمد قاسم هالائي**

اج اسان کي محب ماري تو فراق، رک اسان سان ساڻ الفت اتفاق
مان مونکي سو منو مشفق ملي، جنهن سندو آهم اندر ۾ اشتياق
آءُ اي دل عشق ۾ الله جي، نرت نوڙت رک نہ ڪرکنه سان نفاق
سوز ۽ سک ۾ سدا عاشق رهي، عشق جو اوچو رکن تا انتساق
سان جفائُن جفت کي قاسم ڪري، کو تغير منجهہ طلب ره فرد طاق

♣♣♣♣♣

**غزل ميان لطف لله**

هيڊ ماستر سڪول چنيجن جو

اج هلي ڏس حال هيکر بره جي بيمار جو
ڪُونہ ڏس ويجن ڏنو هن عشق جي آزار جو
هن مرض جي جانچ ۾ ويجن ڪيا کي وس وڏا
پر پين هرگز نہ ڪنه پرکو پروهن پار جو
خواب ۾ مونکي تصور هو تهين جي وصل جو
ورنہ جا قدرت ڪريان اظهار هن اسرار جو
رات پرواني شمع کي جا ٻڌائي ماجرا
سو مگر هو سوز مون بيدل دلِ افگار جو

مرحبا مون سان ڪيائين پر نشي ۾ بيخبر
جڻ چڙهيا لئي لوٽ گهوڙا ۽ ڪٽڪ قنتار جو
سر گهرين تان آه حاضر چو تہ تنهنجو حڪم آ
عاشقن جي ڪاڻ ساجن جڻ سمن سرڪار جو
ڪو سجڻ منهن ۾ تنهين جي هو تجلو نور جو
هڪ نظر سان جنهن نهوڙي هوش نيو هوشيار جو
لطف تنهنجي لطف جو آهي سدا اميدوار
مهر مان تنهن ڪي اچي بهرو ڏيو ديدار جو

♣♣♣♣♣

### غزل آخوند محمد قاسم هالائي

ساه ساقي سڪيم لاءِ قدح، هوش سان هل هلي هلاء قدح
هڪ قدح هوش توءِ چور ڪري، باجهہ سان بٺ بہ ٺي رساءِ قدح
رس پريا روح ڪي رسلي رس، ڪي رساءِ چاه چس سواءِ قدح
هات خمر الجنان وا شربني، هن طرح ڏيم هاءِ هاءِ قدح
آتِنــي ڪُــل مــرت قـديمي، تان ڪريان جند فدا بجاءِ قدح
ڪاڻ قاسم قياس ڪري ڪاڻ، وهم واري وري وراءِ قدح

♣♣♣♣♣

### غزل، آخوند ميان محمد قاسم هالائي

جواب ۾ ميان عبداللطيف هيڊ ماستر سڪول جهرڪن

بهار آيو گلن ڪيا منجهہ چمن نت ناز نيرنگي
خوشي ڪان بلبلن للڪار سان لاتي آ خوش آهنگي
ٺيا سازن سرودن جا چڱا سامان چوڏاري
پٺي مِزمار موسيقار جي فهرست فرهنگي
ڪئورُت روپ رسُ هاٽي، هوا سا ساه سيباٽي
ولن ڪان پرت جي پيچن وٽن سان واه دل ونگي
وسڻ جو مينهن ڪيو سايو وسي بستان برسايو
پکن جي چاهہ چهچه جي هلي هئي هاءِ همرنگي
طرب جي تار ڪي پوري عجب تڪ طور ۾ توري
تراني تال سو سر ۾ وجائي چنگ تو چنگي
ڪليو گونتو ۽ ڪنٺهار عباسي رتن ۽ رَيحان

ڪلنگو ڪيتڪي نسرين نرگس زعفران زنگي
عجائب سهس مڪ عودي بنفشي نسترن زنبق
هزاري ڪي هزارين هيج گلشن ۾ گران سنگي
وٽي تي واه هي موسم تہ اُن ۾ واسطي عالم
وڃي بيشڪ نظاري باغ جي ڪان تن سندي سنگي
نئين نزهت ڏيکاري ارغوان سوسن سمن سُنبل
تيو گلزار گوناگون گلن ڪان فرش ارژنگي
عجب موسم مُفرح تا رهن بي ضبط پڻ جنهن ۾
هزارين جنگجو جونجهار جو لانگير ۽ جنگي
زمين سيراب گُلشن سَبُز ۽ صحرا زمرد گون
وتن خندان و خوش خرم سدا عياش اڙٻنگي
نچڻ تي راس رس ۾ هر طرف باحلق دائودي
ٻڌائن ٻول طرح ۽ تال سُرگت ۾ ٻڌي سَنگي
سچا سيد سدر سائين تون عالم عرض اونائين
ڪرم فرماءِ قاسم تي نوازيل نامور ننگي

♣♣♣♣♣

### غزل ميان فضل علي خان تخلص ’خيالي‘

جواب ۾ غزل ميان محمد قاسم هالائي جي

صَبا فراش فردوسي وڇايو فرش خوشرنگي
گلن جا هر طرح نازڪ نمونا نغز نورنگي
چمن ۾ چاڳلا راڳي رباب وعود چنگ ودف
وڄائن واه يڪتارا بيگانا يار يڪرنگي
هوا خوش معتدل موسم طراوت بخش طِيب افزا
وٽن ۾ ٻور تيا ٻهه ٻهه انار وليمه نارنگي
پريا بارش چلها چوڌس سوايو سبز تئو گلشن
سوين سالوس ڪن طائوس چيهن جي چنگا چنگي
جهجهو ڪيو جوت جلوو جاءِ نوراني نظارو خوش
چٽايو چاندني ميدان فراخي فرق فرسنگي
لباس احمر ڏڪيو لالہ عجب لبلات پاتا پيچ
چنبيلي جي تہ چٽڪي سان چلي ڪنهن جي نہ هم سنگي

مداحي موتيو موچار پويون ڪن ڳچي ڳل هار
پري رخسار جو پندار زينت زيب اورنگي
گلن جو ڇهڇٽو انبوه موچارو مزو مرغوب
ڏسي موهوم دل ڪان دور ٿئي في الفور دلتنگي
مچائي مطربن طرب المجالس جي طرح تازي
ملاري ميگهه سورٺ ساز آلاپين سارنگي
خيالي خادم الخلفا اوهان جي آل تان صدقو
سلامت تو منگي ايمان ازل ڪان جا رقم انگي

♣♣♣♣♣

### فصيح جو غزل جواب

بهار آيو لتا اولا جُهريا، ٿي جهور ۾ جهنگي
ڦٽي سرسبز ٿيا صحرا، ڪلي ٿيا خوب خوشرنگي
ٿيون گلشن ۾ گلزاريون، ٽڙن ٿانگر سنديون ٿاريون
نمن نرگس مٿي ناريون، نهاري نيڻ نيرنگي
پسي فتني سندا فندا، عجائب ٿيا بنهه بندا
ڪَرن خيري مٿان خندا، ذري زنبق ذري زنگي
لڏي لاله ليا پائي، قدح ڪي چوطرف چائي
حسودن جو جگر گهائي، ڏيئي تن داغ دلتنگي
ڪليون ڪوليون ڪِنٿهارن، مٿا موتيا مٿي نارن
ٽڙي ٿي زعفران ٿارن، نچي ٿي ناز مان ننگي
هزار و گل زرفشاني، سمن سوسن نڪو ثاني
مُنجهي ٻِٽ محو ٿيو ماني، ڏسي هي رنگ ارزنگي
چمن چو طرف ٿيو گل گل، پيو هبڪار جو هُل هُل
ٻڌي بلبل سندو غلغل، جلي ويا جوش ۾ جنگي
ڳچي ڳانا ٻڌيو قمريون، جهنجوليءَ مان هٽن جهمريون
پڙهن ٿيون ناهه مان نمريون، تنبي ڪن تال تيلنگي
پسي هي خوب خوشحالي، چمن ۾ ڇهڇٽي چالي
لٿي لولن سندي لالي، سڙي ويا سوز ۾ سنگي
"فصيحا" فرض فرماني، اها پرويز پنهاني
ڪري وئي فڪر ۾ فاني، ڪيئي فرهاد فرهنگي.

## غزل روپ مالڪونس

### ميان امام بخش هيڊ ماستر

مَل محبن جي محبت ۾ سپهه سالار تين
عشق جي اسرار ڪئون سي يار واقفڪار تين
واڻ وحدت ۾ رکيو جن سالڪن ثابت قدم
سي دوئي جي دام کون بانڪا پڄي بيزار تين
چٽنگ چولي ۾ جنهين کي شوق ولري ڪيو شعاع
قلب تن جا قرب ڪئون وه مطلع الانوار تين
پرت پرين جي سنو پوکيو جنيهن سيني سلو
بره جي بارش بهاري ساڻ سي گلزار تين
مٺ محبت جي منجهون پيتو پيالو پُر جنهين
نينهه واري تنه نشي ڪئون هوت سي هوشيار تين
رمز رڳ رڳ ۾ رکي راول سندي جن ريجهه جي
ڳيت سي ڳائن ڳجهوتن دوست جا ديدار تين
بخش جي درد دوستن جي رک اميد امام بخش
جي چڙهن بيڙي توڪل تي لنگهي سي پار تين.

♣♣♣♣♣

# قلمي ڪتابن ۾ سنڌ جي عالمن جون تحريرون

سنڌ جي علمي مرڪزن ۽ عالمن بابت تحقيق نہ ٿي آهي. ڪنهن وقت ڪتاب ۽ ڪتبخانا موجود هئا. پر انگريزن جي دور کان ونئي زوال شروع ٿيو، ۽ پوين جي جهالت سببان اڳين جو علمي خزانو ضايع ٿي ويو. جدا جدا جاين تي، ڪن اڳين قلمي ڪتابن ۽ بياضن جي بچيل ڦاٽل ٽڪرن ۾ ڪي تحريرون ۽ ڪي نالا نظر آيا، جيڪي مون قلمبند ڪيا تہ ڪنهن وقت وڌيڪ معلومات ملي تہ تفصيل سان لکي سگهبو.

چوٽياري ۽ ولهار جي درسگاهن ۽ عالمن جي ڪتابن ۽ ڪن بين قلمي ذخيرن بابت هن کان اڳ لکيو ويو آهي ۽ هاڻي بين محققن بہ ان طرف توجهہ ڏيڻ شروع ڪيو آهي. ضروري آهي تہ ان سلسلي ۾ جيڪو ٿورو گهڻو مواد ملي سو قلمبند ڪري شايع ڪيو وڃي تہ وڌيڪ تحقيق لاءِ راهہ روشن ٿئي. هيٺ ان سلسلي جون ڪي عبارتون ۽ ڪي حوالا مثال خاطر ڏجن ٿا.

- **ڏيپارجا جي قاضيءَ جو بياض**

١٩٦٠ع ۾ قاضي محمد ابراهيم (ان وقت مختيارڪار، ۽ ڪنهن وقت مدرسي نوشهره فيروز ۾ منهنجو ڪلاسي) وٽ مون سندس وڏن جو بياض ڏٺو، جنهن ۾ هيٺيان حوالا قلمبند ٿيل هئا:

— مخدوم عبدالڪريم متعلوي جي تحرير: ”يسار المسجد هو يمن المصلي“ ڪثير من العلماءَ يفهمون في هذه العبارة ان يمين المسجد ماهو بحذاء يسار المصلي و يسار المسجد ماهو بحذاء يمين المصلي ولايعلمون ان المحراب ليس من المسجد بل لو تاملوا حق النامل لايخفيٰ عليهم بطلان فهمهم. لان تصريح الشيخ ببيان يمين المصلي بالنسبة الي يسار المحراب لا للمسجد......... ان ڪثيرا من المساجد لبس لهم المحراب اصلا،

١٩٠٠ع ۾ ڇپيو. جنهن قلمي نسخي تان اهو ڪتاب ڇاپيو ويو، سو سنڌ جي عالم ۽ ڪاتب لطف الله بن الشيخ العلامه الفهامة الشيخ محمد ذاڪر (مرحوم) سنڌي نقشبندي مدينہ شريف ۾ سنہ ١٢٤١هہ ۾ نقل ڪيو.

- **مشهور عالم علي قاري جو استاد سنڌي عالم**

شيخ علي قاري پنهنجي ڪتاب 'شرح موطا' جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ: "هن ڪتاب (الموطا) جي متان پنهنجي استاد مرحوم شيخ عبدالله سنڌي جي هٿ اکرين لکيل ڏٺم تہ "موطا مالک بن انس. برواية محمد بن الحسن و هو مشکل اذ يروي الامام محمد فيه عن غير الامام مالک ايضا کالامام ابي حنيفه وامثاله......"

# صاحبڏنو فقير تنيو

صاحبڏنو فقير تنيو هڪ درويش فقير هو. هڪ روايت موجب، هو ناڙي ۾ ڳاڳن جو وينل هو ۽ ٻي روايت موجب ٽُنين جي ڳوٺ جو، تنين جا ٻہ ڳوٺ آهن: هڪ لهڙي طرف ۽ ٻيو شورڻ واري علائقي ۾، ٻين روايتن موجب، جَهل مگسي طرف بہ رهندو هو. بلوچستان ۾ انگريزن جي حڪومت واري دور کان اڳ تي گذريو.

فقير سيڪنهن کي سچ چوندو هو، سندس ياءَ ربڏنو هو تنهن کي بہ چيائين تہ:

"سچ صاحبڏنو چوي تو اي ربڏنا!"

سندس وقت جي عمراڻين ۽ مگسين تي فقير ڪاوڙيو: عمراڻين کي طنبو جي شهر، بالا، ۽ ڪَنگ گهاڙِي لاءِ بد دعا ڏنائين تہ:

بالان تي تالان، ڪنگ نہ پچي سنگ

طنبوء مان ترار، ڪڏهن ويندي ڪانڪا

مگسين جي سردارن تي بہ فقير ڪاوڙيو ۽ چيائين تہ:

ستيـن هـئو سوجهـرو، انين آ اونـداهہ

پُوتاڻين جي باهہ، وئي وسلمي ورهين کي.

مگسين جو سردار خيل 'پوتاڻي' سڏجي، ستين پڳ نواب قيصر خاص مگسي تي هئي، جنهن جو وڏو بخت ۽ نالو هو. انين پڳ گل محمد زيب تي آئي جيڪو وڏو شاعر ۽ اديب هو، پر سرداري ۽ اڳواڻيءَ ۾ گهٽ هو. صاحبڏنو فقير سنڌي جو شاعر هو، سندس هينيون مولود جيڪب آباد ۽ ناڙي طرف مشهور آهي- راقم اهو مولود ١٥- فيبروري ١٩٧٥ع تي، مرحوم مير شاهنواز خان شاهلياڻي طرفان 'بيرون' ۾ رکيل ڪچهري ۾ ٻڌو: فقيرن وڏي لئي ۽ ڊار سان پڙهيو.

ڏاتر ڏٺــي ڏيڪارلو، روضو رسول الله جو

١. مسجد مديني مير جي جامع وڏي جنسار لو!
نيلا مـنارا نور جا، سونهـن پريو سينگار لو!
٢. حاجـي وجن حرمين ڏي جـــن سڪ وڏي سردار لو!
جئـري ڏسان جانب وجـي صدقي ويان سؤوار لو!
٣. دڙبڙ دؤنس درياء جي دهشـت ٻجهي ڏڏڪار لو!
سنگت سلامت سير مون پرور لنگهائج پار لو!
۴. صاحبڏنو چوي سيدا، تنهنجي اَجـهي آڏار لو!
ناقص نپر تي يا نبي نالـي الله جي نهار لو!

# نسب ناما ۽ قبيلا

**• ٻاها**

ٻاها هڪ وڏو قبيلو آهي، سندن گهٽائي (ٻاهات) خيرپور رياست جي ايرندين پاڳي ۽ جُبي ناري ۾ آهي. ٻاهن مان مشهور پَلوُ فقير ٻاهو ٿيو جيڪو پهرين حر تحريڪ جي اڳواڻن مان هو. ١٧- ورهين جو هو جو وڏن فقيرن سان گڏيو ۽ ١٩- ورهين جو هو جو شهيد ٿيو.

هن قبيلي بابت پهرين پڪي خبر مراد فقير ٻاهي ٩- مئي ١٩٦٦ع تي درگاهه پير صاحب پاڳاره تي ساڻس ڪيل رهاڻ ۾ ڏني. ان وقت هو ٻاهن جي چوڪيءَ جو اڳواڻ هو. پنهنجو شجرو هيٺين طرح لکايائين ۽ چيائين تہ سما اصل عرب آهن.

"مراد بن علي محمد بن لال خان بن موجن بن
جيئندو بن موجن بن ويسو بن آرادين بن ابڙو بن
هيجب بن سُرطڻ بن ڪيت سينءَ بن مَيَدُ بن
صاحب بن ڏتو بن ابڙو بن ٻاهو بن هوتي بن هالو
بن جوڻو بن هوتي بن انڙ بن سمو بن راءِ رائدڻ
بن ڪاڪو بن لاڪو بن لاڪيار بن نرپت بن جڳپت
بن هسپت بن پوپت بن سمو بن جادم بن جِد بن
جَدار بن اوڍار بن اُدو بن نِيت بن پَنيت بن پرت
بن پاڳيت بن سامر بن ابولهب."

مراد فقير ٻاهن جي شجري جون مٿيون پيڙهيون هن طرح بيان ڪيون:

- هوتي پٽ هالي جو. هوتي جا پٽ پنج: پنيرو، ٻاهو، وساڻ، هڱورو، ۽ جوڻيجو.
- ٻاهي جو اولاد جنهن مان جدا جدا پاڙا ٿيا جن مان: ابڙي جا، ڪاري جا، باگڙجا، ماڪُريا، پيرُوجا، لاڪيرَجا، مَهڙجا وغيره وڏا

پاڙا جملي سترهن. ننڍا پاڙا ٻاويهه مثلاً: سُرماڻ جا، سَماڻِي، خان جا، دينوجا، الف جا، ڏاندريي جا.

— ابڙو تنهن مان موجوده پڳدار پاڙو موجناڻي:

ابڙو

آرادين — سمو (اولاد سماڻي) — سُرماڻ (اولاد سُرماڻ جا)

آرادين

وِيسو (اولاد 'ويسي جا')

موجن (موجن جا) — آرادين (آرادين جا) — لال (لال جا) — جَڳو (جَڳاڻي) — ٻُهڙ (ٻُهڙ جا) — مُبو (مُباڻي)

—

ڳاهن جي جدا جدا پاڙن ۽ انهن ڪان متئين نسب نامي بابت ٻي روايت محب فقير ڳاهي ڪان ملي جڏهن سنہ ١٩٨٨ع ۾ منهنجو پير بخش فقير جي مهرباني ۽ ميزباني سان سندس ڳوٺ ۽ پوءِ اڳتي تڙ پڌريي تائين 'وڃڻ' ٿيو. محب فقير جي روايت موجب، ڳاها اولاد آهن ويسي جو (۽ ويسو پٽ آرادين جو) جيڪو سندن وڏو ڏاڏو جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: صاحب، راهب، ۽ آرادين. صاحب جو پٽ سمو، راهب جو سُرماڻ ۽ آرادين جو ويسو جنهن جا ٻيا چار پاء قدو، مَحسن، جِهندو ۽ روجو. انهن چئني جو اولاد سندن نالن پويان (قدو جا، محسن جا، جهندو جا ۽ روجاڻي) سڏجن. سمي جو اولاد سماڻي. سرماڻ جو اولاد سرماڻ جا.

— ويسا. ويسي جو اولاد وِيسا جن جا پنج پاڙا: آرادين، مُبو، جڳو، ڳُهڙ ۽ موجن. مبي جو اولاد 'حاجي پاڙو' ۽ ڳهڙ جو اولاد 'ٺئونر

جا پاڙو'. موجن وڏي جو پٽ جيئندو جنهن جو پٽ موجن فقير (مريد درگاه جناب پير صاحب پاڳارو). جنهن جي اولاد مان، هن وقت پير بخش فقير (پٽ حضور بخش پٽ پير بخش پٽ موجن فقير).

محب فقير جي روايت موجب ڳاهن جا ٻيا هينيان پاڙا:

- پَرتي جا، ٺنڊو مستي لڳ، اهي ويسي جو اولاد.
- خان جا، الف جا ۽ دينو جا، اهي ٽيئي پاڙا ٺن پائرن جو اولاد.
- جامين جا، سُرماڻ جا ۽ سماٽي، اهي ٽيئي پاڙا پاڻ ۾ پائر. 'سُرماڻ جا' مان هيٺ ٻه پاڙا. مگياٽي ۽ مُڏو يا مُڏو جا.
- لاڪيرجا، خيرپور رياست ۾.
- ماڪوڙا، خيرپور رياست ۾.
- ماڪُريا، خيرپور رياست ۾. انهن مان هيٺ ٻه پاڙا ساهڻ جا ۽ ڪامل جا.
- غالب جا، رياست ۽ سانگهڙ ۾.
- پيرُوجا، رياست ۾، انهن مان هيٺ ٻه پاڙا مِيرجا ۽ سَنبَهه جا.
- آدم جا.
- مَهڙ جا.
- باگڙجا، جن مان هيٺ ٻه پاڙا عارب جا ۽ اسمعيل جا.
- ڪاري جا، وڏو راڄ، جن مان 'عالم جا' (دادو طرف)، ٻيا راڄ نوابشاهه ۽ هيٺ لاڙ ۾. ٺٽي ضلعي جو وڏيرو امام بخش ڳاهو ٻه ڪاريجو هو. (سندس مهرباني ۽ ميزباني سان منهنجون وٽس ڪچهريون ٿيون- نبي بخش).

● چِپر- ڪوهستان جا رند قبيلا

چِپر- ڪوهستان جا وڏا قبيلا ته مشهور معروف آهن (ڏسو هيٺ 'ڪچهري چِپر- ڪوهستان') پر ٻيا ڪي ننڍا قبيلا به آهن يا ٿي گذريا، جن بابت معلومات گهٽ آهي. مثلا: ماجُونا ۽ ڏماچ. راقم جي هڪ سڄاڻ سان شهر قاضي احمد ۾ رهاڻ ٿي جنهن چيو ته اسين ماجونا آهيون ۽ اسان جا وڏا چِپر جا هئا. ٽاٽي بولا خان لڳ ڳوٺ 'ڏماچ' آهي پر هاڻي اتي ڪوبه ڏماچ ڪونهي. چِپر جا بلوچ

قبيلا بہ آڳاٽو آيا ۽ برفت ڪٺ ۾ گڏجي هڪ ٿي ويا. روايت موجب، 'برفت' بہ ڀاڳا آهن، هڪ عيسب' ٻيو 'محميد'(بلوچ).

ڏکڻ ڏانهن بحراڻي ۽ ٻبر قبيلا آهن. رند قبيلي وارا متي ڪوتراچ ۽ ٽاڻي عارب خان ۾ آهن. اهي پاڻ کي مير چاڪر جي پاٽيجي بيبرڪ جو اولاد چوائين ٿا. پر پانئجي ٿو تہ اهي مير چاڪر سان گڏ سبي طرف ڪين ويا پر مير چاڪر کان جدا ٿي قلات مان سڌو سنڌ طرف آيا ۽ ان آڳاٽي وقت کان سندن ٻولي بہ 'سنڌي' ٿي.

ڪوتراچ ديهہ ۾ رند جو پُٽ پائيخان جنهن جي پٽن مان پنج پاڙا ٿيا: پهلوان (پهلوان جو اولاد)، آسَر (آسر جو اولاد)، امام بخشاڻي (امام بخش جو اولاد)، ڪريم خاناڻي (ڪريم خان جو اولاد)، حيدراڻي (حيدر خان جو اولاد).

ٽاڻي عارب خان جي رندن جو ڏاڏو براهم خان(وڏو) جنهن جو پٽ محميد خان يا مُهيم خان جنهن کي چار پٽ: براهم خان، شهٽو، سوٺهيرو ۽ سينار، جن مان ٻيا هت چپر ۾ رهيا باقي سينار جو اولاد لس ٻيلي هليو ويو. براهم خان جو اولاد ٻراهماڻي، شهٽي جو اولاد شهٽا، سوٺهيري جو اولاد سوٺهيرا. براهم ۽ شهٽو ٻئي ڀاءَ، سندن ڏاڏاڻا رند ۽ ناناڻا موسيٰ برفت.

— براهماڻي چار پاڙا: عارباڻي (عارب خان جو اولاد)، ٻڍي پوتا، بابو پوتا ۽ زيد پوتا.

— شهٽا، جن مان هڪ پاڙو آڳاٽو جدا ٿيو. باقي اٺ پاڙا ٻيا گڏ موجود: حسڻ پوتا، دريش، مُهندي پوتا، دُراڻي، خاناڻي، حمل پوتا، چچرپوتا، بيوت پوتا، باگڙپوتا.

— سوٺهيرا پنج پاڙا: والِناڻي (والِيني جو اولاد)، شاهوواڻي (شاهو جو اولاد)، پجياڻي (پجيي جو اولاد)، چُگهاڻي (چگهي جو اولاد)، عيسباڻي (عيسب جو اولاد). انهن پنجن پاڙن کان سواءِ، سوٺهيرن مان ٻيو هڪ پاڙو 'هيڙها' جدا ٿيو. يعني هيڙها بہ اصل ۾ سوٺهيرا آهن. سوٺيهرن مان ڪاپٽ ۽ سندس پٽ ٻپر

شاعر ٿيا، ٻہر جي بيت جي هڪ سٽ 'جمل جي جوڙ' موضوع هيٺ آندل آهي. ڪاپڻ جي هڪ بيت جي سٽ تہ:

"ڏڏو ڏبو ٽڙ ڪي تہ لڏي ويندي لام"

عارب خان شِيرو، جنهن جي نالي سان ٽاٽو عارب خان سڏجي، وڏي پاڪر وارو هو، جنهن ڪانڙا (حسڻ 'ڪاني وارو' تنهن جو اولاد) پنهور ۽ ٻيا قبيلا بہ پنهنجي پائيچاري ۾ آندا. عارب خان بابت وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ 'ڪڇهري ڇپر- ڪوهستان'.

● ڏيرا

هي علمي ۽ فاقيري گهر وارو قبيلو آهي. سنڌ ۾ شايد هي اڪيلو قبيلو آهي جنهن جو پڳدار (مُلان) علمي فضيلت جي ڪري ٿيو. شهدادپور تعلقي (هاڻي ٽنڊوآدم) ۾ سندن آبادي جي گهٽائي آهي. اڳاٽي وقت کان، غوث صاحب جي دور کان، سندن وڏا غوثي طريقي جا فقير هئا، جن مان 'سايات' (سائي ويس وارا) ۽ ڏئونريات (سفيد ويس وارا) مشهور ٿيا. اهي ' سُئي قندر جي مقام' ۾ مدفون آهن. ساياتن مان پاڙو 'ثابت پوٽا'، جن مان عرس فقير جي نياڻي شاهہ عبداللطيف جي امڙ هئي. تاريخ ٣ مارچ ١٩٧٦ع تي ڏيرن جي پاڙن جي پڇاء لاءِ حاجي منن ڏيرَي جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو، جتي ڪچهري تي جنهن ۾ متفقہ طور تي ڏيرن جا هينيان پاڙا معلوم ٿيا:

- مُلان. مُلي مکڻ جي ڳوٺ وارا، سيني جو پڳدار گهراڻو.
- ثابت پوٽا يا ثابت جيڪي جڙيي ڏيري جي ڳوٺ ۾ رهن، سي 'سايات'.
- ڏئونريات. علي محمد جي ڳوٺ وارا.
- باقلاڻي. دادي جي ڳوٺ وارا. ١٩٧٦ع ۾ عالي فقير هو. ان کان اڳ عباس فقير ۽ ان کان اڳ عالي فقير وڏو. منجهن ڪو نہ ڪو فقير ٿيندو اچي.
- اَنواڻي. جڙيي ڏيري جي ڳوٺ ۾.
- سيڪاڻي. حاجي منن جي ڳوٺ وارا.
- خان جا. سندن ڳوٺ اڳ سئي قندر لڳ هو، هاڻي سئي قندر.

ـــ جهلُوجا. ٻڍي ڏيري جي ڳوٺ وارا.
ـــ جيتمالاڻي. ڳوٺ ڏِمر (اصل ڪيرين جو ڳوٺ، هاڻي اهو سُئي قندر سڏجي).
ـــ سَهياڻي. سندن اصل 'عالم جو ڳوٺ' (جيڪو هاڻي ڦٽي ويو)
ـــ مِنناڻي. سندن پنهنجو ڳوٺ، لڳ سئي قندر.
ـــ چُٺاڻي. لڳ سئي قندر.

ڏيرن جي انهن اصل ماڳن مان پوءِ ڪي گهر لڏي ويا. راقم جو مهربان وڏيرو رسول بخش ڏيرو فريد آباد (ضلعو دادو) جو هو جنهن سان رهاڻيون ٿيون، تنهن ٻڌايو تہ سندن وڏا، اصل سئي قندر جا هئا.

● **مانجهند**

مانجهند، سنڌ جو هڪ ننڍو پر قديم قبيلو آهي جيڪو سنڌ جي اڳئين تاريخي علائقي سيوستان ۾ آباد ٿيو. اتي شهر مانجهند هن قبيلي جو مرڪزي شهر آهي ۽ پر واري سٽيشن جو نالو بہ مانجهند آهي. گذريل (ويهين) صدي جي پهرئين اڌ ۾ رئيس فقير بخش ڪاڇي مانجهندن ۽ ٻين جو سردار هو. وڏو همت ۽ حوصلي وارو هو. انگريزن جي حڪومت جي چاڙتن جي ڪاڻ ڪانہ ڪديائين. گذشتہ ويجهي دور ۾، مانجهند نالي ڪو وڏو ٿي گذريو جنهن جا ٽي پٽ: تنگئي، پنيو ۽ مريد. جن جو اولاد ٿيو. تنگئي کي بہ پٽ ٿيا: ورو ۽ نهال.

متفقہ مقامي روايت موجب، مانجهند ايران کان آيا ۽ ايراني نسل جو هڪ قبيلو آهي. مانجهندن جي سڄاڻ راوي ڏمالي فقير، وڏي مانجهند جي پيڙهي هن طرح بيان ڪئي: "مانجهند پٽ عالي پٽ سينهڙو پٽ ڏماچ پٽ ڏرت" (۽ اڳتي ان کان بالڪل متي) "پٽ عالي پٽ نوشيروان پٽ ڪيقباد"

● **ناريجا**

هي هڪ وڏو قبيلو آهي ۽ ٽالپورن جي حڪومت جي دور ۾ هنن کي وڏي اهميت هئي. حيدرآباد ۾، 'ناريجن واري مسجد' (متي

هومسٽيڊ هال، ڏانهن ويندڙ رستي تي) مشهور آهي. وچ سنڌ ۾، سانگهڙ ضلعي ۾ هن قبيلي جي گهٽائي آهي. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ به سندن آبادي آهي. پر متي خيرپور ضلعي ۾ سندن گهٽي گهاتي آبادي آهي. ١٨- فيبروري ١٩٧٦ع تي، اتي جي ناريجن جي پڳدار مرحوم وڏيري هدايت الله جي دعوت تي ساڻس ڪچهري تي، جنهن ٻڌايو ته ناريجن جا هينيان پنجويهه پاڙا آهن.

١. بَڪراڻي، اهو پڳدار گهر آهي، جنهن مان پاڻ وڏيرو هدايت الله.

باقي ٻيا هينيان چوويهه پاڙا:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٢. گهُرياڻي | ٣. خضراڻي | ٤. دوراڻي | ٥. محموداڻي |
| ٦. ڍنڍئي | ٧. هشامي | ٨. صدراڻي | ٩. عالماڻي |
| ١٠. ڪُتائي | ١١. قائماڻي | ١٢. مونگلاڻي | ١٣. گولائي |
| ١٤. صحباڻي | ١٥. خليفاڻي | ١٦. سومراڻي | ١٧. ٽڏاڻي |
| ١٨. سوناڻي | ١٩. بخشاڻي | ٢٠. عنائتاڻي | ٢١. دائوداڻي |
| ٢٢. راضلاڻي | ٢٣. بخشياڻي | ٢٤. موورياڻي | ٢٥. جليلاڻي |

● **اوٺا**

١٩٥٥-١٩٦٥ع وارن سالن ۾ پڇائون ڪندي، مختلف زبانين مان ائين معلوم ٿيو ته قبيلو اوٺا به شاخون، (الف) هڪڙا 'ڪِتائي' ۽ (ب) ٻيا ولهاري. انهن ڪانسواءِ ٻيا 'اوٺا سما' جن جو ڳوٺ سجاول لڳ آهي.

(الف) ڪِتائي (=خطائي) يعني خِطه پرڳڻي وارا. مغلن جي دور ۾، سڪرنڊ تعلقي واري ياڳي جو نالو خِط (خِطو) هو. اصل ماڳ، سيوهڻ ڪان اوير طرف 'مائيَ جا ياڻ'؛ دولتپور ڪان اوير ۾ به 'خطائي اوٺا' وينل.

ڪنهن آڳاٽي دور ۾، 'ڪِتائي اوٺا'، لاڙ طرف لڏي ويا جتي جاتي تعلقي ۾ سندن گهٽائي آهي، ۽ ڪي پاڙا گهوڙاباري، شاهبندر ۽ سجاول تعلقن ۾ آهن. سنه ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ ان طرف جي سگهڙ ڏُوري اوٺي (پاڙو، آپل جا) ۽ سگهڙ علي محمد اوٺي (پاڙو، رنگاڻي) سان ڪچهريون ٿيون. جن ڪان ان طرف جي 'ڪتائي' اوٺن جا هينيان پاڙا معلوم ٿيا:

ــ دولھہ جا: جن مان ميرن ٽالپورن جي دور ۾ نورنگ وڏي نالي وارو هو. سندس اولاد رنگاڻي (ائين) سڏجي. سگھڙ علي محمد (پٽ دريا خان پٽ نهال پٽ بچل) وينل ڳوٺ دَرياه خان رنگاڻي اوڻو تعلقو جاتي، ٻيو ڳوٺ حاجي غلام الله جو اهو ان وقت (١٩٦٠ع) حال حيات هو.

ــ ڳاهيجا: تعلقو جاتي ۽ شاهبندر

ــ لنجي جا: تعلقو جاتي ۽ شاهبندر

ــ چناڻي: تعلقو شاهبندر

ــ بکراڻي، تعلقو جاتي ۾، سجاول

ــ ٻيا پاڙا تعلقي جاتي ۾. ناتاڻي، ماڻِي جا، پنيري جا، سماڻي، آپُل جا، عمر جا، مِساڻي، وٺواڻي (اڳ ڪاري ۾ رهندڙ)، ايلساڻي.

(ب) ولهاري اوڻا يعني ولهار جا (تعلقو ٽنڊوالهيار). اهي ٽنڊي الهيار تعلقي ۽ ڏکڻ طرف تلهار ۽ ونگي ۾. درويش ڳاڙهو صدر، ملتان جو غوثي خليفو هو جنهن جي درگاهہ ڳوٺ ڪِدر (خضر) اوڻي ۾ آهي.

● **باريچا**

هي چنن جي قبيلن مان هڪ قبيلو آهي ۽ انهن جا مکيہ ماڳ محال ڪوهستان ۾ 'ٻہ' ٻيلي ٿُپ ۽ ريڪ (ر بنا زير زبر جي). جتي ١٩- صدي جي آخر ۾ گل محمد باريچو ۽ ربو باريچو هن قبيلي جا سرواڻ هئا. باريچا قبيلي جو نالو سندن وڏي 'بارِي پٽ گوڏي' تان پيو.

'ريڪ' ۾، خميني فقير باريچي سان ڳوٺ حاجي نبو ۾، ٤- فيبروري ١٩٨٦ع تي ڪچهري ٿي. چيائين تہ اصل ۾ چنا آهيون. چاڪر چنو درويش تنهن کي قلندڙ شهباز دعا ڪئي ۽ 'باري' (جنهن جو اصل نالو ٻيو هو) قلندر جي گودڙي جو بار کنيو ۽ متس 'باري' نالو پيو.

اصل ۾ ڏاڙهياري جبل جا هئا پر پوءِ هيٺ لهي آيا. شروع ۾ قلندر جي درگاهہ جي نذراني جا چار آنا باريچي سردار کي ملندا هئا.

ــ باري کي ست پٽ ٿيا: غيبي، پير براهم، پير گبر، پير مَهوند، پير عمر، شيش ۽ صدر. غيبي کي ست پٽ ٿيا. وريائو، نارو ۽ پنج ٻيا جن جو اولاد. پير براهم جو اولاد براهم پوٽا، پير گبر جو اولاد گبراڻي، پير مهوند جو اولاد مَهوند پوٽا، پير عمر جو اولاد عمرپوٽا، شيش جنهن جا پٽ نارو (اولاد ناراڻي)، ربو (جنهن جو اولاد رباڻي)، ۽ جنگل (جنهن جو اواد جنگلاڻي)، شيش جو اڏ راڄ ريڪ ۾ رهي ۽ اڏ راڄ ڪاڇي ۾. باري جي ستين پٽ صدر جو پاڙو صدر پوٽا جنهن مان اولاد ريحاڻي.

- **ٻُڪيرا**

هي هڪ ننڍو قبيلو آهي. جنهن جون ٽي مکيہ شاخون آهن. ١. بکيرا، ٢. سهٽا بڪيرا ۽ ٣. ڪَڪڙ بڪيرا.

پهرين شاخ جو وڏو شهر 'ٻُڪيرا' آهي، جيڪو تعلقي ٽنڊي الهيار جي ديهہ بڪيراڻي ۾ آهي. جنهن ۾ ملتان جي قريشي پيرن بزرگن جي درگاهہ آهي. ان شهر بڪيرا سان لڳو لڳ ڏکڻ طرف شهر 'سهٽن بڪيرن' جو آهي ۽ اها ديهہ سهٽا بڪيرا آهي، بڪيرن جي 'ڪَڪڙ' شاخ جو شهر 'ڪڪڙ بڪيرا' تعلقي ٺٽي ۾ آهي ۽ ان ديهہ جو نالو ئي 'ڪڪڙ بڪيرا' آهي.

- **شهر ٺٽي ۾ ذاتيون ۽ قبيلا**

ٺٽو سنڌ جو تاريخي شهر آهي جيڪو سمن جي دور ۾ آباد ٿيو. اڳ شهر کي آباد ڪرڻ لاءِ، سڀ کان پهريائين هنرمند ڪاسبي ۽ ڌنڌن پيشن وارا ماڻهو ويهاريندا هئا تہ جيئن ماڻهن کي گهربل شيون ملي سگهن. ٺٽي شهر جي مختلف پاڙن ۾ آباد قبيلن ۽ برادرين بابت پڇا ڪندي (هي پڇا اڻپوري رهجي وئي) معلوم ٿيو تہ اڳاٽي وقت کان اتي هنرمند ۽ ڪاسبي آباد ٿيا ۽ اڄان تائين آباد آهن. جيئن تہ:

ــ زرگر: يعني سونارا

ــ زردوز: ڪپڙي تي زريءَ جا نقش پريندڙ، ٻيا چِڪن دوز.

ــ حَمال: پاڻي پريندڙ

ــ بنارا: بڻي جو ڪم ڪندڙ
ــ ڪلاڙ: رنگ جو ڪم ڪندڙ
ــ ڪُنڀَ: اڻاوت جو ڪم ڪندڙ
ــ آگريا: آڳڙيا، لوهار
ــ ڪشمشي
ــ پُلائي
ــ صابو گر
ــ چاپائي: چاپي يا ڇاپ جو ڪم ڪندڙ

(ب) ڪي قبيلا حڪومت جي انتظامي ڪمن وارا جيئن تہ مَنصبدار، خذمتگار.

ٽالپورن جي دور ۾، ماڻ، ماپ ۽ تور جي وَٽن تي نظرداري وارو ڪاتو ”وزن ڪش“ جا نالي سان قائم ٿيو، يعني ’وزن‘ جي جانچ پڙتال ڪندڙ. هن قبيلي مان ’سومار وزن ڪش‘ سنہ ١٩٥١ع ۾ وفات ڪئي. هن پڇا وقت (١٩٥٨ع ڌاري) سندس پٽ احمد وزن ڪش حال حيات هو.

(ج) ڪي وڻج واپارا وارا: جيئن تہ دڙوائي، (ڏڙوائي)، يعني ان جي جنس جا ڏڙا توريندڙ، اوسيئڙا يعني سوداگر، ٻتواڻا (ورهائيندڙ).

(د) ٻين ذاتين وارا، جيئن تہ پڪيئڙا، پاڏا، پولڙا، هيدڙا، ٻرڙ، ڪَنيار، گدڙ ۽ مُبائي.

وڏن قبيلن مان ٺٽي جا سادات، عقيلي، ميمڻ، سبز پوش ۽ غيره آڳاٽي وقت کان ٺٽي شهر ۾ آباد ٿيا.

# ڪڇهري ڇپر_ڪوهستان

اي سڄڻ! هي ڇپر-ڪوهستان جي رهاڻ آهي. اهو سنڌ جو ڏکڻ-الهنديون پاڱو آهي جيڪو ڪراچيءَ کان اتران منگوپير ۾ گڏاپ کان شروع ٿي، اتر ۾ رني ڪوٽ تائين پهچي ٿو. اهو ٽڪرن ٽوڙن ۽ جبلن پهاڙن وارو ملڪ آهي، انهيءَ ڪري ان کي 'جبل' يا 'ڇپر' سڏيائون.* اهو سنڌ جو ڪوهستان آهي، ۽ هي ڪڇهري انهيءَ سنڌ واري ڪوهستان جي آهي. جنهن جو عام نالو 'جبل' يا 'ڇپر' آهي. شاهه صاحب سسئي جي سرن ۾ ان جو نالو آندو آهي ڇاڪاڻ جو پنيور کان اولهه مڪران ڏانهن وڃڻ واري واٽ هن 'جبل' يا 'ڇپر'(جي ڏاکڻين پاڱي) مان هئي:

جبل ۾ جا نار، سَرهہَ گڏبَئي سسئي

—

هوت نہ پانيم هينئن، ڇڏي تون ڪو ڇپر ويندين

—

ڇپر ڇَمر پانئيان، ڪانيو ۽ ڪارو

• **جبل، ٽڪر، پهاڙ.** ڪانيو جبل ۽ ڪارو جبل ٻئي ڇپر- ڪوهستان جا مشهور جبل آهن. ڇَمر معنيٰ ڪڪر، ۽ هن پاڱي جا ڇپر ۽ جبل ايڏا آهن جو ڄڻ ڪڪر آهن. سانوڻ جي مينهن ۾، ڪڪر ڪانيو ۽ ڪاري جي چوٽين کي لڳن ٿا. ڪبير شاهه پنهنجي بيت ۾ ڪاري جبل کي ڪڪر چيو آهي:

تنهن ڪاري ڪڪر ڏونگر تان اچي گس ٻڌا گونرن

ڪانيو جبل لاءِ چوٽي آهي تہ ملڪن مان ڪو فوٽ ٿيندو تہ ڪانيو مان بہ ڪا ڇپ ڪرندي، يعني ڪانيو غر ۾ پنهنجو ڪو ڳچ ڳاريندو.

---

* ١٩٦٢-٢-١١ تي وڏو سگهڙ الله بخش پالاري حيدرآباد ۾ مون سان ملڻ آيو ۽ چيائين تہ: "جبل ٿو وڃان." پڇيم تہ اتي ڪٿي؟ چيائين تہ سَرِي.

حملاٽي ملڪن جي وڏي جو نالو ڪانپوخان رکيائون، جنهن جو پٽ پاهڙ خان لس بيلي جو حڪمران ٿيو. جنگ شاهي، جهم پير، ڪوٽڙي، مانجهند، سن، عامري ۽ لڪي وارا ماڳ ڇپر- ڪوهستان جي ايرندين ڪِنار سان آهن، ۽ ڪيرٿر پهاڙن جي لانڊ ان جي اولهندين ڪنار آهي جيڪا سنڌ ۽ لس بيلي کي جدا ڪري ٿي. جنهن جبل جو نالو ٺي آهي ڪيرٿر سو اترئين پاڳي جي وچ تي آهي ۽ چڻ جبلن جو سردار آهي جيڪي ان جي چوڌاري آهن. ڪيرٿر سان لاڳو جبلن جو وڏو ڇهڇٽو آهي: اولهه طرف، اتر کان ڏکڻ تي، ميهو جبل، گڙ جبل ۽ دنبار جبل آهن. ڪيرٿر سان لاڳو ڏکڻ اولهه تي هاتارن (چراخن) وارو پنبڪ جبل آهي؛ اوپر ڏکڻ ڏي وڏو ڪانيو جبل آهي، ۽ وچ تي ننڍو رونٽو جبل آهي جيڪو ڪيرٿر ۽ ڪانيو کي جدا ڪري ٿو. ڪنهن سمي، ڪيرٿر ۽ ڪانيو پاڻ ۾ اٽڪيا تہ رونٽو وچ ۾ پيو ۽ پنهنجا ڳچ ڳاريائين پر ٻنهي کي پري جهلي صلح ڪرايائين، جيڪو اڃان تائين قائم آهي. ڪيرٿر کان مٿي اتر ڏانهن، ڪيرٿر ۽ ميهي جبل جي وچ وارو علائقو 'بارڻ' آهي جيڪو ڳبول قبيلي جو ماڳ آهي.

ڪانيو جبل اتران ڪَرچات کان شروع ٿي هيٺ ڏکڻ ڏي اچي ٿو ۽ ان جي آخري ٿوڙ کان پوءِ ڪارو جبل شروع ٿئي ٿو جيڪو گهٽو هيٺ جنگ شاهي تائين وڃي ٿو. حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ شاهي رستو باواني سيمنٽ ڪارخاني وٽان ڪاري جي گهٽ مان مٿي چڙهي ٿو. ڪاري جو اُرهہ ۽ چوٽي ان کان ڏکڻ ڏي آهن. ڪانيو ۽ ڪارو، ڇپر-ڪوهستان کي، اتر کان ڏکڻ ڏانهن ٻن پاڱن ۾ وراهين ٿا.

سنڌ جي ڪوهستان جي هڪ عجيب بناوت اها آهي جو ايرندي کان الهندي ڏانهن ويندي، اتر ڏکڻ رخ تي، جبلن جون چاڙهيون آهن، جيڪي هڪ ٻئي مٿان چڻ وڏا شاهي ٿلها آهن. پهرين چاڙهي سنڌ يونيورسٽي- ٻولهاڙي ۽ ڪراچي ويندڙ شاهي رستو؛ ٻي چاڙهي سورجاٽو ٽڪر جنهن جي ٿلهي تي 'هينيون ٽاٽو

بولا خان'؛ ٽي چاڙهي ٻاگيارو جبل جنهن جي ٽلهي تي 'متيون ٽاٽو احمد خان'؛ چوٿين چاڙهي داٿو جبل ۽ ان جي جوءِ 'وات پات'، پوءِ جبل ڦڙو ۽ جوءِ لوياچ، پوءِ جبل سگ ۽ جوءِ سَري، پوءِ سڌو اولهہ طرف جبل گنبوڪي ۽ جوءِ راهوجا، پوءِ مول جبل، مول شهر ۽ مول جي نئن.

• **نيون:** 'مول'، چپر جي مشهور نئن آهي جيڪا ڏکڻ ڏانهن سئو ڪن ميل وهي آخر وڃي نئن ملير ڪي پري ٿي، تڏهن چيائون تہ:

ملير تڏهن مرڪي جڏهن مول اتس ماء

پر چپر جي وڏي شاهي' نئن بارڻ' آهي جيڪا اترئين پاڱي مان اچي ٿي ۽ ور وڪڙ ڪندي اوير ڏانهن وڃي سنڌوندي ۾ ڪري ٿي. نئن بارڻ، ڪنهن حد تائين، چپر-ڪوهستان جي اتر ۽ ڏکڻ جو دنگ آهي.

• **جبل جا جانور:** جبل جي جانورن بابت پڇا ڪندي معلوم ٿيو تہ ڪنهن وقت هرڻ بہ گهڻا هئا پر هاڻي ڪو ڪٿي نظر ايندو. باقي ڪرچات لڳ خاص ڪيرٿر جبل ۾ سرهہ (جابلو بڪر) ۽ گڊ (گهڻا) گهڻا آهن، جو اتي رک آهي. راقم بہ اتي ڏٺن جا ڏڻ ڏنا، جن ۾ ڪي اچيرڙا سرهہ نظر آيا، چيائون تہ اهي پوڙها ٿي ويا آهن. سَرهہ جي طاقت هڪ ڪرن ۾ ۽ ٻي سڱن ۾ آهي؛ ڪر ننڍن وڏن پٿرن پاهڻن تي سوگها ڪُپن تا جو اڳتي ٽپ هڻي چڙهي ٿو. مٿان ٽيهہ فوٽ ڪن هيٺ ٽپ هڻندو تہ سڱن پر هڻندو ۽ سڱ ڪوڙي هليو ويندو ۽ ٻيو ڪوبہ بت هيٺ نہ لڳندس. مادي بہ ٻچا بہ ڪري ٿي. سانوڻ ۽ چيٽ ۾ لڳ ڪن. گڊ هڪ ٻچو ڪري. مردار جانورن مان گدڙ، بگهيڙ (بگهڙ)، هاتار (چراخ) ۽ مَمُون آهن. چيائون تہ ڪڪڙ ڪي گدڙ جو بجليءَ وانگر 'ڪرنٽ' لڳي ٿو. هينيان اچي ڏند ڏيکاريندو تہ ڪڪڙ اچي هيٺ ڪرندو. بگهڙن بابت سگهڙن چيو تہ "چوڏهين سن ۾ لڪي ويا هئا پر پندرهين ۾ اچي ظاهر ٿيا آهن." هاتار (چراخ) اڳ گهڻا هئا پر اجان بہ آهن. ڪيرٿر جبل سان لاڳو ڏکڻ اولهہ پنڌڪ جبل آهي جيڪو سڏجي ٿي 'هاتارن وارو'. چيائون تہ: هاتار سگهو آهي پر طاقت آڏو ارهہ ۽ پهرين ٽنگن ۾

اٿس. ٻڪري ۽ ننڍي ڳڌھ ڪي مٿي ڪنيو ويندو. ڳڌھ ڪي هاتار جو ڪرنٽ لڳي ٿو. ڳڌھ پري ڪان ڀڄي نہ ويو تہ پوءِ هاتار ڪي سامهون پني ڏيئي بيهي رهندو ۽ هو پيو پويان پٺيندس ڪائيندس.

**– ممر يا ٻانڊ:** سنڌ جي ڇپر- ڪوھستان ۽ ان سان لاڳو بلوچستان جي پهاڙي ڀاڱي جو جانور آهي، جنهن بابت ماڻهن وٽ ڪيئي نقل نظير ۽ ڳالهيون آهن. حقيقت ۾ اهو هڪ بندرو رڇڙو آهي، ڦيش جو ڪارو ٻج شوق سان ڪائيندو آهي. ڏُريجي جي پريان 'ساروٽي' واري علائقي ۾ اڃان ڪي ممڙا بچيل آهن. هڪ سئو سال کن اڳ، جنگ شاهي ڪان اولهہ ڪاري جبل واري علائقي ۾ ٻہ ممڙا هئا ۽ ڪن ماڻهن ڏٺا.

• **وڻ ۽ گاھ:** ڪور ۽ ڪونيٽ ڪوھستان جا ڪارگر وڻ آهن جن ۾ ڪئونر ٽئي. زامر ۽ ڪورڙ ڪوھستان جا عجيب گاھ آهن، جيڪي جبل جي پڪ مان مُڇا ٿي نڪرندا ۽ پيا لمندا لڏندا. پانهيرو وَل جنهن جي پاڄي ٽئي سا فقط ڪوھستان ۾ آهي. جبل ۾ مٿي چوپار ۽ ڪَنڻ گاھ ٽين جيڪي مال لاءِ پلا؛ پهرين نمبر ۾ چوپار آهي. چوپار سدائين سڄو سال ٽئي، اڍائي فوٽ کن ڊگهو ۽ منڍيئڙي جهڙا سنگ، مال لاءِ وڍي هيٺ ڪٽي اڇن. ڪنهن مائي جي ڍڳي جيڪا هڪ هئي گري ۽ ٻيو هنيائين لت ۽ ڪير نہ ڏهايائين، سو ڪنهن چيو تہ چوپار چاريوس. تڏهن مائي چيو تہ:

"گري اهڙا ڳڻ ئي ڪونہ ڪيا آهن جو چوپار چرندي."

• **ڇپر- ڪوھستان جون قومون ۽ قبيلا:** برفت، گبول، پالاري، جاڪرا، حماتي ۽ ٻيا ڪوھستان جا آڳاٽا قبيلا آهن. گبول، ڪراچي ڪان رني ڪوٽ تائين ڇپر جي اولهندي پاڱي ۾ آهن. ڪيرٿر جبل ۽ ميهي جبل جي وچ وارو علائقو بارڻ گبولن جو خاص علائقو آهي. مَهيري (ڪلمتي) صدين تائين مَهير جبل تي ۽ چوڌاري رهيا جنهن جي نالي تان سنڌن نالو مهيري (مهير جبل جا) ٿيو ۽ هنيدان سنڌن قبرستان آهي. حماتي پوءِ مهير جبل تي قابض ٿيا؛ پالاري ۽ جاڪرا، ڏکڻ اوپر واري پاڱي ۾ اڄ تائين موجود آهن. سڄي وچئين

پاڳي ۾ برفت قبيلا آباد آهن. ابوالفتح نالي اڳواڻ آڳاٽي دور ۾ هتان جي قبيلن کي ملائي هڪ ڪيو ۽ اهي سندس نالي پويان(ابوالفتح- بُلفت) برفت سڏجڻ لڳا. ڪن روايتن ۾ ”بلفت بلوچ“ آهن. روايت موجب آڳاٽو برفتن جا ٻہ ’سردار هئا‘ عيسب ۽ مُهميد. مهميد ۾ بلوچ قبيلا هئا جن جو سردار گهر براهماڻي. ڪنهن وقت ڏاڪٽين علائقن ۾ ڪي نَوَ اڳواڻ ساماڻا جن کي (فارسيءَ ۾) ’نه مرد‘ يا (سنڌيءَ ۾) ’نومڙيہ‘ سڏيو ويو پوءِ سنڌ توڙي لس ٻيلي جي لاڳو سرحد ۾ انهيءَ نالي پويان، ڪن راڄن کي نومڙيا سڏيو ويو. گذريل صدي جي وچ ڌاري، لس ٻيلي بابت تحقيق ڪندي، ائين پڻ معلوم ٿيو تہ لس ۽ ڪراچي جا واٽيا، چپر ۽ لس جي سرحد وارن عام مسلمانن کي نومڙيا چوندا هئا. ١٨- صدي جي پوئين اڌ ۾، ڪلهوڙن جي دور ۾، ڏاڪٽين ڪوهستان ۾، جام ٻجار جي اثر رسوخ سان جوکيا طاقتور ٿيا، ۽ اتر- اوڀر واري علائقي ۾ ڪوسا آباد ٿيا.

اي سڄڻ! ڄاڻ تہ ’برفت‘ نالو ڪنهن هڪ قبيلي جو ڪونهي، پر اهو ’قبيلن جي ڪٺ‘ جو نالو آهي، جنهن ۾ گهڻا قبيلا شامل رهيا آهن. روايت موجب آري بَدو نالي سردار کي چار پٽ هئا: لُهار، حمل، ٻاٻڙو ۽ باديڻ يا حسن. انهن جو اولاد لهاراڻي، حملاڻي ۽ ٻاٻڙاڻي. باديڻ جو اولاد مردوئي هت ڪونہ رهيو ۽ مينگل برادري ۾ گڏجي ويو. انهن سان رند سردار براهم جو اولاد براهماڻي شامل ٿيو. اهي سڀ ’برفت ڪٺ‘جا اڳواڻ ٿيا. لهار فقيري اختيار ڪئي ۽ پڳ حمل تي آئي. حمل کي پنج پٽ ٿيا. ڪانيو، سينڌل، بيدي، جان نثاري، چاڳلو ۽ ڏٽي ڏنو. انهن جو اولاد ڪانيواڻي، سينڌلاڻي، بيدياڻي، جانثاراڻي، چاڳلي پوتا ۽ ڏٽياڻي. اهي سڀ حملاڻي جن سان براهماڻي (رند ۽ ٻيا بلوچ) پائيچاري ۾ شامل ٿيا. اهڙيءَ طرح برفت اتحاد مضبوط ٿيو، پر سنڌن سياسي طاقت تڏهن وڌي جڏهن ١٨- صدي جي شروع ۾ ’پاهڙ خان‘ ڪانيواڻي لس ٻيلي جو مَلڪ ۽ (حڪمران) ٿيو. مگر پوءِ

ڪلهوڙن جي دور ۾ سندن طاقت گهٽجي جو ميان يارمحمد حملو ڪري پاهڙ خان کي شڪست ڏني. ميان غلام شاهه بعد ۾ جام بجار جوکيي کي زور وٺايو ۽ هو طاقتور ٿيو: هن، ملڪ پاهڙ خان جي وفات بعد سندس حملاٽي قبيلي سان جنگيون ڪيون ۽ لس بيلي جي جام عالي جي مدد سان برفتن کي ملير جي اتران بي دخل ڪري نئن بارڻ تائين پوئتي هٽائڻ جي رٿ رٿي. پوءِ جوکين 'بارڻ جي سيري' تي قبضي لاءِ ٽي چار حملا ڪيا پر برفت راڄدارن مقابلا ڪري کين هٽايو. تڏهن جام بجار، لس بيلي جي جام عالي (ف. ١١٨٠ھ/١٧٦٦ع) سان وڏو لشڪر وٺي چڙهائي ڪئي.

"عالي بجار آئيا جهان جهان ڪري جهام"

'سيري جاگير' عزت خان (بن ملڪ پاهڙ خان) جي هئي، جيڪو اڃان ننڍو هو ۽ قلات جي خان وٽ مدد لاءِ ويل هو، برفت اتحاد ۾ شامل سيني قبيلن جو لشڪر پوري تياريءَ سان دريا خان چاڳلي پوٽي جي اڳواٽي هيٺ اونگر پهتو.

"اونگر اوتاران، پرم ڏٽي بارڻ جا"

هي 'بارڻ يا سيري واري جنگ' جام بجار حرفت ۽ حيلي سان کٽي. صلح جي جهنڊي ڏيکاري لشڪر پوئتي هٽائي ڇڏيائين. صلح جي سببان برفتن جي راڄدارن جو گهڻو لشڪر هليو ويو ۽ باقي وڃي کي اڳواڻ ۽ ٿورو لشڪر رهيو. تڏهن جام بجار جي لشڪر طرفان چاڪر حملو ڪيو، جنهن ۾ برفتن جي طرف جا ستر اڳواڻ، سڪر ۽ چڱا مارجي ويا. انهن ۾ هينيان حملاٽي اڳواڻ شامل هئا: دريا خان ۽ پاٽس جنگي خان (چاڳلي پوٽا)، دريا خان جا پاٽيجا ديگي خان ۽ مرزا يا مزار (ڏٽياٽي). حملاٽين سان گڏ سندن ساٿياري براهماٽي ۽ ڪي لهاراٽي هن جنگ ۾ وڙهيا جن مان عارب خان بچيو باقي بيا گهڻا مارجي ويا.

ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپورن ڇپر- ڪوهستان ۾ حملاٽي ملڪن جي عزت عظمت بحال ڪئي ۽ پڻ راڄدارن ۽ سربراهن کي

مان ڏنو ۽ اهي ڇپر-ڪوهستان ۾ پنهنجن پنهنجن ماڳن تي مستحڪم ٿيا. چار 'ٽاٽا' مرڪز ٿيا ۽ راڄن راڄدارن جي نالن سان بيا 'مڪان' محڪم ٿيا. اهڙي طرح ڇپر-ڪوهستان راڄن جي رضامندي ۽ طاقت وارو علائقو ٿي ويو ۽ ٽالپورن پوءِ اتي سنڌ جي طاقت ۽ عظمت جو نشان رني ڪوٽ قلعو قائم ڪيو.

## چار ٽاٽا چاليهه مڪان

ان وقت کان وٺي چار 'ٽاٽا' ۽ چاليهه کن 'مڪان' ڇپر-ڪوهستان جي سڃاڻپ جا نمايان نشان رهيا آهن.

• **ٽاٽو احمد خان:** ڪانيو خان حملاٽي جي اولاد مان ملڪ پاهڙ خان ٿيو، جنهن لس ٻيلي ۽ ان سان لاڳو ڇپر- ڪوهستان (بارڻ) تي حڪومت ڪئي. ملڪ پاهڙ خان جي وفات بعد سندس گهر واري ٻيبي چاڳلي حڪومت هلائي. ڪجهه وقت بعد ڪنراڄ جي جام عالي ڪيس ٻي دخل ڪيو ۽ هو پنهنجو پٽ عزت خان جيڪو ننڍو هو تنهن کي ساڻ ڪري سنڌ ڏانهن نڪري آئي ۽ اچي 'ڪَنڊ' ۾ رهي. اهو ماڳ اڄان تائين سڏجي ٿو 'چاڳلي جي جهڪي' (چن). پوءِ مير فتح علي خان وڏي مان شان سان سندس واسطي انتظام ڪيو جو اچي ڪونڙي ۾ رهي جتي مير فتح علي خان جي دور ۾ سنه ١٢١٢هه (١٧٩٧ع) ۾ وفات ڪيائين. عزت خان جو فرزند صوبدار خان ٿيو، جنهن کي مير فتح علي خان سڀ انتظامي اختيار ڏيئي صحيح معنيٰ ۾ 'ڇپر جو مَلڪ' ڪيو. پوءِ ڳ[illegible]ياري ۾ سندس فرزند احمد خان جي نالي سان موجوده' ٽاٽو احمد خان' انتظامي مرڪز ٿيو جنهن کي اڄ تائين اهميت آهي. هن وقت سيني برفت راڄن جو وڏو ملڪ حملاٽي سردار آهي. پاڪستان کان اڳ ۽ پوءِ واري دور ۾ ملڪ سڪندر خان (بن سردار خان بن صوبدار خان بن سردار خان بن صوبدار خان بن احمد خان بن وڏو صوبدار خان) وڏي اثر رسوخ وارو هو، جنهن سان راقم جون رهاڻيون رهيون.. هن وقت (٢٠٠٦ع) سندس فرزند ملڪ اسد خان ڇپر-ڪوهستان جي گهٽي پاڳي تي شامل نئين ناهيل ضلعي جو ناظم آهي.

● **ٽاٽو بولا خان**: هي ٽاٽو بہ ٽالپورن جي دور ۾ ساڳئي وقت قائم ٿيو. حمل جي پاءَ ٻاٻڙي جدا پڳ ٻڌي هئي جنهن جي اولاد مان بولا خان (بن صفر بن دودن بن بهادر بن ٻاٻڙو) جي نالي سان ٽاٽو قائم ٿيو. بولا خان بہ ملڪ جي لقب سان پنهنجن اتحادي راڄن جو سردار هو جن ۾ ٻاٻڙا، پالاري، حماتي، ٽينگيا، تارا، هيلايا، گندرا، ٻبر ۽ بحراڻي بلوچ شامل هئا. ملڪ بولا خان (وڏي) جو پٽ حيدر خان جنهن کي بہ پٽ ٿيا ملڪ بولا خان (ٻيو) ۽ هارون خان. ملڪ بولا خان (ٻئي) جي وفات ڪانپوءِ، ٻاٻڙن جي جدا سرداري ختم ٿي ۽ پڳداري حملاڻي ملڪ سڪندر خان تي آئي جنهن جو فرزند ملڪ اسد خان آهي.

هينيان بہ ٽاٽا، جن جو ذڪر جدا طور گهٽو مشهور نہ ٿيو چاڪاڻ جو اهي حملاڻي ملڪ سان ئي شامل رهيا. هت انهن جو ذڪر تفصيل سان ڪجي ٿو.

● **ٽاٽو شهبيگ**: هي ٽاٽو متين بن ٽاٽن ڪان پوءِ، حمل جي پٽ چاڱلي جي اولاد مان شهبيگ جي نالي سان سڏيو ويو، جنهن نئن مول جي ڪنڌي سان پنهنجو ڪوٽ ڪڍايو. اهو ماڳ پوءِ 'مول شهر' ٿي ويو ۽ شهبيگ جو اولاد 'نئن مول' جي ٻئي طرف وڃي وينو، جيڪو ڳوٺ سوڀو خان حملاڻي سڏجي. مول وارا چاڱلي پوٽا ٽاٽي احمد خان جي حملاڻي ملڪ جا جنگين جهيڙن ۾ سپه سالار هئا. دريا خان چاڱلي پوٽو بارڻ واري جنگ ۾ اڳواڻ هو. باوجود ان جي سندن سوڻن سينڌلاڻين کي وڏيڪ سَهہ ملندي هئي، جو چيائون تہ:

"سيري ويل سينڌلاڻي، مرڻ ويل مول وارا"

ان مان ظاهر آهي تہ 'مول' ئي ٽاٽو شهبيگ هو. سندس اولاد مان وڏي سڃاڻ ۽ لائق مرحوم رسول بخش (بن موڻڻ خان بن ڪريمداد) ۽ باهمت نوجوان اديب محمد زمان (بن پني لڏو بن جمن خان بن ڪريمداد) سان راقم جون ٢- آڪٽوبر ١٩٨٥ع تي ۽ ١٩٨٦ع ۾ سندن ڳوٺ سوڀي خان حملاڻي ۾ ڪچهريون ٿيون.

● **ٽاٽو عارب خان:** هي ٽاٽو ڦهرين ٻن ٽاٽن واري وقت ۾ عارب خان براهماڻي (رند) جي نالي سان قائم ٿيو. متي بارڻ- سيري واري جنگ جو ذڪر ٿيو آهي؛ ان جنگ ڪان پوءِ جڏهن ٽالپور حڪمران ٿيا تہ مير فتح علي خان ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ خاطر، ڄام ٻجار جوکيي تي زور رکيو تہ هو پنهنجن ٻن وڏن پاڙيسري قبيلن يعني برفتن ۽ ڪَلمتين سان صلح ڪري. ڄام ٻجار ان ۾ راضي هو پر سندس پٽ چاڪر جيڪو وڏو بهادر هو سو ڏنگو هو ۽ پنهنجي بهادريءَ جي زور تي پئي سيني سان وڙهيو. قدمن واري مقام (ميرپورساڪرو) ۾ ڪلمتين جا ڪانڌي ماري وير وڏايائين، ۽ بارڻ- سيري واري جنگ وقت صلح جي ڳالهين ڪي ڦٽايائين، ۽ ان جنگ ۾ عارب خان جي پياءُ فتح خان ڪي ماريائين. پوءِ ڄام ٻجار جڏهن صلح لاءِ مَلڪن سان ڳالهايو تہ ٻين ڪونہ ڪڇيو بلڪي عارب خان چيو تہ آءٌ پلاند ڪندس، صلح پوءِ ٿيندو.

چاڪر ڄڄ ڪري شادي تي تي ويو جو عارب خان پنهنجا مڙس ساڻ ڪري وڃي راهيجي وارو گس جهليو. بارڻ واري جنگ ۾ موٽيي لهاراڻي ۽ مول جي اوباهيَ برفت جا پاءِ بہ مئا هئا: اهي ۽ سيدي نالي ڇورو بہ اڃي عارب خان سان پيڙا ٿيا هئا. عارب خان وٽ بندوق هئي ۽ فير ڪري چاڪر ڪي ڄاڻ ڏنائين. بالاخر جڏهن منهن مقابل ٿيا ۽ چاڪر سڌو هليو آيو تہ ڦهريائين سيدي ڇوري چاڪر ڪي بندوق هڻي پر چاڪر هليو آيو. پوءِ عارب خان بندوق هنيس جا بت مان نڪري ويس پر چاڪر ڪري وري اٿيو ۽ عارب خان تي هليو آيو جنهن ٻي بندوق ڪانہ هڻي ۽ هڪل ڪئي تہ: هاڻي ڇڏيوس جو ڪريل مڙس هليو تو اڃي سو پلي اڃي مونکي ماري! چاڪر ترار هڻي جنهن جي چوٽي وڃي عارب خان جي ڪلهي ۾ لڳي پر چاڪر پوئتي وڃي ڪريو.(١)

(١) وڌيڪ لاءِ ڏسو ڪتاب 'جنگ ناما'، باب اٺون 'راهيجي واري جنگ'. راقم بہ ڪتاب 'ٻيلاين جا ٻول' ۽ 'جنگ ناما' آڳاٽو لکيا. ان وقت عارب خان بابت صحيح معلومات گهٽ مليا. ڪتاب جنگناما ۾ مون لکيو تہ راهيجي وارو مقابلو لهاراڻين برفتن ۽ چاڪر جوکيي جي وچ ۾ ٿيو: صحيح ائين تہ عارب خان براهماڻي ۽ چاڪر جوکيي جي وچ ۾ ٿيو- نبي بخش

عارب خان جو وڏو نالو ٿيو ۽ سندس نالي سان ٽاڻو عارب خان مشهور ٿيو. ڇھہ راج سندس سرداري ۾ ٿيا، براهماڻي، شهڻا، سوٺهيرا، هيڙها، ڪاسوٽا، ڪانڙا، پنهور. برفتن جي ڪٽ ۾، عارب خان حملاڻي ملڪ کي وڏو ڪري تسليم ڪيو ۽ ملڪ سان گڏ رهيو. هن وقت (٢٠٠٦ع) تائين اهو اتحاد قائم آهي. ٽاڻي عارب خان جو موجوده پڳدار محمد صالح خان آهي، جيڪو عارب خان جي پيڙهي مان آهي (محمد صالح بن محمد صادق بن حاجي مير خان بن عارب خان(ٻيو) بن مير خان بن عارب خان (وڏو) جنهن جو ٽاڻو).

● **محال ڪوهستان جا مڪان.** انگريزن جڏهن سنڌ تي قبضو ڪيو تہ سڄو ڇپر- ڪوهستان سندن مخالفت ۽ مزاحمت وارو علائقو بنجي ويو. چارلس نيپيئر خطرو محسوس ڪندي تہ متان ڪوهستان جا ملڪ ۽ راجدار رني ڪوٽ قلعي تي قبضو ڪن، ڪراچي مان پنهنجي وڏي عملدار ڪليڪٽر پريڊي (Preedy) کي موڪليو تہ قلعي جو معائنو ڪري رپوٽ ڏئي. هن قلعي جي تعمير بابت تفصيلي رپوٽ ڏني ۽ ڄاڻايو تہ نئن رني جيڪا قلعي وچان لنگهي ٿي، تنهن قلعي جا دروازا لوڙهي ڇڏيا ۽ انهيءَ ڪري هي قلعو محفوظ ناهي ۽ طاقت جو مرڪز نٿو ٿي سگهي. ان ڪانپوءِ انگريزن ڪراچي کان رني ڪوٽ تائين سڄي ڇپر-ڪوهستان تي سختي ڪئي جنهن تي ٽاڻن ۽ مڪانن طرفان مزاحمت ٿي ۽ اتي نوان قانون هلي نہ سگهيا. ٽيهن چاليهن سالن کن جي وڏي عرصي کان پوءِ سنڌ جي ڪمشنر محسوس ڪيو ۽ بمبئي جي گورنر کي ميڄايو تہ ڇپر-ڪوهستان ۾ ٽالپورن جي دور واري راڄن جي رضامندي ۽ ذميداري واري پاليسي تي عمل ڪرڻ سان ئي هتي امن قائم ٿي سگهندو. پوءِ بمبئي ڪائونسل ۾ اهڙي پاليسي بحال ٿي جو ٽاڻن ۽ مڪانن جي سرڪردن کي اندروني طور امن قائم ڪرڻ لاءِ اختيار ڏنا ويا. ڪوهستان سان لاڳو سيوهڻ تعلقي جي مڪانن (پوڪڻ، ڏل، مليري، بدرو، راڌڪ، بنڌڻي)، ڪوٽڙي تعلقي

سان لاڳو مڪانن (سَليو، ٻنڌ ويروهه، ليلاڻ، ڪنڌير جيڪي ڪوسن راڄن جا) ۽ ٿني تعلقي ۾ جهم پير طرف وارن ڪن مڪانن ڪانسواءِ، باقي سڄي ڇپر-ڪوهستان کي 'محال' (تعلقي ڪان ٿورو گهٽ) جو درجو ڏيئي 'محال ڪوهستان' جي هيٺين اناويهين مڪانن لاءِ اتي جي راڄن جي اڳواڻن کي ساليانې وصولي تي پٽا لکي ڏنائون ۽ اندروني امن لاءِ ذميوار ڪيائون.

مڪان ٽڪو بارڻ، مڪاندار ننگر خان سهتاڻي گبول

مڪان ٽونگ، مڪاندار ندو خان لُهاراڻي

مڪان ٻيلي ٽپ، مڪاندار گل محمد باريجو

مڪان ريڪ، مڪاندار رٻو باريجو

مڪان مول، مڪاندار، موتڻ خان حملاڻي

مڪان پوڪڙ، مڪاندار عبدالڪريم گبول

مڪان رني ڪوٽ، مڪاندار عبدالرحمٰن گبول

مڪان ڪرچات، مڪاندار بجار (موسو برفت)

مڪان باٺارو ڪرچات، مڪاندار آزاد خان ڪوسو (۽ ڪڇهه رند)

مڪان ڪوتراڇ، مڪاندار لال خان رند

مڪان ٻچاڻي، مڪاندار موريو شهٽو

مڪان ڳجوري، مڪاندار ڪوسو

مڪان واهي عارب خان، مڪاندار حاجي مير خان براهماڻي

مڪان ٽاٽو عارب خان، مڪاندار = = = =

مڪان پال، مڪاندار مَلڪ سردار خان حملاڻي

مڪان ڳاڱيارو(ٽاٽو احمد خان)، مڪاندار سردار خان حملاڻي

مڪان لوياڇ، مڪاندار خدا بخش لالاڻي برفت

مڪان لوياڇ، مڪاندار ملڪ دودا خان

مڪان سَري، مڪاندار انڙ خان پالاري

مڪان ڪاپَٽ، مڪاندار صاحبڏنو پالاري

مڪان ڏيسوهي (ٽاٽو بولا خان)، مڪاندار ملڪ بولا خان

مڪان هَٿل بُٽ، مڪاندار وريل ڱُڙيرو (برفت)
مڪان ٻبر ٻنڌ، مڪاندار حاجي وليداد جوکيو
مڪان ڪَلُو، مڪاندار ملڪ بولا خان
مڪان اٺ پلاڻ، مڪاندار پيارو پالاري
مڪان ڪنڊي ترائي، مڪاندار ملڪ ابراهيم خان
مڪان ڏماچ، مڪاندار بَيدي خان حملاڻي
مڪان ٽرڪ، مڪاندار دورو خان پالاري

راڄدارن جي ذميواري واري انهيءَ انتظام سان امن قائم رهيو ۽ ڇپر- ڪوهستان ۾ سڀ راڄ پنهنجن ماڳن تي خوشحال رهيا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن سنڌ ۾ جاگيرون رد ڪرڻ وارو قانون بحال ٿيو تڏهن ڪنهن کي خيال ۾ آيو ته محال ڪوهستان جي راڄدارن جا اهي 'پٽا' به جاگيرون آهن ۽ اهي رد ڪيائون. اهڙيءَ طرح ملڪ ۾ امن امان ۽ خوشحالي کان وڌيڪ قانون کي اهميت ڏنائون.

● **ڇپر-ڪوهستان جي ٻولي:** ڇپر-ڪوهستان جي ٻولي، اولهه طرف وڃي لاسي (لس ٻيلي جي) سان لڳي ٿي جنهن جو تفصيل ڪتاب ٻيلاين جا ٻول ۾ ڏنل آهي. ڇپر جي ٻولي ساڳي سنڌي آهي، پر جيئن سنڌ جي ڪن ٻين ڀاڱن ۾، تيئن هتي جي ٻوليءَ جا پڻ ڪي خاص لفظ ۽ اصطلاح آهن جن تي اجان تائين پوري تحقيق نه ٿي آهي. چڱي خاصي جاڻ بعد محسوس ٿيندو ته ڇپر جي ٻولي مٺي ٻولي آهي. هن ۾ نون واري گهٽائي ڪانهي: خوشامدي بيانن کان خالي آهي: سُپڪ سوٽ ٻولي آهي جنهن ۾ ڊيگهه ڪانهي. مثال خاطر، هيٺ ڪن ٿورن لفظن ۽ محاورن جو ذڪر ڪجي ٿو.

— ڪُٽو= انجام: هني جو ڪٽو اڳٽو، يعني هن جي اڄڻ جو انجام اڳاٽو.

هتي جي ٻولي 'آءٌ' بدران 'مان' آهي ۽ 'سون' بدران 'سين' آهي. وَنداسين يعني وينداسين. ڇندو (ڇ جي زير سان) معنيٰ ٿيندو، ۽ ڇئي ٿو يعني ٿئي ٿو. ڇا ۽ ڪهڙو لاءِ هتان جو لفظ 'ڇو'

آهي. اڇان بدران اڇين ٻالهائبو: اڇين تو يعني اڇان ٿو. آيو بدران آئو چئبو. پٺائي صاحب به هي لفظ آندو آهي ته "پاڻي پٽيهل ۾ اڳيون نه آئو." ظرف جي معنيٰ وارا به خاص الفاظ آهن. پار يعني پاسي يا طرف: او ٿاڻي پار آهي، يعني اهو ٿاڻي (بولا خان يا احمد خان) طرف آهي. ڪاها= ڪهڙا، ڪاهو= ڪهڙو. ڪاهو ڇو آ= ڪهڙو ٿيو آ.

ٺران= هينان، ٻُڻ مان= منڍ مان، هِيان= هتان، ڪِيان= ڪٿي، پَران= وٽ ("ابا پران آ" يعني ابا وٽ آءُ). ڪوٺو= سولو پٽ يا سولو پنڌ، ٻاڪري= سنهي يا هلڪي، پاهي= ٿلهي، پاهو مال= رڍون، ميهو مال= مينهون، هيڪڙي= هڪڙي. بينا= وينا. بيني بيني= ويني ويني. رواڻڻ= روانو ڪرڻ، اڇيندو= ايندو. وِسوُڙڻ= وِسهڻ.

ڪي مٿيان الفاظ مون واڻ ڪنڊ ۾ موئيدان طرف ٻڌا. ملڪن جي ٿاڻن طرف واري ٻوليءَ جا ڪي انوکا الفاظ ۽ جملا جيڪي مون ٻڌا سي هيٺ ڏجن ٿا.

- 'ڇو چئي'= ڇا ٿئي، گهرين جي اڳي= گهرن جي اڳيان. حاضر آهين= حاضر آهيان. مان به واڍوڙجي آئو اهيان= مان به ڦٽجي آيو آهيان. اها ئي ڳالهاتائين، يعني اها ئي (ڳالهه) ڳالهايائين. دريا خان ٿو مارين= دريا خان ٿو ماري
- مانڪِ ڳوٺي تماڪ جي ڏي ته چڪي ڏسين= مونکي تماڪ جي ڳوٺي ڏي ته چڪي ڏسان. وناڻ= وڄت، ساز. ساريتا= چڱا مڙس

ڪانڌيرو پالاري پوليس ۾ سپاهي هو. مڙس سچو ۽ همت وارو، پر ڊريس ڪڏهن سولي ڪري ڪانه پاتائين. ان وقت ايوب خان (لس ٻيلي جو) ڪماني هو. انسپيڪشن تي آيو ته ڪانڌيرو به قطار ۾ بينل هو. پنهنجي بندوق مٿان صاف به ڪانه ڪئي هئائين. ڪماني چيس ته بندوق صاف رک. ڪانڌيري جواب ڏنو ته: "اِيءَ جو بندوبست ڇندو" (انهيءَ جو بندوبست ٿيندو). پٺڪو به سولو ڪري

ڪونہ ٻڌو هئائين. ڪماني چيس تہ چيائين تہ: ”ايءَ جو بندوبست چندو!“ ڪانديري ٻيڙي دڪائي هئي پر تڪڙو سڌ ٿيو هو سو وسائي ڪن جي مٿان هنيائين ۽ پريڊ وقت بہ لڳي پئي هئي. جڏهن گڪماني اشارو ڪري ڏمڪايس تہ چيائين تہ ”صاب! ايءَ جو بہ بندوبست چندو!“ پوءِ پڇيائونس تہ تو ڪن مان ٻيڙي ڪڍي اڇلي چو نہ ڇڏي! چيائين ”مان جو مغز جڙي ويو.“ يعني ڦري ويو.

● **محفلون ۽ مارڪا**

اي سڄڻ! محفل مارڪي لاءِ، دَنبورو ۽ سُرندو ڇپر جا وڏا وِناڻ (ساز) آهن ۽ ’موروڃڻ‘ ڇپر جو قومي نغمو آهي. ڇپر ۾ انهن سازن وڄائڻ توڙي موري ڳائڻ وارا وڏا مشهور ٿي گذريا. راقم ١٩٤٥ع ۾ سدا ملوڪ سُرندي وڄائيندڙ عَلڪي (علي محمد) ڪي ٻڌو، علڪي جو پيءُ فقيرو بہ وڏو ڪاريگر هو. سندس وقت ۾ ڇپر ۾ ٻيو اهڙو ڪونہ هو. گهڻو آڳاٽو ٻيروڪو فقير ويٺل ساندهہ (موئيدان ڪان اولهہ، لس ٻيلي جي حد ۾) سرندي جو ملوڪ هو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ عوٿو (عثمان) ٿيو جنهن جو پٽ فقيرو جنهن جو پٽ هو علي محمد (عَلڪو). تونگ لڳ، عارب جي واهي ۾. ساماڻو فقير سيڪاراٽي سمارپوٽو سرندي جو ڪاريگر هو (١٩٨٥ع ۾ جيئرو هو، عمر اسي ورهيہ). ١٢- مئي ١٩٦٠ع تي ٽاٽي بولا خان ۾ وسندمل وٺ ڪيل ڪڇهريءَ ۾ اسحاق ماڇي (عمر ٥٥ سال) سرندو وڄايو ۽ منو وڄايائين. پر چيائين تہ ’هن وقت ساماٽي جهڙو ٻيو ڪونهي؛ ساماڻو علڪي ڪان گهڻو آهي.‘ ڪراچي داڙون فقير هو جنهن پاڪستان ڪان پوءِ گذاريو. گيڙو پٽڪو ٻڌل، سرندو ساڻ ڪنيو، ڪراچي ۾ سولجر بازار ۽ ٻين جاين تي پيو هلندو ۽ وڄائيندو هو. مون داڙون فقير جو فوٽو موسيقي بابت پنهنجي انگريزي ڪتاب مٿان ڇاپيو.

پوئين ويجهي دور ۾، ٣ فيبروري ١٩٨٦ع تي مول ۾ ملڪ رسول بخش وٽ ڪڇهري ٿي جنهن ۾ يعقوب فقير مگٽهار سرندو وڏي ميناج سان وڄايو.

دنبورو گهٽا تا وڄائين. جهنگ- ڪَنڌ ۾، جان محمد احمداڻي رونجهي وٽ ڪيل ڪچهريءَ ۾ بچل انگياڻي دنبورو وڏي لئي سان وڄايو. چيائين تہ: ڏنو فقير انگياڻي دنبوري ۾ سيني جو استاد هو. اهڙو ٻيو ڪونہ ٿيو. نڙ ۾ ڪَنٗ وڄائڻ جو بہ ڪاريگر هو. اڳ وڏو ٻچو فقير انگياڻي، دريجي جو، دنبوري جو ملوڪ هو. راقم ڪندُو فقير انگياڻي کي ٻڌو جيڪو ١٩٨٥ع کان تورو اڳ گذاري ويو.مون سان اسان جي ڳوٺ ٨- آڪٽوبر ١٩٧٥ع تي ملڻ آيو: ڪچهري تي ۽ دنبوري تي واهہ جا لئي لاتائين. جوڳ تمام مني وڄايائين. معذور ڪيائين ۽ چيائين تہ جوڳ سان ملي ٿي. چيائين تہ: ’انگياڻي‘ فقير، سڀ وڏي انگئي جو اولاد آهن، جيڪو انگئي جي ڊوري (ٺنڍي رحيم خان جمالي کان پريان) تي ڄائو. چيائين تہ آءٌ انگئي جي اٺين پيڙهي ۾ آهيان (ڪندو پٽ لوهيڙو پٽ سچيڏنو پٽ سومار پٽ جاڙو پٽ ٻبر پٽ سوڇي پٽ انگئي). دوسو چٽو تنهن کان سندس ڀائيٽيو لونگ جمعو دنبورو سکيو. ١٩٧٥ع ۾ ڪندو فقير جو ڀائٽيو محمد هارون سان گڏ، ٽي، وي ڪراچي تي وڄائيندو هو. عبدالله انگياڻي، مشهور نڙائي شاهو ٻکڪ سان گڏ وڄائيندو هو.

مورو چپر جو خاص نغمو آهي ۽ مرد توڙي عورتون شوق سان ڳائين. مائي مريم گدي مورن ڳائڻ ۾ مشهور ٿي. ”مُوسل وارو مورو“ (يعني موسي لاسي وارو مورو) وڏي لئي سان ڳايائين.

مشهور موري ڳائيندڙ طالب پالاري سان مون راقم گهٽا مارڪا ڪيا. سندس جوڙ پير بخش خاصخيلي هو جيڪو موري کي ڏاڍر ۽ ڏمڪن سان ڳائيندو هو. طالب جهڙو ميناج ۽ مينڊن مرڪن سان مورا ڳائيندڙ ٻيو ڪونہ ٿيو. آءٌ ڪيس ان وقت جي مشرقي پاڪستان ۾ ڍاڪاوني ويس ۽ وڏي لئي لاتائين. ’مورو‘ مجازي محبت جو گيت آهي، عاشق جي اندر جي آهہ ۽ التجا آهي. مول ۾ ڪچهري ڪندي (٣ فيبروري ١٩٨٩ع) ڪنهن چيو تہ:

مورن منجهان مجاج ڪي جيڏائي جاڳن تا
مورن منجهان مچ ڪي دل ۾ دکن تا.

ان ڪچهري ۾ لالُو مگڻهار خوش طبع ۽ چرچائي هو، جنهن ڪي ملڪ رسول بخش مهرباني ڪري اسان سان تونگ وڃڻ لاءِ سونهون ڪري ڏنو. مون ڪانئس پڇيو ته هت ڪو ڪافين چوڻ وارو يا پڪي راڳ ڳائڻ وارو به مشهور ٿيو؟ لالو چيو ته: ”سائين، ڇپر ۾ موري ڪان سواءِ ٻي ڪا واھ ئي ڪانهي! ٻيل ٻيو ڪهڙو به راڳ هلي، پر مورو ڏبو ته مڙس ايا ٿي ويندا!“